بيو وارتائون

سنت وسڻ شاھ


شاھ لطيف

شري لوڪمانيہ تلڪ


مهاتما گانڌي

دادا جشن واسواڻي

سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

سوامي ٽيئونرام مهاراج

ساڌو ٽي ايل واسواڻي

نسيپال ڪي اير ڪندناڻي


بئريسٽر هوتچند آڏواڻي

ليکڪ: ڊاڪٽر ديال 'آشا'

A-3(56)

ريڊيو وارتائون

منعف

ڊاڪٽر ديال ڪوڙومل ڏاميجا ”آشا“
سوامي شانتي پرڪاش نواس
اُلهاسنگر ٠٠٥ ٤٢١

ملهه ١٢٠ روپيا

ڊسمبر ٢٠١٦

پرڪاشڪ
ڪشنچند ٽيڪمداس آهوجا
بلاڪ سي ٤٩ اُلهاسنگر ٠٠٤ ٤٢١

R.K.T. English School UNR-1
Reference 56
LIBRARY
15 MAR 2017

روحاني رهنما شاهہ لطيف

سنڌي شاعرن جو سرتاج شاهہ عبداللطيف ڀٽائي اعليٰ درجي جو مايناز شاعر بہ هو تہ ڪامل درويش روحاني رمزن جو ماهر بہ هو. هي صاحب پهرين روحاني راهہ جو راهگير هو پر ڌڻيءَ جي عبادت ڪندي ڪندي روحاني رهبر بڻيو. هن صاحب پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ سوَن جي سونهپ ڪئي. سندس ڪلام اڄ بہ اسانجي رهبري ڪري ٿو ۽ آئيندهہ بہ سندس شعر اسانجي سونهپ ڪندو رهندو. سندس ڪلام جي دائما اهميت آهي. سندس ڪي بيت وهنوار لاءِ بہ راهہ روشن ڪن ٿا. روحاني راهہ ۾ اسين ڪيئن ترقي ڪريون، ڌڻيءَ در ڪيئن قبول پئون ان لاءِ شاهہ صاحب سهڻيون صلاحون ڏئي ٿو. سندس بيت رواجي بيت ڪين آهن. شاهہ لطيف پاڻ هي آکيو:

جي تون بيت ڀائين سي آيتون آهين،

نيومن لائين پريان سندي پار ڏي.

شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ دنيوي پريم جون ڪهاڻيون پيش ڪندي اُنهن کي روحاني رنگ ڏنو، تصوف ۽ ويدانت جا ڳوڙها مسئلا انهن ڪهاڻين ذريعي سمجهايائين. سهڻي ميهار، سسئي پنهون، مومل راڻو، عمر مارئي، ليلا چنيسر، نوري ڄام تماچي دنيوي عشق جون ڪهاڻيون آهن. شاهہ صاحب سورمن سورمين جي سچي ڪهاڻي بيتن ۾ ڪين چئي آهي مگر ڪهاڻيءَ جي جنهن حصي مان ڪو روحاني مطلب واضح ٿئي ٿو، اُن کي ئي شعر جو لباس پهرايو آهي. اِهي سورما ۽ سورميون شاهہ صاحب جي خيالن جي ترجماني ڪن ٿا. سهڻي ۽ سسئي سچي

ريڊيو وارتائون

1.	روحاني رهنما شاهه لطيف	3
2.	وڏڙن کي نظر انداز ڪيو ٿو وڃي	13
3.	سنڌ جا آڳاٽا صوفي	19
4.	راشٽرپتا مهاتما گانڌي	28
5.	سنت پارو شاهه سنت وسڻ شاهه	35
6.	شري لوڪمانيه بال گنگاڌر تلڪ	44
7.	يگ پرش ساڌو ٽي ايل واسواڻي	49
8.	ويهين صديءَ جا مهان سنت ڪوي سوامي ٽيئونرام مهاراج	62
9.	خلق جا خدمتگار سوامي شانتي پرڪاش مهاراج	77
10.	پريم ڏياڄو اوتار دادا جشن واسواڻي	90
11.	بئريسٽر هوتچند گوپالداس	100
12.	پرنسيپال ڪي ايم ڪنڊناڻي	105

Published for Kishanchand.T. Ahuja
Block C 4, Kurla Camp Road
Ulhasnagar 421 005

D.T.P. : **Shobha Lalchandani**
Printer : Impressions
212 - Allied Ind. Estate
Mahim, Mumbai - 400 016
M : 9820883807 E : anandrl1975@gmail.com

جيڪڏهن ليلان وانگر هيرن جي هار تي يعني دنيوي پدارٿن تي پنهنجي ڌڻيءَ کي ڀلائي ڇڏينداسين ته اسان کي به ليلا وانگر پڇتاءَ جا ڳوڙها ڳاڙڻا پوندا.

نوري به هڪ سچي سالڪ جو پرتيڪ آهي ۽ ڄام تماچي مالڪ جو مثال آهي. نوري هٺي نياز نوڙت جي صورت اِن ڪري ئي ڄام تماچيءَ کيس پنهنجي پٽ راڻي بڻايو. ڌڻي به اُنهن تي نينهن جي نوازش ڪري ٿو جيڪي خاڪساري اختيار ڪن ٿا.

شاهه صاحب جي ڪلام ۾ تصوف ۽ وِيدانت جو سهڻو ميلاپ آهي: 'ايڪو اهم بهو سيام' مان هڪ آهيان، پر مان ڪيئي روپ ڌاريا اٿم. يعني هڪ برهم مان ئي سڄي سرشٽيءَ جي اُتپتي ٿي آهي ۽ اُهو برهم ئي ساري سرشٽيءَ ۾ موجود آهي. سڄو پسارو اُن هڪ ۽ حق جو آهي. شاهه صاحب اهو خيال پيش ڪندي چوي ٿو:

وحدتان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل،
هڪ حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻيءَ ۾ ڀُل،
هوُ هلاچو هُل، باالله سندو سچڻين.

ويدانت سوتر 'تت توم اسي' جي جهلڪ به شاهه صاحب جي شعر ۾ ملي ٿي. شش گروءَ کان پڇيو، 'مان ڪير آهيان؟' گروءَ جواب ڏنو، "تون به اُهو ئي آهين." ارٿات تون برهم روپ آهين. شاهه صاحب اهو خيال پيش ڪندي چوي ٿو:

پاڻهين جل جلالهء، پاڻهين جان جمال،
پاڻهين صورت پرينءَ جي پاڻهين حسن ڪمال،
پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال،
سڀ سيوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي.

شاهه صاحب سڀ ۾ هڪ ۽ حق پسيو. ويدانت سوتر 'ايڪو برهم دوتيه نه استيءَ جو به ساڳيو ارٿ آهي. شاهه لطيف چيو:

سو هي، سو هوُ سو اجل سو اللهء،

سالڪ جو مثال آهن. ميهار ۽ پنهون وري مالڪ جي نشاندهي ڪن ٿا. عاشق جيسين عشق جي راهه ۾ پاڻ فنا نه ڪندو تيسين معشوق جو مشاهدو ماڻي نه سگهندو. سهڻي چاهي ٿي ته پنهنجي پنهنجي پريتم ڪي پائڻ لاءِ پاڻ فنا ڪن ٿيون. تڏهن ئي هوُ حقيقت شناس ٿي پنهنجي اندر ئي پرينءَ کي پسن ٿيون. سسئي آکي ٿي:

پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ،
ته نڪو ڏونگر ڏيهه ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

عاشق، عشق ۽ معشوق هڪ ئي وحدت جا ٽي روپ آهن، پر حقيقت ۾ سڀ هڪ آهن. شاهه لطيف سُر سهڻيءَ ۾ وحدت الوجود جو پيغام ڏيندي چيو:

ساهڙ سا سهڻي، سائر پڻ سوئي
آهه نجو ئي ٻجهه ٻجهاندڙ ٻالهڙي.

مومل راڻي جي فراق ۾ ڪيڏا نه ڳوڙها ڳاڙي ٿي پر آخر ڪيس پروڙ پوي ٿي:

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو؟ چوڏس چٽاٽو،
منجهس ڪاڪ ڪڪوري، منجهين لڌاٽو،
راڻو ۽ راڻو، ريءَ راڻي پيو ناهه ڪي.

چنيسر ڏڏيءَ جو ۽ ليلا هڪ اهڙي شاخص جو پرتيڪ آهي جو دنيوي حرص ۾ پنيلجي و اليءَ ڪي وساري ويٺو آهي. اهڙو شاخص جڏهن ٿاهڙجي ٿو، تڏهن ليلا وانگر پڇتاءَ جا لڙڪ لاڙي ٿو:

ڍوليا ڍيل م مون، ڪانڌ! ڪميڻي آهيان،
سڪ تنهنجي سپرين! پيري وڌيس پوُن،
مون ور تون ئي تون، تو ور! وهون ڪيتريون.

جي ليلا ڏهاڳ جو ڏک ڏٺو ته پنهنجي خطا جي خاطر! اسين به

تڏهن ئي هوُ پرينءَ جو پيار حاصل ڪري سگهندو. شاهہ صاحب چيو تہ ٻاهرين هار سينگار سان دلبر جي دل هٿ نہ ڪري سگهبي. حليمائيءَ سان ئي هوت کي حاصل ڪري سگهبو.

سيئي سهاڳڻيون، سيني ٻاچيءَ هس،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي وڏا ڪيائون وس،
ڍول تنين جي گس، هيٺانهيون هلن جي.

پرينءَ ڏي پيرن سان نہ پر دل سان هلڻو آهہ.

جيڪو روحاني راهہ ۾ وتڻ چاهي ٿو تنهنکي ڪروڌ کان ڪنارو ڪري صبر اختيار ڪرڻ گهرجي. صبر وارن ئي سائينءَ کي پاتو.

نمي کمي نهار تون، ڏمر وڏو ڏک
منجهان صبر سک، جي سنوارئا سمجهين

دنيوي علم روحاني راهہ ۾ رنڊڪ آهي. سالڪ کي صرف الف يعني اللهہ لفظ جو ئي مطالع ڪرڻ گهرجي، ڏٺيءَ جو ئي چنتن ڪرڻ گهرجي. اللهہ کي ياد ڪرڻ سان ئي اندر صاف ٿيندو ۽ پوءِ پر ۾ ئي پرينءَ کي پسبو. ان ڪري شاهہ صاحب آگاهہ ڪري ٿو :

سا سٽ نہ سارين، الف جنهن جي اڳ ۾
ناحق نهارين، پنا پيا پرينءَ لئہ.

اکر پڙهہ الف جو، ورق سڀ وسار،
اندر تون اُجار، پنا پڙهندي ڪيترا.

دنيوي دکن کان ڇٽڻ لاءِ ۽ محبوب جو مشاهدو ماڻڻ لاءِ سالڪ کي روحاني طبيب، ڪامل مرشد جي ويجهو ويهڻ گهرجي تہ هوُ شفاياب ٿيندو ان ڪري شاهہ لطيف چوي ٿو :

وهڻ ويڄن وٽ، جي سکين تہ سگهو ٿئين
اڳين عادت مٽ تہ اگها! عاجز نہ ٿئين

سالڪ کي پرينءَ جي پار جي هر چيز اکين تي رکڻ گهرجي،

سو پرين سو پساهه، سو ويري سو واهرو
سو پکي سو پاڇرو، سو سر سو ئي هنج.

بندي ۽ ڏڻيءَ کي جدا هستي سمجھن ٿا مگر شاهه صاحب جي خيال موجب سڀ هم اوست آهي :

پڙاڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، ڀڄڻ ۾ ٻه ٿيا.

شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ سالڪن کي سهڻيون صلاحون ڏئي ٿو، جن تي عمل ڪرڻ سان سالڪ روحاني منزل تي پهچي سگھن ٿا. روحاني راهه ۾ وڪ وڌائڻ لاءِ توبهه ۽ توڪل ضروري آهن، تنهنڪري شاهه صاحب چوي ٿو :

سپيئي سبحان جي ڪر حوالي ڪم
تي تحقيق تسليم ۾ لاهي غم وهم
قادر ساڻ ڪرم حاصل ڪر حاج تون

توبهه جي تاثير سان تري ويا طوفان،

روحاني راهه ۾ عقل جو ڪم ڪين آهي، سائين وٽ سياڻپ نه هلندي ابوجهن تي الله عنايت ڪري ٿو :

الا ڏاهي م ٿيان! ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سين مون پرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

جيڪو دلبر جو ديدار ڪرڻ چاهي ٿو تنهن کي عشق جي آڳ ۾ جلڻو آهه پر ٻاهر ٻاڦ نه ڪڍڻي آهه، انڪري شاهه صاحب سالڪ کي صلاح ڏني ٿو :-

نهائين کان نيهن سک منهنجا سپرين
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.

روحاني راهه جي راهگير کي خاڪساري اختيار ڪرڻي آهي

مشاهدو ماٺي سگھندو.

ميڪر هئڻ چڏ ته اوڏي ٿئين عجيب کي

جيڪي ڏٺيءَ جي بندگي ڪن ٿا اُنهن کي سنسار روپي سمنڊ جون مايا روپي لهرون، وير ڪجهه به نقصان نٿي رسائي. اُنهن کي ڪامل مرشد ملاح روپ ملي ٿو جو کين هن دنيا جي درياهه مان پار لڳائي ٿو اهڙا طالبو توبهه توبهه ڪندي توڪل جو سهارو وٺن ٿا :

سيويو جن سبحان، وير نه وڙهي تن سين،
توبهه جي تاثير سين تري ويا طوفان،
ڏئي توڪل ترهو، آر لنگهيا آسان،
ڪامل ڪشتبان وچ ۾ گڏين واهرو.

اندر جو آئينو صاف ڪرڻ سان من ۾ ئي محبوب جو مشاهدو ماٺي سگھبو صوفين جون صفتون بيان ڪندي شاهه صاحب چيو :-

صوفيءَ صاف ڪيو، ڌوئي ورق وجود جو
تهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرين جو.

سالڪ کي ڪو به ساتن ڪٽٽو ناهي، خوديءَ کي به ختم ڪري روحاني راهه ۾ وک وڌائڻي آهي.

پاڻ م ڪٺاج پاڻ سين، وسيلا وسار

شاهه صاحب هيٺ ڏنل بيت ۾ تلوار ۽ مياڻ جو مثال ڏيندي متئين خيال کي واضح ڪيو آهي :

خُدي ۽ خدا کين ماپن من ۾
جئن پن ترارن جاءِ ناهي هڪ مياڻ ۾

سنساري سودا ڪوڙا آهن، ناسونت آهن. نام جو سودو سچو آهي جو پرلوڪ ۾ به ڪم اچي ٿو ۽ پراٽو کين ٿو ٿئي. شاهه صاحب ان سچي سودي ڪرڻ جي تاڪيد ڪندي فرمايو :-

وکر سو وهاءِ جو پئي پُراٽو نه ٿئي
ويچيندي ولات ۾ ذرو نه ٿئي ضاءِ
ساڪا مڙ هلاءِ اڳهه جنهنجي اُيئين ءَ

شڪر جي راھ تي هلڻ گهرجي اُن ۾ ئي ڀلو آهي :-

پريان سندي پار جي مڙيئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي چکين جي چيت ڪري.

اسانجو من اُٺ وانگر آهي. اُٺ کي کائڻ لاءِ چندن جا چوپا ڏيو ته نه کائيندو اَڪ ۽ ڪُوڙيون وليون پيو چرندو. اسين به ڏٺيءَ جي مٺي نالي کي ڇڏي وشيه ڀوڳن روپي زهر کائي پاڻ کي برباد ڪريون ٿا :

چانگي چئي چڪياس، مٺان اڪ نه اُلهي
جنهن ول گهٽا وِهائيا، اُن سين آرلڳياس ..

سالڪ کي لوڀ لالچ حرص هوَس کان پاسو ڪرڻ گهرجي. اسانجي من تي وڪارن روپي ڪپڙا چڙهيل آهن. ان ڪري شاھ صاحب صلاح ڏني ٿو :-

سڀ ننگيون ٿي نکرو لالچ ڇڏي لوڀ
سپريان سين سوڀ ننبون ڪندي نه ٿئي

اگيان جي ننڊ ۾ ستل انسان کي سجاڳ ڪندي شاھ صاحب آگاھ ڪري ٿو :

سُتي نا سرنداءِ ڪر پچار پرين جي
وهامي ويندءِ ڏينهڙا پوءِ تون هٿدين هٿڙا!
ستا اُٿي جاڳ ننڊ نه ڪج ايتري
سلطاني سهاڳ ننڊن ڪندي نه ٿئي

شاھ صاحب روحاني راھ ۾ وک وڌائڻ لاءِ سالڪ کي صلاح ڏني ٿو :-

هل هئين سان هوت ڏي پيرين پنڌ وسار،
قاصداٺي ڪار ڪين رسائي ڪيچ کي

اسانجون اکيون ٻاهر پيون پٽڪن. انڪري شاھ صاحب آکيو :

اکيون اُهي ڏار جنهن سان پسين پِر کي
ٻي ڏي ڪين نهار، رانجهن ريساٽو گهٽو.

سالڪ کي پنهنجي هستي مٽائڻي آهي تڏهن ئي هوُ محبوب جو

مفتي منجهه وهار، ته قلضي ڪانيارو نه ٿئين!

سچ تي صاحب راضي، سالڪ کي سچ جي راهه تي هلڻ گهرجي. شاهه لطيف تاڪيد ڪري ٿو.

ڪوڙ ڪمايئه ڪچ، اُتي اور اللهه سين
ڪيو تون دغا دل مان صاحب وٺي سچ
ان پر اُتي اچ ته سودو ثيئي سڦرو.

سالڪ کي دنيوي خواب خيال ڇڏي هڪ ڌڻيءَ جو ئي ذڪر ۽ فڪر ڪرڻ گهرجي. اندر جي آئيني کي صاف ڪري ته هوُ من ۾ ئي محبوب جو مشاهدو ماڻي سگهندو :

هاري! حق رکيج، سانبارا ساهڙ جو،
خواب خيال خطرا، تن کي ترڪ ڏئيج
اندر آئينو ڪري، پر ۾ سو پسيج
انهيءَ راهه رسيج ته مشاهدو ماڻين!

شاهه صاحب سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو ته پنهنجي دل کي وڻ وانگر بڻاءِ. ميويدار وڻ کي ڪو پٿر هڻندو آهي ته وڻ موٽ ۾ اُهو ميوو ڏيندو. وڻ وڍيندڙ سان ويرڪين رکندو آهي.

دل ڪر درخت جي دستور
چار پ لڳي ڇڳا ڇڻ ميوو ۽ پيو پور
وڍيندڙ سان وير نه رکي تو توڙي ڪريس ڇڪناچور.

شاهه صاحب ليلا کي تاڪيد ڪندي سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو ته عشق جي راهه ۾ خاڪساري اختيار ڪري معافي طلبگار ٿئي ته ڌڻي توکي پاڻ کان پري ڪين رکندو :

پائي پانڌ ڳچيءَ ۾ پاڻ غريبي ڳڏ
هڏ نه چوندءِ لڏ ڪارون اٿئين ڪانڌ کي

ڌڻي اسان کان دور ڪين آهي. صرف پنهنجي من کي دنيوي خيالن مان ڪٽي دل داتار سان جوڙڻي آهي ته هوُ اسان کي وک ڪٽڻ کان به نزديڪ

ڏٺيءَ جي طالبو کي هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪڻ گهرجي. مالڪ من ۾ ئي موجود آهي. شاهه لطيف سسئيءَ کي صلاح ڏيندي چيو :-

وڃين ڇو وٽڪار هت نه گولين هوت کي،
لڪيو ڪين لطيف ڇئي ٻروچو ٻي پار.
ٿي ستي ٻڌ سندرو ٻرت پنهوءَ سي پاڙ،
نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.

ڏٺيءَ ۾ پورو پورو اعتقاد هئڻ گهرجي.

آسرو م لاهياج، ساڄڻ ٻاڄهاندڙ گهڻو

نمرتا ۽ ڪميا انسان جا ڳهڻا آهن، ڪاوڙ ڪروڌ اشانتي پيدا ڪندڙ آهن. صبر ۽ نمرتا ڪرڻ سان سڪون ملي ٿو. شاهه لطيف روحاني راهه جي راهگير کي صلاح ڏئي ٿو :-

ڪم ڪمندن ڪٽيو، هارايو هوڙن
چڪيو نا چوندن هوُ جو سڏ صبر جو

سالڪ کي حسد کان ڪنارو ڪرڻ گهرجي :

ڪنين ڪين پرايو، ڪيني منجهان ڪين

هوُ چوني تون م چوَ واتان ورائي ويڻ
اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو کائي
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪين ڪي

شاهه لطيف سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو ته اُنهن جي ساري سر آهي جن پنهنجي من کي ، نفس کي ماٺ سان ماريو آهي.

تن جي ساڃي ساهه سري، جن ماريو نفس ماٺ سين

شاهه صاحب رب جي راهه جي راهگير جي سونهپ ڪندي چوي ٿو :-

اڻ چوندن م چوَ، چوندن چيو وسار
ائڻي پهر ادب سين پر اِمائي پاڙ
پايو منهن مونن ۾، غربت ساڻ گذار

وڏڙن کي نظر انداز ڪيو وڃي ٿو!

ابو امان وڏڙا گهر جو ڇٽ ٿيندا آهن. سندن آسيس انسان کي اڏي چڙهيندي آهي. اسانجي شاسترن ۾ ماتا پتا جو ڏايو مهتوَ ڏيکاريو ويو آهي. 'گرديو ماتا گرديو پتا'. ماتا ڪيڏا نہ سور سهي سنتان کي جنم ڏئي ٿي. هوءَ پنهنجي سک سوڌا جو خيال نہ ڪري، ننبون ڦٽائي، فاقا ڪيي اولاد جي پرورش ڪَري ٿي، پرگهور لهي ٿي. ڪشٽ ڪشالا ڪيي ماتا پتا اولاد کي لائقيءَ لڳائن ٿا. سندن آئيندہ ٺاهڻ لاءِ هوُ اولاد جي تن من ڌن سان شيوا ڪن ٿا، ڪوڙ پاپ جو پئسو ڪمائي سنتان کي سکيو ستابو رکن ٿا، اُن اُميد سان تہ سندن سنتان اڳتي ملي کين هنڌورن ۾ لوڏيندي. پر افسوس! اڄ جي يگ ۾ اسي سيڪڙو اولاد نلخلف ٿي پيئي آهي. اڄ جي اولاد مان سک جي اُميد رکڻ پاڻ کي دکي ڪرڻو آهي! هوُ پنهنجي ماتا پتا ۽ گهر جي وڏڙن جو قدر ڪين ٿا ڪن. سنمان جي بدران سندن اپمان ڪندا رهن ٿا.

اڄ ڪيترائي جوان مريادائن جو ليڪو لنگهي پنهنجي وڏڙن سان اعتراض جوڳو وهنوار ڪن ٿا. ڪي ڪي پٽ تہ پسماسُر جهڙا آهن. اُهي ماتا پتا کي جيئري ئي ڏنب ڏين ٿا. سندن جيئڻ دشوار ڪن ٿا. هوُ ماءُ پيءُ کي منهن تي چئي ڏين ٿا، ''اوهان اسان کي پيدا ڪري ڪا اسان تي مهرباني ڪين ڪئي آهي. اوهان تہ پنهنجي هَوَس جي بک مٽائيندي اسانکي جنم ڏنو آهي، اوهانجو فرض آهي اسانجي پرورش ڪرڻ.'' اهڙا نوجوان ماتا پتا، وڏڙن سان ڪهڙا پال پلائيندا! شاعر پرسرام ضيا جو شعر آهي :

فقط ديکاديکيءَ تي هرڪو هري پيو،
حقيقت جي منزل تان انسان ڪري پيو!
عجب دور آيو! عجب دور آيو،
زماني چڱو پال پنهنجو پلايو!

آهي.

هتان ڪٿي هُت جن رکيو، سي رسيون
ساجن سونهن سُرت وکان ئي ويڄهو گهٽو

سالڪ کي اسُر جو اُٿي الله جي عبادت ڪرڻ گهرجي. شاهه صاحب اِها صلاح ڏيندي چيو :

چرخو پنهنجي چِت ۾ ينيءَ پيريو جل،
توٽي ڪين ڪتن ته به ڪانڌ تنين جو ڪو ڏيو.

پيائي دويت جي ديوار دور ڪرڻ سان سڀ ۾ هڪ ئ حق ڏسڻ ۾ ايندو. سالڪ کي اندر مان غير پيائيءَ کي ڪيڻ گهرجي.

ٻيائيءَ کي ٻگ جن وڍو سي ورسيا.

شاهه لطيف جو ڪلام روحاني رازن جو خزانو آهي. سندس شعر نه صرف روحاني ترقيءَ لاءِ اساڻجي راهه روشن ڪري ٿو پر وهنوار لاءِ به سونهپ ڪري ٿو.

(آڪاشوائي ممبئيءَ تان پرسارت.)

وڏڙن سان جهڙو ذلت وارو وهنوار ڪري رهيا آهن، اُهتي هلي سندن اولاد به ساڻن اهڙو وهنوار ڪندي.

ڪيترن جوانن کي سندن زالن ڇيچ ۾ ڦتي ڇڏيو آهي. هو پنهنجي سس سهري ۽ گهر جي وڏڙن خلاف پنهنجي گهوٽن جا ڪن ڀرين ٿيون انڪري ڪيترائي جوان بنا سوچ ويچار جي گهروارين جي چوڻ تي گهر جي وڏڙن جو اپمان ڪن ٿا. ڪي نالخلف ته پتا ماتا کي ڪُتا لفظ به ٻالهائين ٿا، ڪي ته مٿن هٿ به هلائين ٿا. ڪي پٽ ۽ ننهر ڇڙو اُڳه زندگي گذارڻ لاءِ گهر جي وڏڙن کي ٻيدا آشرمن ۾ وجي داخل ڪن ٿا. ٽن چئن پٽن هوندي به وڏڙا دکي زندگي بسر ڪري رهيا آهن. مون وٽ ڪيترائي نوجوان پٽ ۽ سندن زالون اينديون آهن ته اسانجي وڏڙن کي ٻيدا آشرم ۾ داخل ڪريو. مان کين سمجهائيندو آهيان ته ماتا پتا ۽ وڏڙا اوهان کي وري نه ملندا. انهنجي وجود ڪري ئي اوهانجو وجود آهي. اُنهن جي آسيس اوهان کي اڏيندي.

اوهان جيڪڏهن وهنوار ۽ پرمارٿ جي پٽ ۾ ترقي ڪرڻ چاهيو ٿا ته پلرتيه سنسڪرتيءَ موجب روز من وچن ۽ ڪرم سان ماتا پتا ۽ وڏڙن جي خدمت ڪريو. سندن آگيا جو پالن ڪريو. اوهان کين سکي رکندا ته اوهان به سکي رهندا. وڏڙن جي سيوا ڪرڻ سان اُنهن جي دل مان اوهان لاءِ دعا جا الفاظ نڪرندا. دعا دل مان نڪرندي آهي نه زبان مان هڪ شاعر چيو آهي :-

دعا دل سي نڪلتي هئه نه زبان سي
تير هاٿون سي ڇوٽتا هئه نه ڪمان سي.

اهو قدرت جو قانون آهي ته جي اسين ٻين کي دکي ڪريون ٿا ته اسين به سکيه جيون گذاري نه سگهنداسين. وويڪ جا وڏِ پيا پوندا! من اشانت رهندو اسانکي به اهڙي نالخلف اولاد پيدا ٿيندي.

پروفيسر رام پنجواڻي هي گفتگو دهرائيندو هو.

اسان شادي ڪري ٿياسي به ٻڌا،
شادي بعد ٻڌيا سي به گهٽا
اُهي وجي جوئين کي وٺيا،

اڄ گھڻي ڀاڱي ننڍا وڏڙن کي نظر انداز ڪن ٿا. هو پاڻ کي سورهن آنا صحيح ۽ وڏڙن کي غلط سمجهن ٿا. ان جو ڪارڻ آهي اهو جو وڻڻ. ايگوزم جي وڻڻ ۽ سهنشڪتيءَ جي گھٽجڻ سبب وڏڙن کي نظر انداز ڪيو وڃي ٿو. پڻ چاهي ننهن کي پنهنجي وڏڙن سان ذلت ڀريو وهنوار ڪرڻ ڪين گھرجي. هڪ ڏينهن سنتان به ساڻن اهڙو ئي وهنوار ڪندي جيڪو هوُ پنهنجي وڏڙن سان وهنوار ڪري رهيا آهن. سو امي شلتني پرڪاش پيدا آشرم جي پوءِ پوچا اُتسوَ ۾ پيلري دادا جشن واسو اٽيءَ اهڙي هڪ گھٽنا ٻڌائيندي چيو ته هڪ گھر ۾ پٽ پنهنجي پتا کي چيو ته تو کي هن گھر ۾ وڌيڪ رهڻ ني نه سگھبو. سبب هي هو جو هن پٽ جي استري پيءِ سهري مان بنهه بيزار ٿي هئي ۽ پتيءَ کي چيائين ته هن گھر ۾ يا مان رهنديس يا هي پيو! پٽ کي آخر اِهو قدم کڻڻو پيو ۽ پتا کي چيائين هاڻ اوهان کي گھر کان ٻاهر ڪنهن پيدا آشرم ۾ رهڻو پوندو. پتا کيس گھڻو ئي سمجهايو ته مون رت پسيني جي ڪمائيءَ سان هي گھر ٺهرايو. توکي پالي نپائي لائقيءَ لڳايو. اڄ تو هان مون کي پنهنجي گھر مان تڪي ٻاهر ڪيي رهيا آهيو. تنهنجي پتنيءَ کي خدا جو خوف ڪونه آهي. تون زال جو ماڃو ٿي مون کي گھر مان ڪيڻ ٿو چاهين. پٽ زال کي خوش ڪرڻ لاءِ پيڙي پتا کي هٿي اٿڻو ڪري ڇڏيو.

نيٺ پتا چيو ته مان وڃي ٿو گھر جي ٻاهر ان ويهان. مون کي ڪا چادر ڏيو ته سرير کي ڍڪيان جو جو ٻاهر ٿڌڪار آهي. پٽ هڪ چادر ڪڍي پتا کي ڏني. تنهن هن پيڙي جي پوٽي ننيي نينگر پيءُ کي چيو ته ڏاڏي کي ساڄي چادر نه ڏيو، پر اڌ چادر ڦاڙي ڏيوس. پيءُ پٽ کان پڇيو ته پيڙي پتا کي اڌ چادر چو ڦاڙي ڏيون؟ پوٽي پنهنجي ماتا پتا کي مخاطب ٿيندي چيو ته اها اڌ چادر مان سانيي رکندس جڏهن اوهان پيڙا ٿيندا تڏهن مان اِها چادر اوهان کي ڏيندس ته اِن چادر سان پاڻ ڍڪي وڃي گھر کان ٻاهر ويهو. ننيڙي نينگر جا اِهي لفظ پٽ ۽ نونهن جي ڪنن ۾ گھڙي ويا. پٽ هڪدم پتا کي چيو ته ماڻي اوهان هن پنهنجي گھر ۾ رهو. مان آجيون اوهانجي شيوا ڪندس. ڪاش اڄ جي نوجوانن ۾ به اهڙو پريورتن اچي، هوُ محسوس ڪن ته اڄ هوُ پنهنجي

آيو ۽ اُن جي خوب خدمت ڪندو رهيو. ان ڳڻتيءَ ڪانپوءِ ڪنفيوشس جي ان ويچار ڌارا چين ولايت ۾ پريوارتن آڻي ڇڏيو. ٻيڙن ڪي جيئري درياهه سمنڊ ۾ ٻوڙڻ جي روايت بند ٿي ۽ گهرن ۾ وڏڙن جي شيوا جي جوت جلندي رهي. اڄ وديش جي ڪن ملڪن ۾ وڏڙن ڪي سڪميه جيون گذارڻ لاءِ سرڪار طرفان درمهنو آرٿڪ سهائتا ڪئي وڃي ٿي.

اڳ وڏڙا پنهنجي سنتان کي سٺن سنسڪارن جي پونجي ڏيندا هئا ته سندن سنتان سٺن سنسڪارن سبب ماتا پتا ۽ وڏڙن سان مريادا وارو وهنوار ڪندي هئي. اڄڪلهه ماتا پتا پنهنجي پنهنجي ڪمن ڌنڌن نوڪرين ۾ ايترو ته مشغول آهن جو پنهنجي اولاد ۾ سٺن سنسڪارن جو سنچار نٿا ڪري سگهن. ماتا جي ٿڃ جو به اولاد تي وڏو اثر ٿئي ٿو. اڄڪلهه گهڻو ڪري ننڍي هوندي ٻار ماتا جي ٿڃ کان وانجهيا وڃن ٿا. اڄڪلهه جون فاحش فلمون ۽ سيرلس به ڪي قدر اخلاقي ڳراوٽ جو ڪارڻ آهن. نئين ٽهي ڇڙو اڳي واري واتاورڻ ۾ پلجي رهي آهي. انڪري به ماتا پتا ۽ وڏڙن کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو. وڏڙن جو نرادر ڪرڻ هڪ سماجڪ ڳراوٽ جي نشاني آهي. ڏٺو ويو آهي ته اڄڪلهه ڪيترائي پٽ ماتا پتا سان وفادار ڪين آهن. هو پنهنجي زالن جي جادوئي اثر هيٺ، اُنهن کي خوش ڪرڻ لاءِ ماتا پتا، ڏاڏي ڏاڏيءَ کي ڌارين کان به وڌيڪ اپمانت ڪن ٿا. سندن ئي گهر مان ڪين لوڏي ڪڍن ٿا. ڌيئر ماتا پتا ڏانهن وڌيڪ وفادار آهن. هوءَ پنهنجي شاديءَ جي قرباني ڪري، نوڪريون ڪري ماتا پتا جي پالنا ڪن ٿيون. ڌيئرن جو ماتا پتا لاءِ مڏ ڪرڪي ٿو.

وڏڙن کي به گهرجي ته هوُ هوا جو رخ ڏسي پنهنجي ڏين. پنهنجي اولاد سان نونو ٿوني تي نه پاڄن. حالتن جي مدنظر نئين سان رُبلب وارو ورتاءُ نه ڪري پيار جو ورتاءُ ڪن. هوُ ڪي قدر پاڻ کي نئين جي خيالات سان ٺهڪائين ڦهڪائين. وڏڙن کي ڪفايت ۽ قناعت ڪرڻ جو ڍنگ هوندو آهي. هوُ چاهيندا آهن ته سندن سنتان به ڪفايت ۽ قناعت سان هلي. اُهو ڪي

اُهي ٿي ويا ڪٺا!
اسين اُهي ئي ٻه ڇڙا!

زندگيءَ جا ملهه بدلجي ويا آهن. وقت بدلجي ويو آهي. اڳ پٽ ڏيئر ماتا پتا کان ڏڪندا هئا. نونهر سس سهري کان ڏڪنديون هيون پر اڄڪلهه ٻالهه ابتڙ آهي! اڄ ڪلهه سس سهرا نُنهن کان ته ماءُ پيءُ اولاد کان ڏڪن ٿا. اُلٽي گنگا ٿي وهي! ننين جي منهن تي مُهر ڪونهي. سندن زبان ڇُڙو اڳ! هلت چلت ڇڙو اڳ! هوُ پنهنجي اهم کي پورو ڪرڻ لاءِ وڏڙن کي نظرانداز ڪن ٿا.

ڪن جو رايو آهي ته ايڇ گئپ عمر جي وڇوٽي سبب وڏڙن کي نظرانداز ڪيو وڃي ٿو. مان ان رايي سان سهمت ڪين آهيان. ايڇ گئپ ته اڳ به هئي ۽ هاڻي به آهي ۽ پوءِ به رهندي. ويهين صديءَ ۾ ئي گهرن ۾ اِهو دوشت واتاورڻ پارت ۾ پيدا ٿيو آهي. اسان پنهنجي پارتيه سنسڪرتي سڀيتا جي مول سڌانتن کي پلجي، مغربي سنسڪرتي سڀيتا کان وڌيڪ متاثر ٿيا آهيون. ڪو زمانو هو جڏهن چين ولايت ۾ پيڙن پيڙن کي جيئري سمنڊ ۾ ٻوڙي ايندا هئا. اِهو اُتان جو رواج هو. هڪ ڏينهن هڪ پٽ پنهنجي ورڌ پتا کي ڪلهي تي کڻي پئي ويو ته سامهون کيس مدبر ڪنفيوشس گڏيو. هن مهاپرش اُن جوان کان پڇيو ته تون پنهنجي پيڙي پتا کي ڪيڏانهن پيو کڻي وڃين؟

پٽ وراڻيو، ”بابا هاڻي هلڻ کان هلاک آهي، پيڙو ٿي ويو آهي، گهر ۾ گهڻي تڪليف ٿو ڏئي. رواج موجب کيس درياهه ۾ ٻوڙڻ ٿو وڃان.“ ڪنفيوشس کيس چيو ته تو ڪڏهن سوچيو آهي ته ڪنهن ڏينهن تون به پيڙو ٿيندين ۽ پوءِ تنهنجو پٽ توکي به درياهه شرڻ ڪندو. پوءِ تنهنجي ڪهڙي حالت ٿيندي! ڪنهن زنده شخص کي درياهه ۾ ٻوڙڻ ڪيتري قدر واجب آهي! سو به پنهنجن وڏڙن کي! اُنهن جي اندر مان ڪيڏيون آهون، دانهون، بددعائون نڪرنديون! ان جو ويچار ڪر. مهاپرش ڪنفيوشس جا اِهي لفظ اُن جوان جي دل ۾ گهري ويا. اُهو جوان ڪنفيوشس جي سکيا کان متاثر ٿي پوڄيه پتا کي گهر واپس وٺي

سنڌ جا آڳاٽا صوفي شاعر

رشين منين جي تپو ڀومي، پراچين سنڌو سڀيتا جو سرچشمو، ويدن جو سرجن استل، سنڌو ديش سنتن - صوفين جو ديش آهي. ان پوتر پرديش ۾ سون سنتن گيان ڀڳتي ۽ سوَن صوفين پريم ساڌنا جو رستو ٻڌائي هزارن لوڪن کي ڌڻيءَ جي راهه ۾ چڪيو، ڪين روحاني رستو ڏيکاري سندن ساچي سونهپ ڪئي. انهن درويشن جي سرهاڻ نه صرف سنڌ تائين محدود رهي پر هند جون حدون لتاڙي وديش کي واسيو. انهن الله لوڪن جي در جي مٽي به مُلهائتي، سندن در جي دز به ڏک درد دور ڪيا، ڪشٽ ڪليش ڪافور ڪيا. سنڌ جي سڀڳوري صوفي شاعر ۽ درويش شاهه لطيف چيو آهه :

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
تن جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، آڳهه اچي تن جي.

سنڌ جي مهان سنت ساتو ٽي. ايل واسواڻيءَ جي من ۾ به سنڌ جي درويشن لاءِ ڪيڏو نه صدق هو، اُن جو اظهار ڪندي هي صاحب چوي ٿو :

وري شل وٺان تنهنجي چرنن جي خاڪ،
چمي ذوڙ درويشن جي ٿيان شل مان پاڪ.

صوفي اُهو جو پنهنجي اندر کي صاف ڪري من ۾ محبوب جو مشاهدو ماڻي. شاهه لطيف به چوي ٿو :

صوفيءَ صاف ڪيو، توئي ورق وجود جو،
تهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو.

سنت اُهو جو من جو ڪري انت، دنيوي خواهشون ختم ڪري خدا جو ذڪر فڪر ڪري.

ڪاجي جو مينهن وسندي ڪم اچي. ماٺهو سوڙ آهر پير ڊگهيڙي. اڄڪلهه گهڻو ڪري ننڍا هٿ ڦاڙ تي پيا آهن. وڏڙن جي تاڪيد باوجود ننڍا من ملني ڪن ٿا. گهر وارين جي گهرجن ۽ عيش پرست زندگي گذارڻ لاءِ، ڀلهريون ڏيک ويک ديهپو قائم رکڻ لاءِ وت کان وڌيڪ اڏامن ٿا. ڪي تہ قرض ڪٽي مرضن ۾ مبتلا ٿين ٿا، جن جي چنتا بہ وڏڙن کي ڀوڳڻي پوي ٿي. گهر جا وڏڙا اهو نٿا سهي سگهن تہ سندن اولاد اوفتو خرچ ڪري. اهڙن حالتن ۾ وڏڙن ۽ ننين جي وچ ۾ تضاد پيدا ٿئي ٿو، مت ڀيد پيدا ٿين ٿا. وڏڙن ۽ ننين کي وچين واٽ وٺي پنهنجي ۽ وڏڙن جي جيون سکميہ گذارڻ گهرجي.

ڪي ڪي پٽ اهڙا پاليسي باز ٿي پيا آهن. جو هوُ مهٔ پيءُ کي ريهي ريبي گهر جون سڀ چابيون اُنهن کان وٺي ٿا ڇڏين. پوءِ وڏڙن کي اولاد جو ماڇو ٿيڻو پوي ٿو. وڏڙن کي گهرجي تہ هوُ پنهنجي هوندي پنهنجي سموري پونجي اولاد حوالي نہ ڪن، نت تہ کين ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پوندا.

نوجوانن کي منهنجي گذارش آهي تہ غم کلئي بہ وڏڙن جي خنمت ڪندا تہ سندن دعائون کين اڏي ڇڏينديون.

شرڌا ادب ۽ پريم سان، ڪري تو جو شيوا،
کٽي آسيس وڏن جي ملن تنهن کي ميوا.
ماتا پتا وڏڙن جي ڪريو "آشا" شيوا،
تن جي آگيا ۾ رهو، ڏٽي ڏيندءُ ميوا.

(آڪاشوائي ممبئي تان پرسارت.)

سنت تلسيداس وانگر قاضي قادن پڻ سين پراڻين ۾ هڪ پرينءَ کي پسي ٿو.

عين قصر در لک ڪوڙين سهسين ڪڙڪيان،
جان ئي ڪرين پرک تائين ساڄڻ سامهان.

سيد شاهه عبداللڪريم بلڙي وارو نه صرف درويش دل انسان هو پر پنهنجي دؤر جو اعليٰ ترين شاعر به هو. هي صاحب به ساري ڪائنات ۾ قادر جو جلوو جمال پسي ٿو ۽ چوي ٿو :

وائي هي م پل، مران موران پکٽان،
باالله سندو ساڄڻين، هوُ هلاچو هُل.

ڏٺي اسانجي اندر ۾ موجود آهه صرف پنهنجي هستيءَ کي هٽايون ته خدا کي پايون، ان ڪري فقير صاحب چوي ٿو :

پيرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي هوُ لهه،
تهان ڏار نه سپرين، منهن منجهئين پاءِ.

سالڪ کي پنهنجي دل دلبر کي ڏيڻ گهرجي باقي لڱن سان دنيوي هاج ڪري.

هنيو ڏجي حبيب کي لڱ ڱڏجن لوڪ.

شاهه ڪريم سلطان ابراهيم کي پنهنجو مرشد ڪري مڃيو. هڪ ڏينهن مرشد کي مسجد ۾ نه ڏسي، ڏينهن تتي جو پيرين اُگهاڙو اُن جي جستجوءَ ۾ نڪتو. پنڌ ڪندي ڪندي آخر سيد يوسف جي ڏيري تي اچي مرشد جو مشاهدو ماڻيائين. مرشد کيس پيرين اُگهاڙو ڏسي پيار وچان پنهنجي جتي کيس پائڻ لاءِ ڏني. اُن جتيءَ مان هن ٽوپي ٺهرائي پاتي. مرشد وٽان مليل جتي پيرن ۾ نه پاتائين پر سر تي رکيائين. کيس مرشد لاءِ ڪيڏو نه صدق هو. هي صاحب بيخوديءَ جي حالت ۾ اچي ويندو هو. بلڙيءَ جي ڳوٺ ۾ هن صاحب ايڏو ته روحاني رنگ لڳايو جو سندس نالو ئي پنهنجي ويو شاهه عبداللڪريم بلڙيءَ وارو. وٽس سماع ٿيندو هو. سماع هلندي هلندي هو مالڪ جي محبت ۾ محو ٿي ويندو هو. هن جا سوين مريد ٿيا جن کي روحاني راهه ڏيکاريائين.

''زندگي خاص برائي بندگي،
زندگي بغير بندگي شرمندگي''

اڪثر ڪري سنڌ جي صوفين سنتن دنيوي علم جو مطالع ڪين ڪيو، هوُ ائٽي پهر الله سان اورون اوريندا هئا، قرب جو ڪتاب پڙهندا هئا. ڏٺيءَ جي عبادت ڪرڻ سبب سندن اندر ۾ اُجالو ٿيندو هو، هو جيڪي ٻوليندا هئا سو سچ ٿيندو هو. سندن انيو ڪلي پوندو هو. انڪري ئي شاهه لطيف سالڪ کي صلاح ڏني :

اکر پڙهه الف جو، ورق سڀ وسار،
اندر تون اُجار پنا پڙهندين ڪيترا!

انهن درويشن فنا کي چڻي بقا جو رستو ورتو، خوديءَ کي ختم ڪري خدا کي حاصل ڪيو. اهڙا سنت صوفي اسانجا سچا سونهان آهن، سندن ٻاٽي به دائما رهبري ڪري ٿي. سنڌ جي سنتن صوفين ۾ ڪيترا اهڙا به سنت صوفي آهن جي پنهنجي دؤر جا بلنديءَ جا شاعر به آهن. سندن ڪلام سندن انيو تيءَ جي اُپاج آهي. قاضي قادن، شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ وارو، شاهه عنايت صوفي، سائين روحل فقير، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، مدن فقير، وتايو فقير، سليمان فقير، سچل سائين، شاهو فقير، غلام علي، صادق فقير، سائين دلپت، فقير درياخان، بيدل بيڪس، فقير نانڪ يوسف، حمل فقير، سائين بچل شاهه ۽ ٻيا انيڪ صوفي سنڌ ۾ ٿيا جن جي زندگي ۽ سندن ٻاٽي اسان لاءِ اڄ به روشن منلو آهي.

قاضي قادن علمدان هو پر دنيوي علم مان ڪيس رب جي راهه نه ملي ان ڪري هي صاحب پنهنجو شاخصي روحاني آزمودو پيش ڪندي سالڪ کي صلاح ڏني ٿو :

اکر ٻيا وسار، الف اکِهون ياد ڪر،
سو تون ڏيئو ٻار، جو نه اُجهپئه ڪڏهن.

شاعر قاضي قادن صاحب هڪ الله کي ياد ڪرڻ جي تاڪيد ڪندي چوي ٿو ته آتمڪ گيان جو ڏيئو اندر ۾ ٻار جو ڪڏهن به وسامي نٿو.

راڻو ۽ راڻو، ري راڻو ٻيو ناهه ڪي.

هي سچو پسارو حق ۽ هڪ جو آهي. شاهه صاحب اِهو خيال پيش ڪندي چيو :-

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي م ڀل،
هوُ هلاچو هُلُ، باالله سندو سڄڻين.

پراڻو سو سڏ ور وائيءَ جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، پر ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

شاهه لطيف ڪيترن ئي جوڳين هندو سنت فقيرن جي به صحبت ڪئي اُنهن سان روح رهاڻ ڪندو هو. مدن فقير سان سندن خاص محبت جو ناتو هو، ٻئي درويش وقت به وقت پاڻ ۾ روح رهاڻ ڪندا هئا. هڪ دفعي شاهه لطيف مريدن جي سامهون سنت مدن کان پڇيو تون ڪير ۽ مان ڪير؟ مدن وراڻيو ”اوهان توڙ ته مان ڇائي.“ مدن جو اِهو جواب ٻڌي ويٺل مريدن کي خار لڳي. شاهه لطيف مريدن کي چيو، ”اَبا! مدن چوي سچ ٿو ذات جي خيال کان مان مسلمان آهيان، مرڻ کان پوءِ منهنجي مڙهه کي دفنايو ويندو يعني مان توڙ ٿي ويندس ۽ مدن فقير هندو آهي تنهن ڪري مرڻ کان پوءِ سندس شرير کي چکيا تي چاڙهي جلايو ويندو ته سندس سرير جلي رک ٿي ويندو. ان ڪري مدن پورو پورو جواب ڏنو ته مان توڙ آهيان ۽ پاڻ ڇائي يعني رک آهي.“

فقيرن جي ٻوليءَ کي عام ماڻهو پورو ڪين سمجهندا آهن.

تمر فقير شاهه لطيف ڀٽائيءَ جو ويجهي ۾ ويجهو معتقد ۽ مريد هو. هي شاهه صاحب جي دعا سان تولد ٿيو. هي شاهه لطيف جي خدمت ۾ هڪيو حاضر هوندو هو ۽ اُن سان سئر سفر به ڪيائين ۽ روحاني فيض به حاصل ڪيائين. شاهه لطيف جيان هن به هندو جوڳين سنياسين جي صحبت ڪئي. سندس ڪلام به ڪافي اهميت وارو آهي. مثال :

سنڌي صوفي درويشن جو سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي نه صرف ڪامل درويش هو پر اعليٰ درجي جو شاعر پڻ هو. هي صاحب ١٦٨٩ع ۾ حيدراباد سنڌ جي هالا، تعلقي جي هالا حويلي ڀِٽ ۾ شاهه حبيب جي گهر ڄائو. ننڍپڻ کان ئي هي ايڪانت پسند هو. هن جهنگل ۾ درد جو دونهون دکائي محبت جا مچ مچايا. اڄ اُتي سوين ساجدو ڪرڻ اچن ٿا. صوفي ته سماع. شاهه لطيف به سماع جو شونقين هوندو هو. فقير منڪا ۽ يڪتارا وڄائيندا هئا ۽ شاهه صاحب وجد ۾ اچي ڪلامن ۽ بيتن جي پلٽپلٽان ڪندو هو. سندس اِهي بيت ۽ ڪلام رسالي ۾ آهن. شاهه جو رسالو سنڌي ادب جو املهه امر خزانو آهي. سندس شاعري روا جي شاعري ڪين آهي، پاڻ ئي چيائين :

جي تون بيت ڀائين سي آيتون آهين،
نيو من لائين پريان سندي پار ڏي.

صوفين عشق کي اهميت ڏني آهي. عربيءَ ۾ چوڻي آهي :

'المجازي قنترهه ال حقيقت'

مجازي عشق حقيقي عشق جي منزل تي پهچڻ لاءِ هڪ پلُ آهي. شاهه لطيف به زندگيءَ جي شروعاتي دور ۾ مجازي عشق واري واٽ جو وانهرو هو، پر پوءِ حقيقي عشق جي پيچري جو پانديئڙو بڻجي محبوب جو مشاهدو ماڻيائين.

هن صاحب پنهنجي ڪلام ۾ دنيوي پريم جون ڪهاڻيون پيش ڪندي اُنهن کي روحاني رنگ ڏنو ۽ پاڻ به روحاني رنگ ۾ رڱجي ريٽو ٿي پيو ۽ پوءِ روحاني راز سليائين. سين ۾ هڪ ۽ حق پسيائين. سر سهڻيءَ ۾ وحدت الوجود جو خيال پيش ڪندي آکيائين :-

ساهڙ سا سهڻي سائر پڻ سوئي
آهه نجوئي ڳجهه ڳجهاندڙ ڳالهڙي

سُر مومل راڻي ۾ شاهه صاحب چيو :-

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو، چوڏس چٽاٽو،
منجهس ڪاڪ ڪڪوري، منجهين لڊاٽو،

ڪنبڙيءَ ۾ ڪلتلر ڏٺوسين رانجهو رمزن وارو يلو
روحل سائين سڀ ۾ هڪ ۽ حق ڏٺو. اُن جو ذڪر ڪندي چيائين :
رب مڙيوئي هڪڙو تنهن ۾ ڦند نه ڦير
روحل فقير پنهنجي دور جو بهترين شاعر به هو. هوُ بندي ۽ ڏٽيءَ جي وچ ۾ هڪ وار جي وٿي به محسوس نٿو ڪري، پر ۾ پريٽءَ ڪي پسي ٿو :
روحل وسين روح ۾ وٿ نه ياڻيان وار.
روحل سائينءَ ڪي صوفين جي صف ۾ شمار ڪيو ويو آهي. پر سندس ڪلام ۾ ويدانت جا ويچار به ملن ٿا. ويدانت 'سوتر تتِ توم اَسي' جي جهلڪ به سندس هيٺ ڏنل بيت مان ملي ٿي. ان بيت ۾ هن صاحب سالڪ کي صلاح به ڏني آهي ته محبت سان ئي مشاهدو ماڻي سگهندين. هن درويش شاعر عشق کي اهميت ڏيندي چيو :-
وڻج وهائڻ ڪاڻ چو وجي ٻي هٽ،
توکي پٽ پٽيهر پنهنجو وڻج مڙيوئي وٽ،
جنهن ۾ نشو نينهن جو، ساڪا کوٽي پٽ،
روحل محبت مور مَ مٽ توکي سڪ مان ٿيندو سوجهرو.
روحل فقير سنت ڪبيرداس جيان پاکنبي ڪٽر هندو ۽ مسلمانن تي طنز ڪئي آهي. هن صاحب حقيقت شناس ٿي چيو :
ڪفر ۽ اسلام ۾ ٿا پرن اُبتا پير،
هڪ هندو ٻيا مسلمان وچ وڌائون وير،
انتن اوندهه نه لٿي، تن کي سچ چوندو ڪير،
روحل راهه پريٽءَ جي جان گهڙي ڏٺوسين گهيڙ،
ته رب مڙيوئي هڪڙو تنهن ۾ ڦند نه ڦير،
سا ڪاڏي ڪندي پير جا ستي ڪعبه اللهه.

رام جني جي روح ۾ تن ڪيو ڪاپڙين ڪمال،
جني پاتو تني ماپيو، جانب جو جمال،
تني جو تمر چوي هئہ موچارو حال،
او نانگا ٿيا نهال، پاڇن گس گروءَ جو.

خواجہ محمد زمان بہ ارڙهين صديءَ جو ڪامل درويش هو. هن لنواريءَ ۾ ديرو دمايو. وٽس ڪيترائي درويش فقير ايندا هئا. شاهہ لطيف بہ سندس ديدار لاءِ وٽس آيو ۽ انجو ديدار ڪرڻ ڪانپوءِ شاهہ صاحب باغ بهار ٿي آکيو :

سي مون ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،
تنين سندي ڪاءِ ڪري نہ سگهان ڳالهڙي.

خواجہ محمد زمان صاحب بہ سين ۾ جانب جو جلوو جمال پسيو.

سيت پاڇار پرينءَ جي، سيت هوت حضور،
ملڪ سڀ منصور، ڪهي ڪُهبا ڪيترا.

خواجہ محمد زمان ڪامل درويشن جي صحبت جي صلاح ڏئي ٿو، جن وٽ ويهڻ سان للاٽ جو ليکہ بہ مٽجي سگهي ٿو. اهڙا ڪامل مرشد ڏٺيءَ جي پسڻ جي راهہ بہ ڏيکارين ٿا :

ويهہ وجي وٽ تن قلم جنين جي هٿ ۾،
ميٽئو انگ اڳيون، واري پيو لکن،
پنو سو پاڙهين، جنهن مان پسڻ ٿي پرين کي.

روحل فقير سنڌ جي ٿرپارڪر ضلع جي امر ڪوٽ شهر ۾ اٽڪل سنہ ١٧٣٠ع ڏاري ڄائو. هوُ ذات جو زنگيجو هو. مرشد شاهہ عنايت جي عنايت سان روحاني فيض حاصل ڪيائين. پنجويهہ سال ساندهہ مرشد جي در تي خدمت ڪندو رهيو مرشد کيس فرمان ڪيو تہ پيارا تون هاڻ وڃ، جتي توکي سياويڪ روڪ ٿئي اُتي ويهي بندگي ڪج. روحل مرشد جي حڪم موجب روانو ٿيو رستي تي مڪ ڪنبڙيءَ سان سندس دامن اٽڪي پيو ۽ کيس مرشد جا لفظ ياد آيا. هن اُتي ئي پنهنجو ديرو دمايو. هن درويش اُتي ايتري تہ عبادت ڪئي جو اُهو آستان پوءِ ڪنبڙيءَ جي نالي سان مشهور ٿيو. سائين روحل پنهنجو اَنيوَ پيش ڪندي چيو :

دنيا مان ڪٽجي ٿي پئي. هڪ دفعي سرڪاري ملازمن سان ڏڏ گشت تي نڪتو. رستي تي جهنگ ۾ سنت آسرداس دونهين دکائي ڏيان ۾ ويٺو هو. پنهنجي مرشد کي ڏسي هي به اُتي ويهي رهيو، گهوڙو ۽ ڪاغذ ميرن کي واپس موڪليائين. ميرن ڪيس ماڻهو موڪليو ته جلدي اچي حاضر ٿي. دلپت اُن ماڻهوءَ کي چيو، ”چل، مئن نہ چلسيان مير نو غرض هوويسين تہ آپهي آويسين.“ آخر مير صاحب پاڻ اُتي هن سان ملڻ ويو، پر هي سرڪاري عهدي کي لت هڻي ڌڻيءَ جي بندگيءَ ۾ محو ٿي ويو. دلپت صاحب بہ انيوَ جي واٽي چئي آهہ :

دلپت ديدار پيهي پس پاڻ ۾

سائين دلپت بہ وحدت الوجود جو خيال ظاهر ڪيو آهي.

اندر ٻاهر سڀ ۾ جانب جو ظهور،
پر بنا اکين اندر جي ڪو ڏسي سگهي نہ نور.

سائين دلپت هر چيز ۾ پرينءَ کي پسي ٿو :

جي پپر ۾ پاڻ ڏٺي، تان ڪرڙ ۾ ڪير،
ڪک پن ۾ پڌرو آهي پريان سندو پير.

سائين بيدل ۽ سائين بيڪس روهڙيءَ ۾ رنگ لڳايو. محبت جو مچ مچايو. فقير بيدل سائين بہ سچو صوفي هو. هن صاحب صوفين جون صفتون ڳائيندي چيو :

صوفي ستہ ڦٽي ڪري، سمايو ۾ سڪ
وحدت بنا وک ڪاڏنهن کڻي ڪا نہ ڪا
سمهڻ ۽ سڌون ڪرڻ، صوفيءَ ۾ نہ سماءِ

انهن صوفي درويشن عشق کي ئي اهميت ڏني آهي. سنڌ ۾ ٻيا بہ ڪيترائي صوفي شاعر ٿيا جن جو ذڪر وقت جي محدودگيءَ سبب نٿو ڪري سگهجي.

اڄ بہ انهن صوفين سنتن جي حياتي ۽ سندن ڪلام اسان لاءِ روشن منار آهي. سندن پريم جي پيغام جي اڄ بہ دنيا کي درڪار آهي. انهن درويشن سيني ۾ هڪ ۽ حق پسيو. اسين بہ جيڪر ان وحدت جي واٽ تي هلون تہ دنيا بهشت ٿي پوي ۽ اساڻجو آئيندهہ روشن ٿي پوي.

وحدت جنين وساري تن جي مٽي اٽاسي.
(ايڪسٽرنل سروس دهلي ريڊيو.)

سچل سائين صوفين جو سرتاج هو. هي صاحب ۱۷۳۹ع ڌاري خيرپور ميرس سنڌ جي درازن ڳوٺ ۾ فقير صلاح الدين جي گهر ۾ تولد ٿيو. سندس نالو عبدالوهاب هو، پر کيس ڪي سچو ته ڪي سچل ۽ سچيڏنو به سڏيندا هئا. سائينءَ جي والد جلد ئي وفات ڪئي سندس پرورش چاچي عبدالحق ڪئي. ميان عبدالحق پاڻ به فقير تن هو. هن ئي سچل جي رهبري ڪئي ۽ پنهنجي ڌيءَ جو کيس سڱ به ڏنو. سچل سائين روحاني راه ۾ اڳتي وڌيو، هي صاحب مالڪ جي محبت ۾ مخمور ٿي ويو. حق ۽ هڪ جو هوڪو هنيائين. ان ڪري سندس زماني ۾ سندس مخالفت پي ٿي پر هي درويش حقيقت چوڻ کان هٻڪيو ڪين، چيائين :

سچ ٿا مڙد چون ڪنهن کي وٽي نه وٽي،
ڪوڙي دوستيءَ جو دم ٻٽي به ٻٽي.

منصور حلاج سچل سائينءَ جو آدرش هو. انڪري منصور جي ثنا ڳائيندي چيائين :

حق اناالحق ٿي چيائين، پر منجهه نظر منصور هو،
منجهه شرع شرڪت چون، منجهه معرفت منظور هو،
وس نه هو حلاج جو، ڪوئي محبتي مخمور هو،
سر نه جي سوريءَ ڏنائين، قرب ۾ ڪو قصور هو.

سچل سائين عشق کي اهميت ڏني آهي. سندس خيال موجب مالڪ جي محبت ئي سچي آهي باقي ٻيون سڀ ڳالهيون ڪوڙيون آهن :

ٻيون سڀ ڪوڙيون ڳالهيون، سچا سچو عشق الستي
جيئڻ آهه جڳه ۾، بنا عشق عذاب.

صادق فقير به سڀ ۾ سائينءَ کي پسي ٿو، سندس چوڻ آهي ته پريم دوارا ئي پرين جي پروڙ پوندي. روحاني راه ۾ عقل جي جاءِ ڪين آهي، عشق جي ئي اهميت آهي.

سو سيوئي سُبحان، جو تو جٽ نه ڄاتو،
عقل سين الله ڏي، پير نه ڪنهن پاتو،
سندو نينهن ناتو، پوريءَ کي پاڳي پيو.

سائين دلپت ميرن وٽ نوڪري ڪندو هو. نوڪري ڪندي سندس دل

هي بي تاج بادشاهہ دلين جو راڄو ڪئن نہ مهنن جا مهنا اُپو اس رکي ٿو. جيلن اندر باندي ٿي رهي ٿو مگر سدائين سندس منهن ۾ مشڪ، تن کي تسيائون ڏئي. ڪئنائن جي ڪارونيار مان ديش جي آزاديءَ جي ڪشتي ڪناري لڳائي ٿو. لکين هندو ڀائر جن کي اڇوت سڏي ڌڪاريو ٿي ويو تن کي هن 'هريجن' جو لقب ڏئي گلي لڳايو. هن گوتم ٻڌ جيان اهنسا جو سنديش سڻايو نہ صرف ڀارت ۾ مگر وديش ۾ پڻ ڀارتين جي اڌڪارن لاءِ هن سنگهرش ڪيو.

هن پيلري جڏهن ڏکڻ آفريڪا ۾ ڀارتين سان انگريزن جو برو ورتاءُ ڏٺو تڏهن هن کان سٺو نہ ويو. سندس بہ ڪيترا دفعا اُتي اپمان ڪيو ويو. اُتي هن ڀارتين کي ايڪتا جي سوتر ۾ ٻڌو. 'نيٽال ۾ انڊين ڪانگريس' برپا ڪري باپوءَ ڀارتين کي اڌڪار وٺي ڏيڻ لاءِ هلچل هلائي. انگريزن ڪيترا دفعا گانڌيجيءَ کي ختم ڪرڻ جي سازش سٽي پر جڏهن تي سائينءَ جي رک سو سَرَ ۾ گهمي سرهو. باپوجي ڏکڻ آفريڪا ۾ رهندڙ هندو اسين سان ٿيندڙ بي انصافيءَ خلاف ستياگره جي ڀرين جيت هئي. آفريڪا مان واپس ورڻ تي هن هندستان جي جدا جدا ڳوٺن جو دؤر ڪري ڀارتيہ جنتا جي ڏُکن دردن جو احساس ڪيو ۽ هن وائيسراءِ کي شڪايتن جو چٺو ڏنو.

بهار جي چمپارن ضلع جي ڪسانن جي سڏ تي گانڌيجي اوڏانهن ويو ۽ اُتي انگريزن جي اتياچارن خلاف ستياگرهہ شروع ڪيائين. رولٽ ائڪٽ جي ورڌ گانڌيجي اسهيوگ آندولن ۽ ستياگرهہ شروع ڪيو. باپوءَ جي پڪار تي هزارين هندو اسين پنهنجون سرڪاري نوڪريون ڇڏي ستياگرهہ ۾ ڀرو ورتو. وديارٿي اسڪول ۽ ڪاليج ڇڏي آندولن ۾ ٽپي پيا وطن واسطي! باپوءَ اِن آندولن ۾ اهنسا جي شستر جوئي استعمال ڪيو. گانڌيجيءَ کي ڇهہ سال جيل جي سزا ڏني ويئي. جيل ۾ بہ باپو رچناتمڪ ڪاريہ ڪندو رهيو، هوُ پريلت جو اُٿي ڀرين پريوءَ جي پرارٿنا ڪندو هو، آتم چنتن ۽ شاستر چنتن ڪندو هو، ڀڳوت گيتا پڙهي ليکہ لکندو هو. چرخو هلائيندو هو. هوُ سچو ڪرم يوگي هو. هن وديشي چيزن جي بهشڪار لاءِ جنتا کي سجاڳ ڪيو سندس تقرير چاهي تحرير ۾ مقناطيسي ڇڪ ۽ آڌياتمڪ ڪشش هئي. هوُ

راشٽرپتا مهاتما گانڌي

”هزارون سال نرگس اپني بي نوري پي روتي هئہ،
بڙي مشڪل سي هوتا هئہ چمن ۾ ديداور پئدا.“

صدين ڪانپوءِ آيو اوتاري پرش نويگہ جو نرماتا. جنهن لئہ مٺي آسائتي جنتا، ڀارت ماتا، پرتنترتا جي پاڙ پٽڻ لئہ امنسا جي جنهن راهہ ٻتائي، ديش ڀڳتيءَ جي جوت جڳائي. ڏکہ ڏسندي جنهن قوم جي ڪشتي ڪناري لڳائي. سو گانڌي پيارو آيو ديش دلارو آيو.

پياري باپوءَ جي جيون هئي هڪ مهڪندڙ ٻهڪندڙ ڦلو اڙي، جنهن ۾ هئا ڀن ڀن پرڪارن جا پشپ جن جي سرهاڻ سون ڪي سڳنڌت ڪيو. هي پيارو هو قرباني، ديش ڀڳتي تياڳ تپسيا، ستيہ سيوا سنيهہ، سادگي ۽ سوديشيءَ جو ساڪار سوروپ ڀارت جي آزاديءَ خاطر ۽ قوم لاءِ هن ڪيڏي نہ قرباني ڪئي!

ننگو اُگهاڙو ڏسي ديس کي
ڦٽو ڪيائين وڳي ويس کي
ٻڌيو لنگوٽيءَ وارو.... (دڪايل)

مهاتما گانڌيءَ جي جنم جو نالو شري موهنداس هو. سندس جنم ٢ آڪٽوبر سنہ ١٨٦٩ع ۾ ڪاٺياواڙ جي پوبندر شهر ۾ ٿيو. سندس شروعاتي تعليم پوربندر ۾ ٿي ۽ ان بعد هن راجڪوٽ ۾ اسڪولي تعليم پراپت ڪئي. هي صاحب پنهنجي پرشارٿ اورچائيءَ سان بئريسٽر ٻڻيو چاهي ها تہ وڪالت ڪندي ڪافي پئسا ڪمائي سگهي ها ! پر ڪوڙ ڪان ڪنارو ڪرڻ لاءِ هن وڪالت جو تياڳ ڪيو ۽ ڀارت ماتا جي ڇوٽڻ ۾ پاڻ ارپڻ ڪيو.

پرارٿنا جو پرڀاو

باپوءَ جو پريوءَ جي پرارٿنا ۾ پورڻ وشواس هوندو هو. هو ڪيترائي ڏکيا مسئلا پرارٿنا دوران حل ڪندو هو. پرارٿنا دوران اچا شڪتي پرهل ٿيئي ٿي. پرارٿنا صرف چپن سان نه پر دل جي اونهائيءَ مان ڪرڻ گهرجي ته پريو اوس عرض اونئيندو. سنه ١٩٢٤ع ۾ هندو، مسلم، عيسائي سيني ترمن جي سرڪردن کي سنگهٽن جي سوتر ۾ ٻڌڻ لاءِ باپوءَ ٢١ ڏينهن جو اُپواس رکيو. اُپواس جي دوران باپوءَ جي طبعيت ڪاجهه ڍلي ٿي پيئي، ڊاڪٽرن کي گهرايو ويو. ڊاڪٽرن رايو ڏنو ته گانڌيجيءَ جي صحت ٺيڪ نه آهي، ايترا ڏينهن اُپواس رکڻ هن لاءِ ٺيڪ نه آهي. گانڌيجي ڊاڪٽرن جي صلاح ڏي ڌيان ڪين ڏنو. اُپواس جي پندرهين ڏينهن باپوءَ جي صحت وڌيڪ بگڙيل نظر آئي. ڊاڪٽرن باپوءَ جي تپاس ڪري کيس وينتي ڪئي ته هن وقت توهانجي حياتي خطري ۾ آهي، مهرباني ڪري اُپواس ٽوڙيو. باپوءَ ڊاڪٽرن ۽ شيڪڇنتڪن کي چيو ته مونکي حال ڇڏيو، چوويهن ڪلاڪن کان پوءِ مان توهانجي ڳالهه مڃيندس.

مهاتما گانڌي چوويهن ڪلاڪ مُون ڌارڻ ڪري، ايڪانت ۾ دل جي گهرائيءَ مان پرماتما کي پرارٿنا ڪئي. چوويهن ڪلاڪن گذرڻ بعد ڊاڪٽرن وري باپوءَ جي تپاس ڪئي. اُن وقت باپو مشڪي رهيو هو. ڊاڪٽرن کي تپاس ڪندي تعجب لڳو ته باپوءَ جي بگڙيل صحت ڪيئن پنهنجو پاڻ سڌري پئي آهي. ڊاڪٽرن کيس چيو ”باپو! توهان ته اسان کي عجب ۾ وجهي ڇڏيو آهي جو بنا دوا درمل ۽ وڌيڪ بکه ڪيڻ تي به توهان ٺيڪ ٿي ويا آهيو.“ باپوءَ مسڪرائيندي چيو ته اِهو سڀ پرارٿنا جو چمتڪار آهي.

اسين به جيڪڏهن باپوءَ وانگر پرماتما ۾ وشواس رکي پرارٿنا ڪريون ته اسانجا به دکه درد دور ٿي ويندا.

گرديو رويندرناٿ ٽئگور هڪ دفعي گانڌيجيءَ کي خط لکندي ”مهاتما“ ڪري سمبوڌت ڪيو. اُن کانپوءِ ئي لوڪن کيس مهاتما گانڌي ڪري سڏيو. هن پنهنجي من، وچن ۽ ڪرم دوران مهاتما لفظ کي سارٿڪ ڪيو. هن جهڙو

سالن جا سال وطن صدقي جيلن ۾ رهيو. ڏک ڏاکڙا ڏٺائين. پر ستيہ اهنسا جي مارگ تي اَٽل رهيو. هوُ ڪيترا مسئلا پرار ٿنا دو اران حل ڪندو هو. مسڪين محتاجن بيمارن جي پنهنجي هٿن سان شيوا ڪندو هو. ٿورو ۽ ساتوڪ کاڌو کائيندو هو ۽ ڏاڍو سنڀاجم سان هلندو هو. هوُ ترم ۽ ڪرم تي پورو هو. سيني ترمن کي پيار ڪندڙ هوُ ترم رکشا جو حامي هيو. سندس نظرن ۾ سچو سنت اُهو جو پرائي پيڙا پنهنجي پيڙا ڄاڻي اُنکي دور ڪري.

'وئشڻو جن تو تيني ڪهئي جو پيڙ پرائي جاڻي ري.'

ڪروڙن هندو اسين جي همدرديءَ جو ساگر ڪيئن نہ هنجي هردي ۾ ڇوليون ماريندو هو!

هڪ دفعي نو اکليءَ جو سفر ڪندي مهاتما گانڌي لڳن توئڻ لاءِ پاڻي گهريو تنهن منو پيڻ سرديءَ سبب پاڻي گرم ڪري گانڌياجيءَ کي ڏنو. مهاتما گانڌي گرم پاڻي ڏسي نار اض ٿيو. هن مٺي ڪاوڙ ڪندي چيو تہ گرم پاڻي تہ صاحب لوڪن کي ڏبو آهي. مان صاحب ڪين آهيان. غريبن کي هڪ ويلو روٽي ڪرڻ لاءِ ڪاٺيون يا ڪوئلا ڪين ٿا ملن تو وري مونکي پيرن توئڻ لاءِ گرم پاڻي ڪري ڏنو آهي! اِهو ٺيڪ نہ آهي. مان تہ مسڪينن جو عيوضي آهيان. مهاتما گانڌيءَ جي من ۾ مسڪينن لاءِ ڪيڏي نہ همدردي هئي.

هوُ پين جي پيڙا کي پنهنجي پيڙا ڪري سمجهندو هو. ڪروڙن ڀارتين کي دکي ۽ غريب ڏسي پاڻ بہ غريبن و انگر گذر ان ڪندو هو. هڪ دفعي هڪ ٻالڪ ٻاپوءَ کي بنا خميس ڏسي عرض ڪري ٿو. ٻاپو مان اوهان لاءَ هڪ خميس گهر مان ڪٺي اچان. اوهان مهرباني ڪري ٿورو ترسو. ٻاپو مشڪندي ٻالڪ کي چيو. 'ٻالڪ مونکي هڪ خميس نہ پر وتيڪ گهرجن. ٻالڪ ور اٽيو. بابا ٽم پنتر هن خميسون ڪٺي اچان پوءِ تہ اوهان بدن پڪيندا نہ!' ٻاپو چيو' ٻالڪ جنهن منهنجا ڪروڙين ديشو اسي ننگا آهن تنهن مان ڪئن بدن پڪيان! تون جي مونکي خميس پهر ائڻ چاهين ٿو تہ چاليہ ڪروڙ خميسون مونکي ڏي. ڀارت جا چاليہ ڪروڙ رهو اسي منهنجا ڀائر آهن. ٻالڪ چپ ٿي ويو!

جو ڪنڌ هيٺ ٿي ويو. ويندي وقت صرف ايترو پڇيائين:- ’ٻاپو جي! هي ڪا لائق شيو ٺاهڻ جي ته ٻڌايو.‘

ٻاپوءَ ورائيو. ’منهنجي اِها شيوا ڪريو ته مسافرن کي تنگ نه ڪريو ۽ رشوت نه وٺو. بس ايترو ڪندا ته سمجهندس ته توهان منهنجي شيوا ڪئي.‘

ٻاپو پاڻ برسلت جي پاڻي ۾ پاڇندو رهيو پر هن پين کي تڪليف نه ڏني ۽ گڏوڏ ڪي پڻ مسافرن جي سهنج سهوليت لاءِ تاڪيد ڪئي. ٻاپوءَ کي پين جي سک جي ڪيڏي نه چنتا هئي!

جيوَ ديا:-

سريشٽ پرش پر اٿي ماتر تي ديا ڪرڻ پنهنجو مکيه ڪرتويه سمجهندا آهن ۽ پين کي پڻ اُن قسم جي صلاح ڏيندا آهن. ٻاپوءَ جي دل ۾ به نه صرف منش ماتر پر پکين پسن لاءِ به عجيب پيار هو. همدردي هئي.

هڪ دفعي جڏهن ٻاپو چمپارن ۾ هو تڏهن اوچتو اُتي هڪ جلوس نڪسي ٿو. تنهن جلوس ۾ ماڻهن سان گڏ هڪ ٻڪري پڻ ساڻ آهي. ٻاپو ٻاپوءِ مان پڇي ٿو، ’پيلرا اوهان هن ٻڪريءَ کي ڪيڏانهن پيا وٺي وڃو؟‘

جلوس وارن ماڻهن ورائيو شهر ۾ ماتا ڦهلجي وئي آهي. ديوي ماتا کي پرسن ڪرڻ لاءِ اسين ديوي ماتا جي مندر پرسان هن ٻڪريءَ کي ختم ڪري ديوي ماتا تي ٻل چاڙهينداسين جئن ديوي ماتا پرسن ٿئي ۽ ماڻهوءَ ماتا کان ڇوٽڪارو حاصل ڪن.‘

ٻاپوءَ کانئن پڇيو، ’ٻڪري سريشٽ يا منش.‘ جلوس وارن ورائيو، ’منش سريشٽ آهي.‘ تنهن تي ٻاپوءَ کين چيو، ’جڏهن صورت ۾ منش ٻڪريءَ کان سريشٽ آهي پوءِ ڇو نه ٿا اوهين منش جي ٻلي چاڙهيو. سريشٽ چيز ٻلي چاڙهڻ سان ديوي ماتا وڌيڪ پرسن ٿيندي نه؟ اوهان مان جيڪڏهن ڪو ٻلي ڏيڻ لاءِ تيار هجي ته واهه نه ته ته مان تيار آهيان.‘

ٻاپوءَ جا اِهي وچن ٻڌي جلوس وارا ماڻهو اهڙو ڪاڇن جهڙي يت. ٻاپو جيءَ کين ورجائيندي چيو، ’معصوم بي زبان ٻڪريءَ جي ٻلي چاڙهڻ سان ڇا ديوي ماتا پرسن ٿيندي؟ جيڪڏهن ائين آهي ته اوهان پنهنجو خون ڏيو. گگدامن جو خون وهائڻ مها پاپ آهي. پاڇ ته ان ۾ آهي ته اوهين پراٿي ماتر سان پريم ڪريو.

تياڳ ۽ وئراڳ، ساتوڪ جيون ست ويچار، ست وهنوار ڪن ٿورن سنتن جو هوندو. بئريسٽر هوندي به ڪيڏي نه سادگي اختيار ڪيائين. هي يگ پرش هو. هن پيار تيه جنتا کي پنهنجي سڌانتن ذريعي نئين دشا ڏني.

مهاتما گانڌي ديش ڀڳتيءَ ۾ سرشار هو، گڻن جو گلزار هو، دکين جو دلدار هو، مسڪينن محتاجن جو مددگار هو. ڪندو سيني کي پيار هو. سندس جيون روپي باغ ۾ ڪيترا نه سندر ۽ سڳنڌ وارا گل ٽڙيا، جي اڄ به اسانکي سڳنڌ ڏئي رهيا آهن. اسين به پنهنجي جيون ۾ امڙ اگل پوکيون ۽ اُنهن جي سرهاڻ سان سنسار کي سڳنڌت ڪريون. پياري باپوءَ جي سکيائن ۽ سڌانتن تي هلي قوم ۽ ديش جي ڪشتي ڪناري لڳايون.

ٻين جي سک جي چنتا:-

مهاپرشن کي پنهنجي سک جي ايلاڪا ڪو نه هوندي آهي. هوُ پنهنجي تن کي تسيائون ڏئي به ٻين جو ڀلو ڪندا آهن. باپو جي به ساري جيون پراڻي ماتر جي سيوا ايگيه ۾ ارپڻ ڪئي. باپو پاڻ کي تڪليف ۾ وجهي به ٻين کي سک ڏيندو هو.

هڪ دفعي باپو گاڏيءَ ۾ مسافري ڪري رهيو هو ته اوچتو زبردست برسات پيئي. باپو جنهن گاڏي ۾ ويٺو هو اُن ۾ ڪافي برسات جو پاڻي اچي رهيو هو. اها ڪُڙڪ گارڊ کي پيئي. هو هڪدم باپوءَ جي گاڏي ۾ آيو ۽ اچي ڪيس وينتي ڪيائين ته اوهانجي هن گاڏي ۾ ڏايو برسات جو پاڻي اچي رهيو آهي ۽ اوهان کي تڪليف ٿي رهي آهي، اوهان مهرباني ڪري هن گاڏي مانلهي ٻئي گاڏي ۾ ويهو.

اِهو ٻڌي باپوءَ گارڊ کان پڇيو، 'جيڪڏهن مان هي گاڏو خالي ڪريان ته توهان هن گاڏي جو ڇا ڪندا؟'

گارڊ ادب سان ورائيو، 'اوهان لاءِ جيڪو گاڏو خالي ڪرايو اٿم تنهن گاڏي جا مسافر هن گاڏي ۾ وهارينداس.'

باپوءَ چيو: 'جي توهين هن ۾ ٻيا مسافر وهارڻ وارا آهيو ته پوءِ مان ڇو ڪين هن ۾ ويٺو هجان؟ مان سک سان ٻي گاڏي ۾ وهان ۽ ٻيا منهنجي ڪري پريشان ٿين. اِها ڳالهه مان ڪڏهن برداشت نه ڪندس!' باپوءَ جا اِهي لفظ ٻڌي گارڊ

سنت سائين پارو شاهہ

روهڙي درويشن جو ديرو هئي. سائين پارو شاهہ جو جنم پڻ روهڙيءَ ۾ سنہ ١٨٢٠ع ۾ شري هنسراج سوناري جي گهر ٿيو. سندس پهريون نالو پارومل هو. سندس ماتا جو نالو چانديءِ بائي هو. شري هنسراج ۽ چانديءِ بائي ڌرمشٽ ويچار ڌارا وارا هئا. ڪين ٻيا بہ پٽ چندومل ۽ ڇيٺومل بہ هئا. جن اَباڻو ڌنڌو اختيار ڪيو. باقي سائين پاروشاهہ اسڪولي تعليم حاصل ڪري سرڪاري نوڪريءَ ۾ گهڙيو. هوُ پهريائين پوليس وارو هو ۽ پوءِ صوبيدار پڻ ٿيو . هن شڪارپور جي شري جهامنداس سوناري جي ڌيءَ گنگا ديويءَ سان لائون لڌيون. ڪجهہ سالن ڪانپوءِ ڪن گهرو مسئلن سبب ڳ نگاديوي رسي پيڪي هلي ويئي. هيڏانهن هڪ ڏينهن پاروشاهہ نوڪري ڏيئي جيئن گهر واپس وريو ۽ سرڪاري ٻريس لاهي گهر جي ڪرت ۾ لڳو تہ اوچتو پوليس ڪپتان جو ماڻهو ڪيس ڪوٺڻ آيو تہ جلدي دفتر ۾ واپس هلو، اوهان ڪي ڪا چٺي پهچائي اچڻي آهي. حڪم جو بندو، حڪم جي تعميل ڪري پوليس ڪپتان وٽ آيو. اُن جي حڪم موجب چٺي پهچائي هوُ گهر آيو ۽ روٽي پي تيار ڪئي تہ وري هڪ ٻيو ماڻهو ڪيس ڪوٺڻ آيو تہ ڪپتان صاحب اوهان کي ڪنهن ضروري ڪم سبب ڪوٺي رهيو آهي. اُن وقت شري پارومل (پارو شاهہ) غصي ۾ اچي پنهنجي پوليس واري ٻريس، سيٽي وغيرهہ ساڻ کڻي ڪپتان صاحب وٽ آيو. هن پوليس جي وردي ۽ ٻيو سامان ڪپتان صاحب اڳيان رکي

گگدامن تي ڪمل ڪريو. اوهان پڻ جيون تي ديا ڪندا تہ ديوي ماتا اوهان تي ديا ڪندي. ديا ئي ڌرم جو مول آهي. مُڪت ڪريو ان ٻڪريءَ کي. جي پربوءَ جي ڪرپا چاهيو تہ جيوَ ديا جي جوت جڳايو. من وچن ۽ ڪرم سان سڀني جيون کي پيار ڏيو! قرب ڏيو.

اهنسا جي جيت:

اهنسا ۾ اسيم طاقت آهي جا اُڀرائي ڪنڊ ڙ کي سياويڪ نيائچو نو ائي ٿي. ١٩٤٧ جي گهٽنا آهي باپو جي ڪشمير ڏانهن وڃي رهيو هو. رستي تي امرتسر ۾ ہہ سؤ کن مخالفتي نوجوانن 'گانڌيجي لوٽ جائو.' جا نعرا لڳايا. مگر گانڌيجي مشڪندي مخالفتين جا نعرا ٻڌي ماٺ ۾ رهيو. مخالفتين سمجهو تہ باپو انهن طوفاني نعرن جي موٽ ڏيندو. ائين چڪتاڻ پيدا ٿيندي ۽ کين فسادن ڪرڻ جو موقعو ملندو. گانڌيجيءَ جي ماٺ سبب مخالفتين کي جهڳڙي ڪرڻ جو وجهہ نہ مليو. هوُ نراس ٿي موٽيا ۽ گانڌي اڳتي وڌي.

پياري باپوءَ جي سادگيءَ واري جيون ۽ اعليٰ ويچار اڄ بہ اسانجي رهنمائي ڪري سگهن ٿا. سندس لاثاني قربانين ۽ ساراهہ جوڳن ڪارين سبب ڀارتيہ جنتا کيس 'باپو' ۽ راشٽرپتا ڪري سڏيو.

سنہ ١٩٤٨ع ٣٠ جنوري نماشام جو مهاتما گانڌي برلامندر دهليءَ ۾ پرارٿنا ڪري رهيو هو تہ اوچتوئي اوچتو مخالفتي نٿورام گوڊسي سندس سيني ۾ گولي هنئين گولي لڳڻ وقت گانڌيءَ جي زبان مان 'هي رام هي رام'' لفظ نڪتا. چوڌاري غم جون گهنگهور گهٽائون ڇانئجي ويون! وشو جي مهان ويوتي پلرتو اسين جي دلين جي بيتاج بادشاه مهاتما گانڌيءَ شهادت جو جام پيتو.

شهادت جام جن پيتو سدائين سي زنده آهن
هتي پي جيت آ تن جي، هتي بہ جيت ٿا پائن

مهاتما گانڌيءَ جي اڪٿ ڪوشش سبب اسانجو ڀارت ديش آزاد ٿيو. اڄ اسانجو فرض آهي تہ اسين سندس ٻڌايل ستيہ سنيهہ اهنسا جي مارگ تي هلي سندس رام راڄ جو سپنو ساڪار ڪريون.

ڪيو. هڪ لڳا پٽ شاهه جو فقير روهڙي آيل هو. هن شري پارومل کي درازن جي ميلي تي هلڻ جي صلاح ڪئي. پارومل وراڻي ڏني ته اوهان درازن جي ميلي تي هلو، مان پاڻيهي اچان ٿو. پٽ شاهه جو فقير ميلي لاءِ روهڙيءَ مان روانو ٿيو، اجا خيرپور مس پهتو ته هن پارومل کي درازن جي ميلي تان واپس ورندو ڏٺو. اِهو ڏسي پٽ شاهه جو فقير دنگ رهجي ويو ۽ شري پارومل کي چيائين، ”اَبا اوهان ته هاڻي پاروشاهه آهيو.“ اُن ڏينهن کانپوءِ سيني شري پارومل کي پاروشاهه ڪري سڏيو. هاڻي سندن در تي سوين سوالي صدقي ايندا هئا جي مالا مال ٿي ويندا هئا. سائين پارو شاهه ڪرامت جا ڏاڻي هئا، سڌ پرش هئا. هڪ دفعي سائين ڊاڪٽر روچلداس جو پاءُ شري ميٺارام منشاراماڻي ڪراچيءَ ۾ هوائي بندر جو سئر ڪري رهيو هو ته سندس من ۾ سائين پاروشاهه جي درشن جي تيور اڀلاکا پيدا ٿي. اجا جو سامهون نهاري ته سنت سائين پاروشاهه سامهون بيٺا آهن. اُنهنجو درشن ڪري کيس ڏاڍو تعجب لڳو ته ڪيئن ويچار ڪرڻ سان ئي سندن جو ساکيات درشن نصيب ٿيو. هن هڪدم روهڙي تار ڪئي ته سنت پاروشاهه جن جو احوال ڏيو ته اُتي آهن يا ٻاهر. روهڙيءَ مان احوال آيو ته سنت پاروشاهه جن ته روهڙيءَ ۾ ئي آهن. تار پڙهي ميٺارام تمائين عجب ۾ پئجي ويو.

هڪ دفعي روهڙيءَ جي چونڪ ۾ ڪيئو ڪوهرن وارو ڪوهر وڪڻڻ آيو. سنت پارو شاهه چيس اَبا ڪيتا! پنگ ته پيئارج. ڪيئو سنتن جي آگيا ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو. ڪوهر اُتي رکي باداميون، مصري، ڦوٽا ۽ پنگ وٺي گهوٽي اچي سائين پاروشاهه کي پيٽ رکيائين ۽ کين عرض ڪيائين ”قبلا مسڪين جا ڪوهر ڪائي پوءِ پنگ پيئو.“ تنهن تي سنتن وراڻيو، ”ابا ڪيئا، ڇا تو اجا پوهڻي

هٿ جوڙيندي چيو، ”قبلا! اسان هاڻي اوهان جي نوڪري ڇڏيسين. دنيا جي غلاميءَ کان سچي صاحب جي نوڪري ڪبي.“

اهو ٻڌي ڪئپٽن عجب ۾ پئجي ويو ۽ کيس گهڻو ئي سمجهايائين ته ائين نوڪري نه ڇڏيو پر شري پارومل جنهنکي دنيا کان ڪنائي اچي ويئي ۽ نينهن جي ناوڪ لڳي سو ٻڌو اَڻٻڌو ڪري پنهنجي گهر واپس وريو ۽ مٿي ڪوٺي واري ڪمري ۾ ساندهه اَٺ ڏينهن الله جي عبادت ۾ مشغول رهيو. اَٺن ڏينهن کان پوءِ هو هيٺ لٿو ۽ پڪو پهه ڪيائين ته هاڻي دنيوي لاڳاپا لاهي رب جي راهه ۾ هلبو. سندس گهر واري گنگا ديوي اچا شڪارپور ۾ هئي. هي پيارو پنهنجي ساهري گهر جي جيئن ويجهو پهتو ته پريان ئي سندس سهري جهامنداس کيس هڪل ڪندي چيو، ”تون هيڏانهن ڇو آيو آهين؟ تنهنجو اسان سان ڪهڙو واسطو؟ تو گهر واريءَ کي ڪيئي ڇڏيو، ٻڌو آهي ته تو نوڪري به ڇڏي ڏني آهي. موٽي وڃ توکي موڪل ڪونه ڏبي.“ شري پارومل سهري جي ويجهو پهچندي چيو ته جي اوهان گنگا جي موڪل ڪين ٿا ڏيو ته گهٽ ۾ گهٽ گنگا جو منهن ته ڏيکاريو. جهامنداس ۽ سندس گهر واري پنهنجي ڌيءَ گنگا کي سڏي هيٺ گهرايو. جيئن ئي گنگا هيٺ لٿي تيئن شري پارومل کيس مخاطب ٿي چيو، ”چڱو ماتا گنگا هاڻي توسان اسان جي موڪلاڻي، هري هر آسرو واهگروءَ جو.“ ائين چئي پاروشاهه پويان پير ڪيا. روهڙيءَ ۾ واپس اچي بيدل سائين جي درگاهه ۾ ويٺا. اُتي وڻ جي هيٺان سنت پارومل ٢٥ سال ساندهه ايشور ڀڳتيءَ ۾ گذاريا. هاڻي هو پارومل مان پاروشاهه ٿي پيو.

شري پارومل کي شاهه جو خطاب پٽ شاهه جي فقير عطا

سنت سائين وسڻ شاهہ

سنڌ جي مشهور سنت سائين وسڻ شاهہ جو اصلوڪو نالو شري ويڙها رام هو. سنت سائين پاروشاهہ شري ويڙها رام کي پنهنجي نينهن ڀري نظر سان نهال ڪري کيس وسڻ شاهہ ڪري ڇڏيو. ڪيترا پريمي کيس وسڻ گهوٽ جي نالي سان بہ پڪارين ٿا. اِها سڀ ڪرپا درشٽي سائين ۽ ستگرن جي آهي.

جنهن تي مهر ڪري سامي پورو ستگرو،
تنهنجي مهر مايا سان لوڻ لوڻ سڀ ٿاري،
تار منجهان تاري ڏيئي هٿ همٿ جا.

روهڙيءَ شهر ۾ شري گيانچند رهندو هو. جنهن کي پٽر سنتان ڪو نہ هئي. سندس اِستري پٽر لاءِ پريشان هوندي هئي. هڪ ڏينهن پتنيءَ کي ڏايو وياڪل ڏسي شري گيانچند کيس صلاح ڏيندي چيو 'منهنجي وڏي ڀاءُ شري ڪندارام وٽ وڃ، جنهن مهل هوُ ڪٿا ڪندا هجن اُن وقت پتاشن جو ٿالهہ ۽ ناريل کين پيٽ ڪج. هوُ ڇاٽي ڇاٽٺهار آهن تنهنجي مراد پوري ڪندا. دلجاءِ ڪر.' شري گيانچند جي ترمپتني هاسي ٻائي گهوٽ جي ٻالهہ تي ٻُنڌ ٻڌي. صبوح جو جيئن شري ڪندارام ستسنگہ ڪري رهيا هئا تہ هاسي ٻائي پتاشن جو ٿالهہ ۽ ناريل سندس اڳيان پيٽ رکيا. ٻائي ڪندارام ڪٿا ڪيرتن پورو ڪري هاسي ٻائيءَ کان پڇيو 'اَبا اَڄ ڪيئن آئي آهين؟' هاسي ٻائيءَ نيز اريءَ سان هٿ ٻڌي وينتي ڪئي 'مون نماڻيءَ نادان جي مراد پوري ڪندا، توهان ڇاٽي ڇاٽٺهار آهيو.' ٻائي ڪندارام مائي هاسيءَ کي ڪجهہ پتاشا پرساد

ڪونہ ڪئي آهي؟'' سنتن گودڙيءَ مان جوئر جي مٺ ڀري ڪيئي
کي ڏيندي چيو، ''پيارا، ڪر ٻوهٽي.'' ڪيئو اُها جوئر جي مٺ ڳ
هر ۾ وجي مڪ ڪني ۾ رکي آيو ۽ وري ڪوهر وڪڻڻ ۾ لڳي ويو.
ڪوهر وڪڻي جڏهن گهر واپس وريو تڏهن پنهنجي پتنيءَ کي
پاپوهہ مان چيائين سائين پاروشاهہ جوئر ڏني آهي سا اچ
ڪائينداسين. جيئن ئي ڪيئو ڪني طرف وڌي ڪني ۾ هٿ وجهي
تہ سندس عجب جي حد نہ رهي. اُهو سچو ڪنو آڏين پائلين
سان ڀريو پيو هو! سندس گهر واري اهو ڪؤتڪ ڏسي دنگ رهجي
ويئي. ڪيئن نہ سنت پنهنجي ڪرپا سان ڪٽي مان ڪيچ ٿا
ڪن. سنتن وٽ سڀ ڪجهہ آهي: جي ڪمي ۽ ڪاڻ آهي تہ
اسان ۾. جن سچو صدق رکيو تن ڪٽيو.

سائين وسڻ شاهہ، ميان ارباب علي شاهہ، شري اوچيرام صاحب
سائين پاروشاهہ جا خاص شش هئا. صدقي تہ سوين هئا. سائين
پاروشاهہ المست فقير هئا. مالڪ جي مدامي موج ۾ سدائين مست
رهندا هئا. سائين پاروشاهہ بسنت پنچميءَ جي رات سنہ ١٨٩٠ع
سنسار جو سفر سماپت ڪري برهملين ٿيا.

رهيا، هو بنا پيد پاو جي سيني جاتين جي دکين جي خدمت ڪندا هئا. گروجن پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمايو آهي:

جن سيويا تن پايا مان
سائين وسڻ شاهہ ڪيتري نہ شيوا ڪئي!
شان شيوا جو وڏو آ شاهوڪاري شان کان
مان محبت جو وڏو آ عهدي واري مان کان.

(ڪوي بيوس)

هوُ گرهست ۾ رهندي نرليپ رهيا. وري جو سائين پاروشاهہ جهڙا ڪامل درويش مرشد ڪين نصيب ٿيا تن جي مهر ميا سان وسڻ شاهہ لعلون لعل ٿي پيا.

هڪ ڀُوڻاٽو ڏنڌي جي خيال کان گهوڙي تي چڙهي هڪ ڀنگہ جي ڀُوڻ ڪٽي روهڙيءَ طرف ٿي آيو. تن ڏينهن ۾ سنڌ جي ڪيترن شهرن ۾ نشيدار شيون واپرائڻ جي منع ٿيل هئي. رستي تي پوليس واري کي شڪ پيو. هڪدم اُن گهوڙي واري شخص کي روڪي اُن جي تپاس ڪيائين. ڀُوڻ ۾ ڀنگہ ڏسي هڪدم اُن شخص کي پوليس چوڪيءَ تي وٺي آيو ۽ ڀنگہ جي ڀُوڻ بہ ڪٽائي آيو. پوليس عملدار جڏهن اُن شخص کان پڇيو تہ توکي ڄاڻ آهي تہ ڀنگہ ۽ ٻين نشيدار شين تي بندش پيل آهي تہ پوءِ تو ڇو هيڏي ڀُوڻ ڀنگہ جي پاڻ سان کنئي آهي؟ ڀُوڻاٽي ٻي واهہ نہ ڏسي کٽي چيو 'سائين وسڻ شاهہ جي دربار لاءِ ڀنگہ آندي اٿم.' صوبيدار تنهن تي هڪدم سائين وسڻ رام صاحب کي پوليس وارو موڪليو تنهن اچي سربستي ڳالهہ سائين وسڻ رام صاحب سان ڪئي. سائين وسڻ رام صاحب وسمہ ۾ پئجي ويا تہ اَبا اَسان تہ ڪنهن کي ڀنگہ آڻڻ لاءِ چيو ڪين آهي پر جيڪڏهن ڪنهن پاڻ کي بچائڻ لاءِ سنتن جو نالو کنيو آهي تہ سنت منهن ڏيندا. سائين وسڻ رام پوليس ٺاڻي تي آيا. صوبيدار پڇيس 'سائين توهان هن کي ڀنگہ آڻڻ لاءِ چيو آهي؟' سائين وسڻرام وراڻيو، 'اَبا هن پياري دربار لاءِ اِڪڙ

طور ڏيندي چيو 'ابا توکي اهڙو پٽر پئدا ٿيندو جو سنڌ هند ۾ ماڪارو ٿيندو.'

پائي ڪندارام سڌ پرش هئا. سندن وچن ساچو ٿيو. فيبروري سنہ ١٨٤٧ع ۾ شري گيانچند کي پٽر سنتان ٿي، جنهن جو نالو شري ويڙهو رکيو ويو. جو پوءِ وسڻ شاهہ جي نالي سان پڳتي ۽ شيوا سبب سنڌ جو پرسڌ سنت ٿيو.

سائين وسڻ شاهہ جي دربار روهڙيءَ ۾ سنڌو ندي جي ڪناري تي آهي. جنهن کي پريمي آسائو تڙ ڪري بہ ڪوٺيندا آهن. چاڪاڻ تہ اُتي سوَن آس وندن جون آسون اُميدون برثواب ٿيون آهن. وسڻ شاهہ نماٽي صورت ۽ سرل پرڪرتيءَ وارا، سچاجها سيوڪ هئا. هوُ لولن لنگڙن، سورداسن جي پنهنجي هٿن سان ڏاڍي پيار ۽ صدق سان شيوا ڪندا هئا. انهن کي ڪارائيندا پياريندا هئا. اُنهن جي ٽهل ٽڪور ڪندا هئا. هو ڪيترو وقت سانت ئي سانت ۾ نام سمرڻ ۽ ڌيان ۾ گذاريندا هئا. اُها زمين بہ سڀاڳي آهي جتي سنت، سمرڻ ۽ شيوا جي جوت جڳائين ٿا. اُتان جي مٽي بہ ملهائتي ٿئي ٿي. ڪيترا صدقي اهڙن درويش جي درگاهن جي خاڪ لڳن کي لائي دکہ دور ڪن ٿا. سائين وسڻ گهوٽ وٽ بہ ڪيترائي سوالي ايندا هئا جي پنهنجون جهوليون سايون ڪري ويندا هئا. من جون مرادون پائي ويندا هئا. هو هر روز صبوح جو سويل ساڌ پيلي ۾ وڃي سنڊاس صاف ڪندا هئا. ڪيترائي ڏينهن هو اِن قسم جي شيوا ڪندا رهيا. جڏهن اِن قسم جي چاڻ اُتان جي مهنت صاحب کي پيئي تڏهن مهنت صاحب هن کان پڇيو پيارا توهان اِهو ڪم ڇو ٿا ڪريو؟ وسڻ شاهہ ڏاڍي نياز ۽ نئڙت سان وراڻيو 'سائين شيوا جي ڀاونا کان ئي اِهو ڪم ڪندو آهيان.' تڏهن سنت سوامي هر پرساد کين چيو 'پيارا ڪرپا ڪري اِهو ڪم هت نہ ڪندا ڪيو.' سنتن جي آگيا اکين تي رکي سائين وسڻ گهوٽ ائين ڪيو. پر پنهنجي آستان تي لولن لنگڙن سورداسن اپاهجن جي شيوا ۽ صفائي پنهنجي هٿن سان ڪندا

موڪليو تہ ڪو گهرجائو آيل آهي جنهنڪي پيشگير گهربل آهي، سو پيشگير ڏياري موڪل. گهر مان جواب آيو تہ پيشگير ڪين آهي. تنهن تي سائين پاڻ مٿي گهر ويا ۽ ڌرم پتنيءَ کي چيائون تہ حال جيڪو پيشگير توکي پيل آهي سو لاهي ڏي، جيئن گهرجائو نراس نہ ٿئي. آگيا انوسار ماتا پنهنجو پيشگير ڪيس ڏنو. سنتن اهو پيشگير اُن گهرجائوءَ کي ڏيئي سندس سوال پورو ڪيو. سنت پاڻ کي تڪليف ڏيئي بہ ٻين جو ڀلو ڪن ٿا. سائين وسڻ شاهہ ڪيڏو نہ اُدار چت هو.

سائين وسڻ شاهہ جو آستان هن وقت بہ سنڌ روهڙيءَ ۾ قائم آهي. سنڌو نگر ۵ ۾ پڻ سندن آسائو تڙ آستان آهي. هن وقت سندن گاديءَ تي سنت چيتنرام صاحب براجمان آهي.

(ايڪسٽرنل سروس آل انڊيا ريڊيو دهلي تان پرسارت)

جي ٻوڻ آندي آهي، اُتي چڱيءَ طرح ڏسو.' اچا جو صوبيدار ۽ پوليس وارا اُن ٻوڻ کي ڏسن تہ مار! ينگہ جي بدران ساري ٻوڻ اِڪڙ سان ڀري پيئي آهي. ينگہ جي بدران اِڪڙ! واھ سنتن جا رنگہ. پوليس پشيمان ٿي اُن ٻوڻاٽي واپاريءَ کي ڇڏي ڏنو ۽ سائين وسڻ شاھ کان پڻ معافي ورتي.

هڪ ماتا کي پتر سنتان ڪين هئي. سو گھوٽ کي چيائين سنتن وٽ سپ ڪاجھہ آهي مان سائين وسڻ گھوٽ کان پٽ وٺندس. اِها ماتا سائين وسڻ شاھ ۾ وشواس رکي سندس آستان تي نت نيم اچي پڪاريندي هئي، وسڻ گھوٽ منهنجي گود سائي ڪاج. هڪ ڏينهن سائين وسڻ شاھ جيئن ٻاهر گهٽيءَ ۾ نڪتو تہ اُن ماتا ڏاڍي سوز ڀري آواز ۾ پڪاريو 'وسڻ شاھ مون نماڻيءَ تي نوازش ڪري پٽڙو بخش' گهٽيءَ جي ڪنڊ ۾ ڪتيءَ ويم ڪيو هو اُن جا گلڙا پيي گهميا. سائين وسڻ شاھ هڪڙو گلڙو کڻي اُن ماتا جي گود ۾ وجهندي کيس چيو، 'وٺ هيءُ پٽ، هاڻي تہ خوش ٿينءَ نہ.' اُها ماتا سائين وسڻ شاھ کي نمسڪار ڪري اُن گلڙي کي ساڻ کڻي گھر آئي ۽ گھر اچي سيني کي چيائين، ڏسو وسڻ گھوٽ مونکي پٽ ڏنو آهي ماتا ڏاڍي پرسن هئي. هوءَ روز ڏاڍي پيار سان اُن گلڙي کي کير پيئاري، سمهاري کيس اکين ۾ سرمو پائيندي هئي. گھر جا ڀاتي ۽ پاڙيوارا چون تہ شايد هن ماتا جي ڪل ڦِري آهي، ڪتي جي ٻچي کي پٽ ڪري پيئي پالي. ماتا سنت وسڻ گھوٽ جي وچن تي وشواس رکي اُن گلڙي کي ڏاڍي ڀاوھہ سان پاليو. برابر نون مهنن کان پوءِ اُن ماتا کي پتر سنتان ٿي ۽ اهو گلڙو (ڪتڙو) گذر ڪري ويو! تڏهن سڀ مٽ مائٽ ماتا جي صدق جي ساراھہ ڪرڻ لڳا.

هڪ دفعي هڪ گھرجائو گرهستي سفيد پوش سائين وسڻ شاھ وٽ آيو ۽ سائين جن کي عرض ڪيائين تہ سندس پٽنيءَ لاءِ هڪ پيشگير ڏيڻ جي عنايت ڪن. سائين هڪدم پنهنجي ترم پٽنيءَ ڏانهن ماڻهو

هن اسانکي سوراج جو منتر ڏنو. هن پياري بنا ڪنهن لليءِ چپيءَ جي چئي ڏنو تہ :

HOME RULE IS OUR BIRTH RIGHT.

”سوراج اسانجو جنم سڌ اڌڪار آهي.“ هن مهاپرش ڀارتيہ جنتا کي پنهنجي اڌڪار جي پراپتيءَ لاءِ پريرت ڪيو. ڀارتيہ جنتا، جا انگريزن جي ڏنل سڌن تي لڳي گمراهہ ٿي رهي هئي، سندن خون ٿڌو ٿي رهيو هو، هن ڀڳوان شري ڪرشناچندر جو آدرش جنتا اڳيان رکيو :

اڌڪار ڪو ڪر بنٿ رهنا يہ مهانشڪرم هئہ

نيايارٿ اپني بنڌو ڪو ڀي دنڊ دينا ڌرم هئہ (مئٿلي شرڻ گپت)

پنهنجو حق وجائي وهڻ اهو مهاپاپ آهي. انصاف جي راهہ ۾ پنهنجي متر کي سزا ڏيڻ بہ ڌرم آهي.

شري لوڪمانيہ تلڪ تہ ننڍپڻ کان ئي سوَمان پسند هو. بي انصافيءَ جي مخالفت ڪرڻ هو پنهنجو ڌرم سمجهندو هو. اجا هو اسڪول ۾ پڙهندو هو تہ هڪ ڏينهن سندس ڪلاس ۾ ماستر مٿس تهمت مڙهي تہ هن بوهيمگہ کائي اُنهن جون کلون ڪلاس ۾ اُڇلايون آهن. پنهنجي مٿان اها ڪوڙي تهمت هٽي پيارو تلڪ هڪدم ڪلاس مان ٻاهر هليو ويو. سندس دل بي انصافي برداشت نہ ڪري سگهي.

انياءَ خلاف جهنبو بلند ڪرڻ، اهي سنسڪار منجهس ننڍپڻ کان ئي هئا. جڏهن هن ڏٺو تہ برطانيہ سرڪار اسان مٿان اتياچار ڪري رهي آهي تڏهن هن کان سٺو نہ ويو. هو بي.اي.، ايل.ايل.بي. هو چاهي ها تہ وڪالت مان لکين روپيا ڪمائي سگهي ها، مگر هن ملت ڀارت کي پراڌينتا جي پنڌ ۾ پسي، سورن کي سانڍي بٺائي انياءَ ۽ اتياچار جو کليو مقابلو ڪيو. ڀارتيہ جنتا ۾ جاڳرتا ۽ ايڪتا آڻڻ لاءِ برطانيہ سرڪار جا پول پترا ڪرڻ لاءِ هن محبوب وطن مرهٽي ڀاشا ۾ ’ڪيسري‘ ۽ انگريزيءَ ۾ ’مرهٽا‘ اخبارون شروع ڪيون. ڪيسري اخبار جي پترائي ڪندي شري لوڪمانيہ چيو تہ ”هن اخبار ۾ بنا ڪنهن لِليءَ چپيءَ جي هر ڪنهن وشيہ تي اسين محڪم اِرادي سان جا ڳالهہ ٺيڪ سمجهنداسين سا لکڻ ۾ ڪين هٻڪنداسين. ايماندار شخص اها ڳالهہ سويڪار ڪندا تہ مٿهن

شري لوڪمانيه بال گنگاڌر تلڪ

ڀارتيه آڪاش ۾ غلاميءَ جون گھنگھور گھٽائون ڇانيل هيون. انهن گھنگھور گھٽائن کي انقلاب جي هوا هٽائي ڇڏيو. اها هوا ديش ڀڳتن ۽ شهيدن جي خون جي پيدائش هئي. برطانيه سرڪار جنهن ڪيتري مدت کان ڀارتيه جنتا کي پيڙي نپوڙي پنهنجي راڄ سٽا قائم رکي تنهن انيائي اتياچاري سرڪار جي ڀارت مان پاڙ پٽڻ لاءِ سوين سرويڇن سِرَ جون سٽون ڏنيون، پنهنجو سَروسوُ آزاديءَ جي ديويءَ اڳيان ارپڻ ڪيو.

بينگال ۾ پال، پنجاب ۾ لال ۽ مهاراشٽر ۾ بال انهن ٽنهي ديش ڀڳتن ديش جي آزاديءَ جي آندولن کي نئون روپ ۽ رنگ ڏنو. برطانيه سرڪار پاڻ کي خطري ۾ سمجھي، بينگال جو سوراجيه آندولن جو قلعو هو تنهن جو ورهاڱو ڪيو. سوراجيه جو پرچار ڪندڙ ۽ سرڪار تي آلوچنا ڪندڙ اخبارن تي بندش وڌي ۽ ڪن تي ڪڙي نظر رکي. پنجاب ڪيسري شري لالا لجپتراءِ کي ديش نيڪالي ڏني وئي ۽ مهاراشٽر جي گجندڙ شير شري بال گنگاڌر تلڪ کي جيل ۾ بند ڪيو ويو. سرڪار بال گنگاڌر کي برابر بند ڪيو مگر هنجي ويچارڌارا ۽ ڪاريه کي هوءَ روڪي نه سگھي. شري تلڪ پنهنجي ڪاريه سان ايتري ته لوڪ پريتا پراپت ڪئي جو ڀارتيه جنتا شرڌا وچان کيس 'لوڪمانيه' جو خطاب عطا ڪيو.

هن محبوب مدبر، نڊر نيتا، سياسي سونهي، ديش ڀڳت، سريشٽ ساهتيڪار ۽ مهان ودوان جو جنم مهاراشٽر جي رتناگري ضلعي جي چڪلگانوُ جي اوچ ڪوٽيءَ جي برهمڻ شري گنگاڌر پنت جي گھر ٢٣ جولاءِ ١٨٥٦ع ۾ ٿيو. شري گنگاڌر پنت سنسڪرت ۽ گڻت جو ودوان هو. پتا جي ودوتا ۽ ڌارمڪ ويچارڌارا جو پرڀاءُ ٻالڪ تلڪ تي پڻ ٿيو ۽ اڳتي هلي هوُ هڪ مهان ودوان پڻ ثابت ٿيو.

جيڪڏهن سرڪار مونکي اهو گرنٽ واپس نہ ڪندي تہ مان اهو گرنٽ وري لکندس. اهو گرنٽ منهنجي دل ۽ دماغ ۾ چترت ٿيل آهي. سرڪار تہ مونکان صرف گيتا رهسيہ جي هست لکت ڪاپي کسي آهي پر منهنجا ويچار تہ اجان مون وٽ موجود آهن. مونکي صرف ان ڪاريہ لاءِ چار پنج مهنا محنت ڪرڻي پوندي.

راشٽريہ ايڪتا جو حامي

شري لوڪمانيہ تلڪ راشٽريہ ايڪتا جو حامي هو. راشٽر ايڪتا کي قائم رکڻ لاءِ هن "هندي" ڀاشا کي راشٽر ڀاشا جي روپ ۾ سويڪار ڪيو. نہ صرف سويڪار ڪيو پر هنديءَ جي پرچار ۽ پرسار لاءِ پڻ عملي ڪاريہ ڪيو. قومي ايڪتا لاءِ ڪن ڏارمڪ ڏينهن کي زور شور سان ملهائڻ جو پربنڌ ڪيائين ۽ انهن ڏينهن ملهائيندي هن پياري جاتيءَ ۾ ايڪتا آندي راشٽر ايڪتا جا سنسڪار وڌا.

سياست ۽ سيوا :-

ديش جي پراڌينتا سبب ئي شري لوڪمانيہ تلڪ سياسي کيتر ۾ گهڙيو. هن جي ورتي شروعات ۾ سياست طرف ڪو نہ هئي. هڪ دفعي جڏهن ڪائونس ۾ چيو ويو تہ سوراجيہ پراپتيءَ بعد اوهان ڇا ڪندا. تڏهن هن وراڻيو "منهنجو پريہ ڪاريہ آهي حسابن جي سکيا ڏيڻ ۽ مان اهو ئي ڪاريہ ڪندس. "اُن جواب تي سندس هڪ متر گنگاڌر راءِ پانبي ڪائونس ۾ چيو تہ ڇا سوراجيہ پراپتيءَ بعد اوهان جنتا جون شڪايتون دور ڪندا رهندا؟ ڇا اوهان ڪو پد ماڻيندا؟ پياري لوڪمانيہ جواب ڏنو، "مان ڪو بہ پد ڪو نہ ماڻيندس، مگر دکين بکين جي سيوا ڪندس. سندس دک دور ڪرڻ جو پريتن ڪندس. انهن جي شڪايتن دور ڪرڻ جو ڪم مون کي پد ماڻڻ کان وڌيڪ پريہ آهي."

شري لوڪمانيہ تلڪ ۾ ڪيڏي نہ سيوا ڀاونا هئي! جي اڄ اسين ڪا سيوا ڪريون ٿا تہ اسان ۾ پد لالسا آهي، شري تلڪ قرباني ڪندي بہ پد کان پري، سيوا ڪندي بہ عهدي جي لالسا کان ڏهہ ڪوهہ ڏور هو. منجهس ڪيڏو نہ تياڳ هو.

نشڪام نبر نريڀڪ نيتا، ڀارت ماتا جي سچي سپوت شري لوڪمانيہ تلڪ ٣١ جولاءِ سنہ ١٩٢٠ع ۾ سنساري ياترا سماپت ڪئي. ١ آگسٽ سندس پارٿو شرير جو اگني سنسڪار ڪيو ويو. انڪري ١ آگسٽ سندس پٽيہ تٿي

۾ برطانيہ سرڪار جي خوشامد ڪرڻ جي من ورتي وڌي ويئي آهي. اسان اخبار کي جهڙو نالو ڪيسري (شير) ڏنو آهي تهڙي شير دل سان ڪري ڪوڻي ڇوڻ ۾ ڪين مڪبو. ميءُ اخبار جنتا جو پورو پورو مارگہ درشن ڪندي. ''سچ پچ شري لوڪمانيہ 'ڪيسري' ۽ 'مراٺا' ذريعي انگريزن جا ڇوڏا لاٿا ۽ ڀارتيہ قوم ۾ نئي سگهورتي پيدا ڪئي.

اپيلسي جيون ۽ ودوتا :-

شري لوڪمانيہ تلڪ اعليٰ درجي جو ودوان هو. ننڍپڻ کان ئي سندس جيون اپيلسي هئي ۽ سندس سمرڻ شڪتي بہ تيز هئي. اڃان پرائمري اسڪول ۾ ئي داخل ڪو نہ ٿيو هو جو هن سنسڪرت ڀاشا ۽ حسابن جي وشيہ جو اونهو ۾ اڀياس ڪيو. سندس پتا شري گنگاڌر ڪيس اتساهت ڪرڻ لاءِ سنسڪرت جي هڪ شلوڪ ياد ڪرڻ جي عيوض هڪ پائي انعام ڏيندو هو. جڏهن پيارو بال گنگاڌر اسڪول ۾ داخل ٿيو تڏهن سندس اڌياپڪ هنجي اسادارڻ سمرڻ شڪتي ڏسي دنگہ رهجي ويو. پيارو تلڪ ڪٺن ۾ ڪٺن حساب پڻ زباني طرح حل ڪندو هو. اسڪولي ۽ ڪاليجي جيون ۾ پياري تلڪ کي سندس ودوتا سبب ڪيترائي انعام مليا. هنجي جيون اپياسي هئي. هوُ اسانجو هڪ اهڙو راشٽريہ نيتا هو جنهن ملڪي مسئلن جو گهرائيءَ سان اڀياس ڪري جنتا جي پوري رهنمائي ڪئي. اڄ ڪيترائي اهڙا شخص آهن جي بنا اڀياس آزمودي ۽ علم جي اڳوان ٿيڻ چاهين ٿا.

شري لوڪمانيہ تلڪ ڪيڏو نہ اپياسي هو. جڏهن هن محب وطن کي جيل ۾ بند ڪيو ويو تڏهن هي پيارو اُتي پاڻ سان ٥٥ پستڪ کڻي ويو. جيل ۾ هو اجايو وقت ڪين وڃائيندو هو. اُتي بہ سندس اڀياس چالو هوندو هو. جڏهن هوُ مانڊلي جيل ۾ هو تڏهن هن پياري اُتي شريمد ڀڳوت گيتا تي ودوتا پورڻ ٽيڪا لکي. اهو گرنٿ ''گيتا رهسيہ'' جي نالي سان پرسڌ آهي. جيل مان آزاد ٿيڻ وقت هنجو اهو گرنٿ سرڪار هنکي ڪو نہ ڏنو. شري لوڪمانيہ ڪيترو اڀياس ڪري نور نچوئي ''گيتا رهسيہ'' لکيو ۽ اهو گرنٿ سرڪار ضبط ڪيو. انڪري شري لوڪمانيہ جي مترن کي ارمان ٿيو. مگر شري لوڪمانيہ تلڪ ان ڳالهہ جي چنتا نہ ڪئي. پاڻ مترن کي چيائين تہ چنتا جي ڪا بہ ڳالهہ ڪونهي.

يگ پرش ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي

پوڄيه دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي هو شري گرونانڪ جيان صورت نماڻي، جنهنجي متر آننددائڪ ٻاڻي، پيئاريو جنهن سڀن کي پنهنجي پيار جو پاڻي، جنهنجو تخلص 'نوري نماڻي'، ميران جيان ڀڳوان شري ڪرشن لاءِ سندس دلڙي ويڳاڻي، روحاني راحت جنهن ماڻي، دکين دريدرن سان سدائين ساڻي، جنهنجو روحاني وارث پيارو دادا جشن واسواڻي، پريرڻا دائڪ دادا جي جيون ڪهاڻي.

ساڌو واسواڻيءَ جي سيرت جي سرهاڻ سنڌ جون سيمائون ٽپي هند جون حدون پار ڪري وديش کي واسي ڇڏيو. وشوَ جا ودوان سنڌن سارا جون سرڪيو پرين ٿا. سنڌن جنم ڪارتڪ ايڪادشي ٢٥ نومبر سنه ١٨٧٩ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ شري ليلارام واسواڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. سنڌن جنم جو نالو شري ٿانورداس هو. سنڌن پتا شري ليلارام ديوي ماتا جو اُپاسڪ هو ته ماتا وران ٻائي شري گرونانڪ صاحب جي سچي صدقياڻي هئي. گهر جي ڌارمڪ واتاورڻ جو ٻالڪ دادا تي پرڀاءُ پيو. سنڌ جو مهان سماج سڌارڪ سيوڪ ساڌو هيرانند آڏواڻي ڪيس اُستاد روپ ۾ نصيب ٿيو جنهن ٻالڪ دادا ۾ پرارٿنا پوترتا، سادگي، سيوا ۽ ستيه جا شڀ سنسڪار وڌا. هوُ ننڍپڻ کان ئي پڙهڻ ۾ پروڻ هو تيز فهم هو. انڪري هوُ پنهنجي قابليت سان هر سال ڪلاس ۾ پهريون نمبر ايندو هو. ڪيس انعام ملندا هئا. ماتا وران ٻائي ڪيس آگيا ڪئي ته اسڪول وڃڻ کان اڳ نيرڻ ڪرين نه ڪرين پر پهرين پرارٿنا ضرور ڪندو ڪر. سڪول ۾ پڙهندي هوُ ماتا پتا جي شيوا به ڪندو هو ته اسڪولي

ملهائي ويندي آهي. ديپ وسامي ويو پر سندس پرڪاش قائم آهي، صدين تائين اسانجي راهه روشن ڪندو رهندو. ڀارت جي آزاديءَ جي اتهاس ۾ سندس نالو سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو.

ڀارتيه سنسڪرتي ۽ سڀيتا جو سوروپ :-

شري لوڪمانيه تلڪ ڀارتيه سنسڪرتيءَ ۽ سڀيتا جو ساکيات سوروپ هو. سندس سادي پوشاڪ، سادي رهڻي، مريادا واري جيون ۽ اعليٰ ويچار ثابتي ڏين ٿا ته هن پياري ۾ ڀارتيه سنسڪرتيءَ لاءِ ڪيڏو نه قرب هو. هن پراچين ڀارتيه آدرشن کي جيون ۾ اپنايو.

شري لوڪمانيه تلڪ جي جيون مان اسانکي ڪرم يوگ، ڪرتويه پالن ۽ راشٽريتا جي پريرڻا ملي ٿي شل اسين اها پريرڻا پراپت ڪري آزاد ڀارت کي اڏيون، آباد ۽ شاد ڪريون.

(آڪاشوائي ممبئيءَ تان پرسارت.)

ڇڏيو. ڪراچيءَ ۾ رهندي هي صاحب برهمو سماج جي سمپرڪ ۾ به آيو. سندس ماتا جي اڇا هئي ته سندس سپتر شري ٿانور شادي ڪري پر هن درويش دل نوجوان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪندي چيو ته مان هڪ فيقر ٿيڻ چاهيان ٿو. پوجيه ماتا صاحب جي برهملين ٿيڻ بعد هن ڪاليج جي پرنسيپال جي پد جو تياڳ ڪري فقيري اختيار ڪئي. مهاتما گانڌي جي ويچارن جو مٿس پرڀاءُ پيو. هن کاديءَ جي پوشاڪ پهرڻ شروع ڪئي. ديش جي آزادي آندولن ۾ سڪريه رهيو. هن صاحب پنهنجي ٽوليءَ سان گڏجي وديشي شين جو بهشڪار ڪيو. هن ودوان پنهنجي تقريرن ۽ تحريرن ذريعي ديش واسين ۾ قوميت ديش ڀڳتيءَ جو سنچار ڪيو. مهاتما گانڌي به دادا واسوانيءَ جي ليکڻ کان متاثر ٿيو. گانڌيجي جڏهن انگريزيءَ ۾ 'ينگ انڊيا' پترڪا شروع ڪئي ته ان پترڪا جي پهرين انڪ جي پهرين پيج تي ساڌو واسوانيءَ جو قومي جاڳرتا وارو ليک پرڪاشت ڪيو. ديش جي آزادي آندولن جي دوران جڏهن شري لوڪمانيه تلڪ ڪراچيءَ ۾ پڌاريو ته خالق ڏني هال ۾ سندس ڪاريه ڪرم رکيو ويو. اُن پروگرام جي صدارت پياري دادا واسواني ڪئي. پياري دادا انگريزيءَ ۾ 'نيو ٽائيمس' پترڪا جو سمپادن ڪيو جنهن ۾ ڌارمڪ آڌياتمڪ ۽ ديش ڀڳتي سنبنڌي ليک شايع ڪيا ويندا هئا. دادا جدا جدا شهرن ۾ وڃي پنهنجي پروچن دوارن ستلن کي سجاڳ ڪيو. پاڻ ته آڌياتمڪ اُنتي ڪئي پر سوَن کي پرڀوءَ جي راه ۾ ڇڪيو. هي صاحب پاڻ اونهو ابياسي هو. کيس گروگرنٿ صاحب جي ڪيترو واڻي ڪنٺ هئي. سندس گيان گرڀت پروچن سوَن جي سونهپ ڪندا هئا. کين ڪولمبو ۾ ٿيندڙ ايشيا شانتي سميلن ۾ شرڪت ڪرڻ جي نينڊ آئي. هن صاحب اُن سميلن ۾ وياکيان ڪندي شري گوتم ٻڌ جي جيون تي روشني وجهندي شانتي ۽ پريم جو پيغام ڏنو.

Reference
LIBRARY

ڪتابن سان گڏ ڌارمڪ پستڪ پڻ پڙهندو هو. هن ننڍپڻ ۾ ئي مانس آهار جو تياڳ ڪيو. هو اڃان چوٿين درجي ۾ پڙهندو هو ته سندس پتا پرلوڪ پڌاريو انڪري سندس من اُداس ٿي پيو. هو گهر جي ڪُڏ تي ايڪانت ۾ ويهي پرارٿنا ڪندو هو. هو پنهنجي اورچائي ۽ قابليت سان مئٽرڪ امتحان ۾ سنڌ ۾ پهريون نمبر آيو انڪري کيس مئڪيولڊ اسڪالرشپ عطا ٿي. وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ هي ڪراچي ڪاليج ۾ داخل ٿيو. هن پنهنجي نمرتا ۽ قابليت سبب ڪاليج ۾ به نالو ڪڍيو. ڪاليج جا پروفيسر ۽ پرنسيپال کيس ڏاڍو پيائيندا هئا. ڪاليج ۾ ٿيندڙ وياکيان چٽاپيٽين ۾ هي سدائين اول نمبر ايندو هو ۽ کيس انعام ملندا هئا. هي صاحب بي.اي. ۾ ممبئيءَ يونيورسٽيءَ ۾ انگريزي وشيه ۾ پهريون نمبر آيو انڪري کيس ايلس اسڪالرشپ عطا ٿي. سنڌي ٿي ڪري انگريزي وشيه ۾ سو به ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر اچي اِها سنڌي جاتيءَ لاءِ فخر ڳالهه هئي. ڪاليجي تعليم جو اڀياس ڪندي هن رامايڻ، شريمد ڀڳوت گيتا، گروانٽيءَ جو اڀياس ڪيو. هو صاحب ڪراچي ڪاليج ۾ پروفيسر مقرر ٿيو. سندس تقرير ۽ تحرير ۾ تاثير هوندو هو. هو ڪاليج ۾ پاڙهيندي ودیارٿين ۾ شڀ سنسڪارن جا ٻج ڇٽيندو هو. هي صاحب ڪلڪتا، پٽيالا، لاهور ۾ ڪاليج جو پرنسيپال ٿي رهيو پر سندس پياس هئي پياري پريوءَ کي پسڻ جي. ڪلڪتي ۾ کيس شري نالودا گرو روپ ۾ پراپت ٿيو. هو اُتي سوامي رامڪرشن پرمهنس، گرديو ٽئگور ۽ برهمو سماج جي سمپرڪ ۾ به آيو. هن آدرشي پروفيسر هزارن وديارٿين جي سونهپ ڪئي. ۲۹ سالن جي عمر ۾ کيس برلن ۾ وشوَ ڌرم سميلن ۾ شرڪت ڪرڻ جو نمنتر آيو. هو وديش روانو ٿيو.

دادا اُتي وشوَ ڌرم سميلن ۾ تقرير ڪندي ڀارتيه سنسڪرتي سيتا ۽ رشين جو سنديش ڏيندي شروتائن کي منتر مگڌ ڪري

ممبئيءَ ۾ جيو ديا سميلن ٿيو. جنهن جو سڀاپتي پيارو دادا هو. دادا اُن موقعي تي جيو ديا وشيہ تي ڏاڍي اَثرائتي صدارتي تقرير ڪئي. اِن موقعي تي دادا جو سنمان پڻ ڪيو ويو. دادا جتي به وياکيان ڪندو هو اُتي جيو ديا بابت ضرور ڪجهہ اَثرائتا لفظ چوندو هو. تنهن ڪري سندس پاڻڻ هيٺ ڪيترائي ويشنو ٿيا. ڪيترن ئي سندس سنگ ۽ صحبت ۾ پنهنجي جيون ۾ جيو ديا جي جوت جڳائي.

ساڌو واسواڻيءَ جي دل ۾ گگدام پسن لاءِ اَٿاهہ همدردي ۽ پيار هو. هڪ دفعي هڪ ٻالڪي پياري دادا وٽ اچي ٿي ۽ عرض ڪري ٿي، پيارا دادا اوهان ور ور پيا اُپديش ڏيو ته ماس نہ کائو. ماس کائڻ پاپ آهي، جيو ديا ڪريو، مون ڪيترا ڏينهن اوهان جي اُپديش جي پيروي ڪئي آهي پر مون کي پاڇيون گاهہ جيان لڳن ٿيون انهن مان اُپتا ٿا اچن.

ساڌو واسواڻي اُن وقت دادا جشن کي چوي ٿو تہ هڪ ڪپ ڪٽي اچ، دادا جشن ڪپ آڻي دادا کي ڏئي ٿو. دادا اُهو ڪپ ٻالڪيءَ کي ڏيندي چوي ٿو، منهنجي ٻالڪي! تون ماس جي کائڻ جي ئي چاهڪ آهين تہ، توکي جيترو ماس کپئي تہ منهنجي شرير مان ڪپي ڪوري ڪٽي وڃ پر پکين پسن کي نہ کاءِ. دادا جا اِهي وچن هيٺ اُن ٻالڪيءَ جي اَکين ۾ آنسون اچي وڃن ٿا ۽ دادا کان معافي وٺندي چوي ٿي، اَڄ کان مان ماس هرگز ڪين کائيندس. اَسان مان ڪيترا نہ زبان جي چشڪي لاءِ گگدامن جو خون وهائن ٿا، لقمو بڻائي ڪين کائن ٿا. جيڪڏهن اسين انهن گگدامن معصوم پسن پکين تي ديا ڪنداسين تہ پريو اوس اسان تي ديا ڪندو.

هڪ دفعي دادا رستي تي پنڌ ڪندي هڪ شخص کي ڏٺو جو ٻن ٽن ڪڪڙين کي هٿن ڪٽي وڃي رهيو هو. دادا اُن شخص کي چيو تہ انهن ڪڪڙين کي آزاد ڪر، تو ڪهڙي ڪارڻ اُنهن کي هٿي ڇڏيو آهي؟ اُن شخص وراڻيو تہ اِنهن ڪڪڙين کي ماري اُنهن جو ماس وڃي وڪڻندس. اِهو هيٺ دادا جي دل پرجي آئي. دادا اُن شخص کي چيو، پيارا اُنهن

دادا جن حيدرآباد ۾ سکي ستسنگ شروع ڪيو. جتي به دادا سکيادائڪ ڳالهيون ٻڌائي سونهپ ڪندا هئا.

ساڌو واسواڻي اعليٰ آدرش کي خيال ۾ رکي حيدرآباد ۾ ميران وديا هلچل شروع ڪئي. ان سلسلي پهرين حيدرآباد ۽ پوءِ روهڙي ۽ لاڙڪاڻي ۾ ميران اسڪول برپا ڪيا. انهن اسڪولن ۾ وديارٿين کي نه صرف ڪتابي گيان ڏنو ويندو هو پر منجهن پرارٿنا پوترتا. ستيه، سنيهه، ساهنپوتي، سادگي، سيوا جا شڀ سنسڪار وڌا ويندا هئا. انهن آدرشن سبب نئون واتاورڻ پيدا ٿيو. دادا جن سماجڪ ڪرسمن جي خلاف به پرچار ڪري سچيت ڪندا هئا. هوُ نه صرف اعليٰ ودوان، گيانوان، تعليمدان هئا پر آڌياتمڪ رهبر ۽ سماج سڌارڪ به هئا ته اوچ ڪوٽيءَ جا سنت ساهتيڪار به هئا. مدراس جي گڻيش ڪمپنيءَ سندن ڪيترائي انگريزي ڪتاب شايع ڪيا. دادا جن ڪڏهن ڪڏهن شاهه لطيف جي ڀِٽَ ۽ سچل سائين جي درگاهه تي وڃي درويشن جي ڪلامن جو، سماءُ جو لطف وٺندا هئا هوُ پاڻ به اُهي ڪلام گنگنائيندا هئا. ساڌو واسواڻي ديا ۽ ڪروڻا جو ساگر هو. سندس دل ۾ نه صرف انسان ذات لاءِ ديا ڀاونا هئي، مگر پکين پسن ۽ پشپن پتن لاءِ به دادا جي دل ۾ پيار هو. ايتري قدر جو دادا چوندو هو ته پشپن پتن کي پٽڻ پنهنجي پريوار کان پري نه ڪريو. ڳائين جي لاءِ پڻ دادا کي ڪيڏي نه شرڌا ۽ ديا ڀاونا هئي. دادا ور ور چوندو هو ته ڳائيون اَٿو اَسان جون ماتائون. اُنهن کان آسيسون وٺو. ٻڪرن ۽ ڪرين ۽ سيني پراڻين جي لاءِ دادا جي دل ۾ ديا ڀاونا هوندي هئي ۽ پنهنجي پرتاثير پروچن ۾ دادا چوندو هو ته اِهي پکي پسون ڳگدام اَٿو پريوءَ جا ٻار، سدا لهو سندن سار. ڏيو کين پيار ئي پيار. اُنهن تي سديو ديا درشٽي ڪريو. ديا ئي ڌرم جو مول آهي. گوسوامي تلسيداس چيو آهي :

> ديا ڌرم ڪا مول هئه نرڪ موُل اَيمان
> تلسي ديا نه ڇوڙيئي جب لگ گهٽ ۾ پران.

وڏيڪ نرمل هو. هوُ پڪين پسن، ڪنهن به پراڻيءَ جو ڏک سهي نه سگهندا هئا. اِها ئي سچي سنت جي نشاني آهي هو ٻين جي پيڙا کي پنهنجي پيڙا سمجهي اُن کي دور ڪندا هئا. نرسي ڀڳت جو مٺو ڀڄن جو گانڌيجيءَ کي ڏاڍو پيارو هو اُن جي دادا پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏني.

"وئشنو جن جو تيني ڪهئي،جو پيڙ پرائي جاڻي ري."

ننڍپڻ ۾ ٻالڪ دادا اسڪول ويندي هڪ دڪان تي مانس جا ٽنگيل ٽڪرا ڏسي دهلجي ويو ۽ همڪلاسين کان پڇي ٿو ته اهو ڇا آهي؟ کيس ڪل پوي ٿي ته ٻڪرين ڪڪڙين کي قتلام ڪري وڪڻن ٿا. اُهو ڏينهن اُهو شينهن ٻالڪ دادا مانس آهار جو تياڳ ڪيو. سندس جيوَ ديا جي پرچار سبب هزارين لوڪن مانس آهار جو تياڳ ڪيو.

سنڌ ۾ ٿڌ سياري جي راتين جو پيارو دادا پاڻ ڪنبل کڻي نڪرندو هو ۽ رستن جي پاسي ۾ سمهيل ٻي اجهي غريبن مٿان ڪنبل وجهندو ويندو هو ۽ ولهه ۾ ولهن جي سنڀال ڪندو هو. پهرين پيارو دادا پيٽائون سويڪار ڪين ڪندو هو، پر پوءِ وقت آيو جو دادا پڪاريو ڏيو! ڏيو! ڏيو ته مان گهرجائن ۾ ورهايان. دادا جن کي جيڪي به پيٽائون، ڪاڌي پيتي جون شيون ۽ ڪپڙا ملندا هئا هوُ سي سڀ غريب گهرجائن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو. کيس ڏيڻ ۾ ئي آنند ايندو هو، سندس جيون هئي ارپڻ جي جيون، پروپڪار ۽ پرمارٿ جي جيون. سنت ڪبيرداس چيو آهي :

"ورکش ڪبهين نه ڦل ڀکئه، ندي نه سينچئه نير،

پر اُپڪار کي ڪارڻي ساڌن ڌرو شرير."

هڪ دفعي ڪراچيءَ ۾ نماشام جي وقت پيارو دادا واسواڻي پيڻ شانتيءَ ڀائو جشن سان گڏ پنڌ ڪري رهيو هو ته هڪ غريبڙو سهڪندو دادا وٽ آيو ۽ اچي چيائين، "سائين! اسانجي پاڙي جو غريب شاخص اٿ گاڏي هيٺان اچي ويو. کيس علاج لاءِ اسپتال ۾ ڪٽائي وياسين،

ڪڪڙين کي تون ڪيترن پئسن ۾ وڪڻندين؟ ان شخص جيڪي پئسا چيا دادا اوترا پئسا ان شخص کي ڏئي ڪڪڙين کي ميران پوميءَ ۾ ڪٽي آيو ۽ انهن کي آزاد ڇڏي ڏنو.

اَڄ ميران پوميءَ ۾ پکين لاءِ خاص جڳهه ٺهرايل آهي. جتي کين روز چوڳو ڏنو ويندو آهي، پاڻي ڏنو ويندو آهي. پيارو دادا هرروز صبوح شام جو ايڪانت ۾ پنڌ ڪرڻ ويندو هو. هڪ ڏينهن پنڌ ڪندي رستي تي ڪيس هڪ ڪاسائي گڏجي ٿو. اُن ڪاسائيءَ سان گڏ هڪ ڳانءِ پڻ هئي. دادا اُن ڪاسائيءَ کان پڇي ٿو، پيارا هن ڳانءِ کي ڪيڏانهن پيو وٺي وڃين ۽ ڇو؟ ڪاسائي جواب ڏئي ٿو ته اُن ڳانءِ کي ڪوس گهر ۾ وٺي وڃان ٿو ۽ ڪيس قتلام ڪندس. اهو ٻڌي پياري دادا جي اکين ۾ آنسون اچي ويا ۽ دادا ڪاسائيءَ کي چوي ٿو، پيارا ان ڳانءِ کي نه مار. اها ويچاري ڳونگي ڳگدام پريوءَ جي سنتان آهي. ڳگدام اتئي گوبند جا پال انهن کي نه مار ڏي سين کي پنهنجو پيار.

ڪاسائي چوي ٿو، ڳانين ٻڪرين کي کهڻ ته منهنجي ڪرت آهي، روزگار جو وسيلو آهي. دادا اُن ڪاسائيءَ کان پڇي ٿو، هن ڳانءِ کي مارڻ سان توکي ڪيترا پئسا ملندا؟ ڪاسائيءَ جي چوڻ موجب دادا ان کي اوترا پئسا ڏئي ڳانءِ کي کهڻ کان بچائي چر اگاهه ۾ چرڻ لاءِ آزاد ڇڏي ٿو ڏئي ۽ ڪاسائيءَ کي چوي ٿو، پيارا ياءُ ڪاسائڪي ڪرت ڇڏي ڏي، مانکه جنم ڳگدامن کي کهڻ ۾ وئرٿ ڪين وڃاءِ. اها ڪرت ڪر جنهن ۾ هاجي ديا ۽ پيار. دادا جا اِهي لفظ ان ڪاسائيءَ جي جيون ۾ تبديل آڻين ٿا. ڪاسائيءَ جا رت سان رڱيل هٿ اُن ڏينهن دادا واسواڻيءَ جي سنگ ۾ پوتر ٿين ٿا. اُهو ڪاسائي هنسڪ ومنوار جو تياڳ ڪري ٿو. اسين به پياري دادا جون سکيائون هنداريون. سچو سکه پايون، نام ڳايون، نام ڌيايون، پکين پسن کي ڳلي لڳايون.

دادا جن سنڌ - هند ۾ جيوَ ديا جو پرچار ڪيو. سنڌن هردو مکڻ کان

دکين بکين جي خذمت ۾ خرچ ڪيا ويندا. ”دکين جي شيوا ۾ پياري پريوءَ جي پُڄتي آهي.“ پياري دادا واسواڻيءَ جي دل ۾ دکين لاءِ ڪيڏو نہ درد هو. هڪ دفعي پيارو دادا ڪلڪتي ۾ سيٺ سترامداس جواهري وٽ مزمان هو. تڏهن دادا جن پينسل سان پٽيءَ کي ويٺي ڪنهيو. سيٺ سترامداس اِهو ڏسي ٻئي ڏينهن چانديءَ جو هڪ سنهو هٿ ٺهرائي آيو ۽ اچي دادا جن کي ڏنائين تہ ان سان پٽي ڪنهندا ڪريو. پيارو دادا سندس صدق ڏسي مشڪيو ۽ چيائين، ”پيارا! توهانجي مهرباني، مان هي چانديءَ جو هٿ ڇا ڪندس! جيڪر هي چانديءَ جو هٿ وڪڻي اُهي پئسا غريبن جي شيوا ۾ لڳايو.“ تڏهن شري سترامداس کين وينتي ڪئي تہ هي چانديءَ جو هٿ مهرباني ڪري پاڻ وٽ رکو. غريبن مسڪينن لاءِ مان توهانن کي جدا پئسا ڏيان ٿو. اُن سانجهيءَ جو پيارو دادا شري سترامدس سان گڏ ڪالي گهاٽ تي ويو، جت سوين مسڪين، موتاج اپاهج ويٺا هئا. پياري سترامداس پورين ۽ ڀاڄيءَ جو بندوبست ڪيو ۽ دادا جن کي عرض ڪيائين تہ انهن گهرجائن کي پوڄن ڪارايو. دادا جن ڪيڏي نہ پيار سان سوَن غريبن ۽ فقيرن کي کاڌو کارايو، پياري دادا کي ٻين جي خذمت ڪرڻ ۾ ئي خوشي حاصل ٿيندي هئي.

هڪ دفعي دادا بمبئي ۾ اپولو بندر تان لنگهي رهيو هو تہ هڪ سورداس فقير پڪاري رهيو هو تہ آهي ڪو جو منهنجي بک ۽ پياس ٻجهائي! دادا هڪدم ڪنهن هوٽل تان کاڌو وٺي آيو ۽ اُن سورداس کي اُهو کاڌو کارائي، پاڻي پيئاري ترپت ڪيائين ۽ کيس هڪ رپيو خرچي بہ ڏنائين. هڪ دفعو پياري دادا پونا ۾ ميرا هال ۾ ويٺو هو. دادا جي چوڌاري ڪيترا پريمي بہ ويٺا هئا تہ اوچتو هڪ ورڌ اوستا اڻ سڃاتل شخص پياري دادا جي اڳيان بيهي عرض ڪرڻ لڳو تہ ٿڌ ۾ پيو ڏڪان. هڪڙو ڪنبل ڏياريو ۽ نظر بہ گهٽجي ويئي آهي، هڪ چشمو بہ وٺي ڏيو. دادا جن هڪدم مٿان هڪ ڪنبل گهرايو ۽ اُن گهرجائو شخص کي ڏنو. کيس عينڪ

پر پکيئڙو پرواز ڪري ويو! سندس وڏوا عورت ڪاڏو ڪين ڪاڏو آهي! سندس ٻارڙا ٻه ٻک ۾ پاهه تي رهيا آهن گهر جي ڏاڍي سقيم حالت اٿس.

اهو ٻڌي پياري دادا جي اکين ۾ آنسون اچي ويا. دادا ڀائو جشن کي چيو ته ان ماتا وٽ روبرو هلي حال احوال وٺون ۽ سهائتا ڪريون. آيل شخص چيو ته اسانجو پاڙو پري آهي. ڀائو جشن دادا جن کي چيو ته گاڏي ڪري ٿا هلون. رات اچي ٿي گاڏيءَ وارو هلڻ لاءِ تيار ڪين ٿيو. پياري دادا جي دل هئي ته ان وقت ئي هلي ان غريب وڌوا جا لڙڪ اگهاجن. ڀائو جشن دادا جن کي چيو ته توهان گهر هلو ته مان ڪنهن کان موٽرڪار وٺي ٿو اچان ۽ پوءِ ان ۾ توهان کي وٺي ٿو هلان. ڀائو جشن ڪنهن پريميءَ کان موٽرڪار وٺي آيو، اُن وقت رات جا نوَ لڳا هئا. ڀائو جشن دادا جن کي ڪار ۾ چاڙهي ڌوٻي گهاٽ وٽ اچي پهتو. ڌوٻي وائڙا ٿي ويا هن اويلي وقت ڪير هت آيا آهن! ڀائو جشن اُنهن کان پڇيو ته ٻه ڏينهن اڳ ڪهڙو شخص اُٺ گاڏيءَ هيٺان اچي گذر ڪري ويو آهي! ڌوٻي هڪدم دادا جن ۽ پياري ڀائو جشن کي فوت ٿيل شخص جي گهر وٺي ويا. وڌوا عورت اچي سڏڪن ۾ چڙڪي! پياري دادا واسواٽي ڪيس آٿت ڏيندي نوٽن جي ٿهي ڀاءُ جشن کي ڏني ته ان عورت کي سهائتا طور ڏئي. ڀائو جشن اُن وڌوا ڀيڻ کي چيو امي! انهن پئسن مان تون اناج، گيهه ۽ ٻيون ڪاڌي جون شيون گهربل سامان گهرائج، وري به وقت به وقت توکي مدد موڪلي ويندي. اُن وڌوا ماتا کي پياري دادا مهل تي مدد ڪئي. سندس اکين ۾ شڪر گذاريءَ جا آنسون هئا. دادا اڻ سڃاتل غريب مسلمان عورت کي وڃي سهائتا ڪئي ۽ ڏڍ ڏنو.

هڪ شخص پياري دادا جن وٽ آيو ۽ ڪين نوٽن جو بنڊل ڏيندي چيائين هي پئسا مندر ٺهرائڻ لاءِ ڪتب آڻجو. پياري دادا ڪيس چيو ته هڪ مسڪين ماڻهوءَ جي دل به مندر آهي. تنهنڪري تنهنجا اِهي پئسا

ڀارت ۾ آيو ۽ اچي پونا ۾ رنگ لڳايو. پونا ۾ پڻ دادا جن ستسنگ ۽ سيوا جا ڪاريہ شروع ڪيا. هنن ميران هاءِ اسڪول، دواخانو، ناري شالا ۽ ٻيا ڪيترائي لوڪ ڪلياڻ جا ڪم شروع ڪيا. دادا جن جي انهن ڪارين ۾ پيارو ڀائو جشن واسواڻي پيارو ڀاءُ گنگارام ساجنداس سڪريہ رهيا. دادا جن جي ڪرم ڀومي ڊرم ڀومي ميران ڀومي اڄ سنڌين جو تيرٿ آستان آهي. سنڌن سڀنئد چوڏاري ڦهلجي ويئي. مهرشي ڪروي، ميهر بابا ۽ ٻيا ڪيترائي روحاني رهبر سماج سڌارڪ فيلسوف وٽن ايندا هئا ۽ دادا جن سان روح رهاڻ ڪندا هئا. دادا جن پريم ۽ ديا جا اوتار هئا. ڊاڪٽر راڌا ڪرشن ڀارت جو اڳيون راشٽرپتي جڏهن دادا جن سان ملڻ لاءِ پونا ۾ آيو تڏهن هن پنهنجي وياکيان ۾ چيو تہ ساڌو واسواڻي جو هي آستان مون لاءِ هڪ تيرٿ آستان آهي ۽ مان هت هڪ ياتريءَ جي ڀاوَ ۾ آيو آهيان. اوهان سوڀاڳيشالي آهيو جو اوهان کي هن مهاپرش جي درشن ۽ پروچن شروڻ ڪرڻ جو وجهہ مليو ٿو.

ساڌو واسواڻي پونا ۾ ميران ڪاليج ڦار گرلس پڻ شروع ڪيو ۽ پياري ڀائو جشن واسواڻيءَ کي ان ڪاليج جو پرنسيپال ٿي رهڻ جي آگيا ڪئي. دادا جن روز ستسنگ ۾ پنهنجي مٺر وچنن جي ورکا ڪري پياسين جي پياس پوري ڪندا هئا. هوُ شري گرونانڪ جيان نماڻا هئا.هزارن دلين جا روحاني راڻا هئا. دادا جن ١٦ جنوري سنہ ١٩٦٦ع ۾ سنساري سفر سماپت ڪيو. ڀارت سرڪار جي ٽپال وڀاڳ طرفان دادا واسواڻيءَ جي قدرشناسي ڪرڻ لاءِ سندن يادگيريءَ ۾ ٽپال ٽڪلي شايع ڪئي. اڄ سندن روحاني وارث پيارو دادا جشن واسواڻي ساري وشوَ ۾ سندن سکيائن سڌانتن جو سنديش سڻائي رهيو آهي. هن گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي شروع ڪيل ڪارين کي وڌايو آهي. ساڌو واسواڻي انلئڪ پتراٽي هاسپيٽل جنهن مان هزارين مريض شفاياب ٿي رهيا آهن. سينٽ ميران هاءِ اسڪول، سينٽ ميران گرلس

خريد ڪرڻ لاءِ ١٥ رپيا به ڏنا. اُهو شخص دادا کي دعائون ڪندو هليو ويو. جڏهن بئريسٽر هوتاچند گوپالداس آڏواڻي ۽ سنگت دادا جن کي چيو ته دادا اڄ ڪو اُپديش ڏيو. دادا واسواڻيءَ چيو ته مان اُپديش ته ڏئي چڏيو. اهو ٻڌي سڀ عجب ۾ پئجي ويا ۽ وينتي ڪيائون، ”دادا! اوهان اُپديش ته ڪين ڏنو آهه ڪرپا ڪري ڪا سکيا ڏيو.“ دادا جن مشڪندي چيو ته اڄ مونکي جيڪي چوٽو هو سو اوهان کي ڪري ڏيکاريو. هوُ غريب گهرجائو تنهن سبب ڏکي رهيو هو ۽ سندس نظر گهٽجي ويئي هئي. اُن کي گهرج انوسار مدد ڪئي. اوهان به گهرجائن جي شيوا ڪريو، سندن سار لهو، کين پيار ڏيو. اهوئي اُپديش اٿو.

پونا ۾ جڏهن ٻوڏ پيئي دادا جن ٻوڏ جي ستايلن کي ميران يومي‌ءَ ۾ اجهو ڏيئي خوب شيوا ڪئي. دادا جن وٽ سدائين گهرجائن فقيرن جي قطار لڳي ويندي هئي. دادا جن کين ٽول خرچي ۽ لٽا ڪپڙا ڏيئي راضي ڪندا هئا. غير سنڌي به شرڌا وچان کين ’دادا‘ ’دادا‘ ڪري پڪاريندا هئا. پياري دادا واسواڻيءَ ميران يومي پونا ۾ بردر هوڊ سنسٿا طرفان ڪيترائي شيوا ڪاريه شروع ڪيا. اها سنسٿا هاڻي ساڌو واسواڻي مشن جي نالي سان سڏجي ٿي. دادا جن پونا ۽ پمپريءَ جي سفيد پوش پيننرن ۽ پائرن کي ان ڌن جي مدد ڪندا هئا. پيننرن لاءِ مفت ناري شالا کوليائون. ناري شالا ۾ پيننرن کي سلائي سيکاري مفت مشينون به ڏيندا هئا جيئن هوُ پنهنجي آجيوڪا ڪيي سگهن.

دادا جن ڪيترائي شيوا جا ڪاريه شروع ڪيا. هوُ دکين جا دلدار، مسڪينن جا مددگار غمگينن جا غم گسار هئا. گروجن جي جنمدن تي مودي خانو هلائيندا هئا. روز گهرجائن جي سهائتا ڪندا هئا. ٿڌ جي مند ۾ رات جو دير سان رستن تي سمهلين کي وجي ڪنبل وجهي پکيندا هئا. ديش جي ورهاڱي سبب دادا پنهنجي پياري وطن سنڌ جا وڻ ڇڏي

دادا جن جو روحاني وارث پيارو دادا جشن واسواڻي به گرديو جو اِهو پيغام ساري دنيا ۾ سڻائي رهيو آهي. انڪري دادا واسواڻي جو جنمدن ٢٥ نومبر ساري سنسار ۾ ويشنو ڏينهن ڪري ملهايو ٿو وڃي. ديا نه صرف پکين پسن تي پر سيني پراڻين تي ڪرڻ گهرجي.

ديا بنا انسان آ چِڙ ته پسوءَ سمان
ديا ترم جو مول آ ويدن جو فرمان.

هن وقت پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو روحاني وارث پيارو دادا جشن واسواڻي گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي جوت جڳائي رهيو آهي.

ڪاليج مان هزارين وديارٿي علم پرائي رهيا آهن. يوگا ڪيندر ۾ روز دکين دريدرن پکين پسن جي شيوا ڪئي وڃي ٿي.

دادا ساڌو واسواڻي اوچ ڪوٽيءَ جا ساهتيڪار به هئا. سندن سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ سوين پستڪ پرڪاشت ٿيا. مؤ پنهنجي يگ جا مهان سنت ڪوي به هئا. سندن سموري سنڌي باڻي ۾ ڪجهه هندي گيت 'نوري گرنٿ' ۾ سنگرهيت آهن. 'نوري گرنٿ' هڪ مانسرووور آهي. ڪو هنس هجي جو موتي ويهي چڳي، هي گرنٿ ڀڳتي ڪاويه جو خزانو آهي، روحاني راز سلي ٿو، پرماتما جي پار جي پانڌيئڙن لاءِ راهه روشن ڪري ٿو. گرديو ٽئگور جيان دادا مسڪينن ۾ مالڪ جو مشاهدو ماڻيو.

دادا دکين دريدرن جي خدمت کي سچي ڀڳتي ڪري مڃي ٿو :

ساچي ڀڳتي دکين جي شيوا،
در تنا دي وٿ مهر جا ميوا،
تن چرنن وچي سِر جهڪاءِ،
نوري نماڻي دل اندر دونهان دکاءِ.

غريبن کي جو ئي ٿو کاڌو کارائي،
ايشور جي آسيس نوري پائي،
نه محلن نه ماڙين ۾ موهن ٿو چمڪي،
ڀگل جهوپڙين ۾ اچي پاڻ جمڪي.

دادا پياري هڪ گيت دواران جيو ديا جو سنديش ڏيندي چيو :

جيو ديا جي جوت جڳايو!
هنسا پيڙا کان ملڪ بچايو!
سک سچو اُن کي ڪيئن ملندو،
گنگدامن سان قهر جو ڪندو!
مانس اوهين ٿا تن جو کائو،
آتمڪ شڪتي ٿا پنهنجي گهٽايو!

هوُ گهر گرهست جي پرپنچ ۾ ڪين ڦاٿا. هوُ نِت نيم وهنوار سان ڳڻ ستسنگ جي جوت ٻه جڳائيندا رهيا. سندن من ۾ وئراڳ ورتي وتي ويئي. هوُ صاحب ڏيمن ورهين جي قوم جو انيءَ ۾ ڏنتي وهنوار ۽ ڪنبو ڀوٽ جو تياڳ ڪري ڏنبي آدم شهر جي ٻاهران واريءَ جي دڙن تي ويهي تپسيا ڪرڻ لڳا. سندن پڪتي ساڌنا سبب سڄ ۾ وَسنوَ ڏني ويئي. اُهو آستان امراپور آستان 'ٻپ' جي نالي سان پرسڌ ٿيو ۽ تيرٿ آستان بڻجي پيو. ستگرو مهاراجن جي سنگ ۾ ڪيترن پيارن کي رام جو رنگ لڳو. سوين صدقي اچي سِر جهڪائيندا هئا. ستگرو مهاراجن ۽ پين سنتن جو درشن ڪري پروچن ٻتي آنند پراپت ڪندا هئا. سوَن صدقين جون مرادون پوريون ٿينديون هيون.

سوامي ٽيئونرام مهاراجن جنهن اڌياتمڪ امبرت جو رس ورتو. اُهو امبرت پين کي پيئارڻ لاءِ هنن پريم پرڪاش منڊل برپا ڪيو. جنهن جي مراد هئي ته جيون جو اگيان انڌيرو دور ڪري ڪين ست مارگ تي آڻڻ، پرماتما لاءِ پيلس پيدا ڪرڻ. سوامي ٽيئونرام مهاراج ساري منڊليءَ کي ساڻ ڪري سنڌ جي جدا جدا شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وچي اُتي جي ستلن کي سجاڳ ڪيو. ڪين نام جو امبرت پيئاريو، ڪين گيان ۽ پريم جو پرڪاش ڏنو. جيڪي پوتن پريتن جي پوُ سبب ڏکندا هئا. سوامي جن اُنهن کي آتم گيان ڏيئي نرپئہ بڻايو. هوُ ڪنهن به مت منهب پنٿ جي گلا ڪين ڪندا هئا. سندن چوڻ هوندو هو ته ترم انوسار پرماتما جو نام جپڻ گهرجي. پنهنجي ترم ۾ رهڻ سان ئي جيوُ جو اڌُار ٿيندو.

سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو يش ڪيرتي وتندو ڏسي کي سوڙهيءَ دل وارا سهي نہ سگهيا ۽ سوامي جن جي مخالفت شروع ڪيائون. انگريز سرڪار کي پڻ شڪايت لکي موڪليائون ته هي سنت مهاتما گانڌيءَ جو پوئلڳ آهي ۽ اوهانجي خلاف پرچار ڪري ٿو. جاچ لاءِ تحصيلدار آيو. امراپور آستان جو واتاورڻ ڏسي ڪري پرسن ٿي واپس وريو. دويشي ساڄڻ اجا به دونهون دکائيندا رهيا.

امراپور آستان جي جهوپڙين کي آگ لڳائي ويئي. مگر وريو

ويهين صديءَ جو مهان سنت ڪوي
سوامي ٽيئونرام مهاراج

پريم پرڪاش منبل آچاريہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ويهين صديءَ جا مهان سنت ڪوي هئا. هو نہ صرف اوچ ڪوٽيءَ جا سنت ڪوي مگر برهم گياني، برهم ڌياني، برهم شروتري، برهم نيشٽي سنت هئا. هنن پريم پرڪاش منبل برپا ڪري هزارين ستل لوڪن کي اگيان جي ننڊ مان جاڳرت ڪري سچي سونهپ ڪئي. سنڌ جي جدا جدا شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وچي نام جو پرچار ڪيو. سندن ڪنٺ ۾ سرسوتيءَ جو واسو هو. سندن آواز بہ بلند هو تہ آواز ۾ بہ ماتريہ هو. هو جڏهن يڪتارو وڄائيندي ڳائيندا هئا تہ هزارين دلين کي تو ڏي ڇڏيندا هئا. سندن پروچن بہ پرڀاوت ڪندڙ ۽ گيان گريت هوندا هئا.

سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنم سنڌ حيدرآباد ضلع جي ڪنبو ڳوٺ ۾ آکاڙ مهني ۾ سنہ ١٨٨٧ع ۾ شري چيلارام آسنداس کتريءَ جي گهر ۾ ٿيو. سندن ماتا جو نالو ڪرشٽا ديوي هو. ماتا صاحب ٻالڪ ٽيئونرام جن کي ننڍپڻ ۾ 'شووهم شووهم' جي لولي ڏيندي هئي. گهر جي پڳتيميہ واتاورڻ جو پرڀاءُ ٻالڪ شري ٽيئونرام جن تي پيو. هو ٻين ٻالڪن کان نرالا ٻالڪ هئا. هو ننڍپڻ ۾ ئي ڳوٺ جي ٻاهر ايڪانت ۾ ويهي ڀڄن گنگنائيندا هئا. چوڏهن ورهين جي عمر ۾ سوامي ٽيئونرام اُن زماني جي مشهور صوفي شاعر سائين آسورام کان گرمنتر ورتو. پوجنيہ پتا جن جي پرلوڪ پڌارجڻ کان پوءِ هو پتا جن جو ڌنڌو سنڀاليندا هئا پر سندن ورتي نام سان جڙيل هوندي هئي.

آهي. انُ کان سواءِ هردوار، آگري، اجمير، ڪوٽا، کيرٿل، احمدآباد، سورت، بڙودا، پوني، بمبئي، سنتونگر، دهلي ۽ ٻين شهرن ۾ پڻ سوامي جن جا آشرم آهن جتي سيوا ۽ سمرڻ جي جوت پيئي جڳي، نام جي ندي پئي وهي ۽ هزارين پيلسي پيا پنهنجي پياس پوري ڪن.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پنهنجي دؤر جا مهان سنت ڪوي هئا. هنن سنڌي ۽ هندي ۾ ڪيڏي نہ گيان گريت واڻي چئي آهي! 'پريم پرڪاش گرنٿ' ۾ سندن سموري ٻاڻي سنگرهيت آهي. اڄ هزارين شرڌالو پريم پرڪاش گرنٿ مان شرڌا رکي وچن وٺن ٿا ۽ پاٺ ڪن ٿا. سندن اِهو گرنٿ، وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ مارگہ درشن ڪري ٿو، سندن ٻاڻيءَ تي ڪبيرداس، شري گرونانڪ ديو مهاراجن، ٻين گرن، سنتن صوفين جو ڪافي پربهاءُ آهي. سوامي جن ڀارتيہ راڳہ راڳڻين ۽ ڇند شاستر جي آڌار تي ڪاويہ رچنا ڪئي آهي. سندن ڪاجهہ شاعري علم عروض جي آڌار تي بہ رچيل آهي. سندن اِها ٻاڻي سندن دل جي اونهائيءَ مان نديءَ جيان ڪل ڪل ڪندي پرواهت ٿي آهي. سندن ڪاويہ جو مختصر وويچن پيش آهي.

برهم

سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ڪاويہ ۾ ويدانت جا ويچار ملن ٿا. سندن دارشنڪ ويچارن جي جهلڪ ملي ٿي. سوامي جن برهم جي نرگڻ ۽ سگڻ ٻنهي روپن جو ورڻن ڪيو آهي. سوامي جن نرگڻ برهم جو ورنن ڪندي فرمائين ٿا تہ برهم سروَ وياپڪ آهي.

سروَ وياپڪ سروَ سنيهي ساکي آهہ انُول بندا!

....

سپ ۾ سمايل هڪڙي ٿي جوت چيتن واري،
ترتي هوا نڀ جل ۾ ٿي جوت چيتن واري.
ڪوي سين ۾ هڪ ئي داتار جو درشن ڪري ٿو:
جيڏانهن تيڏانهن آنءُ ڏسان ٿو، پريوءَ جو ديدار،
پريوءَ ٻاجهون ٻيو ڪي ناهي، سڀ ڪاجهہ ست ڪرتار.
برهم جدا جدا روپ ڌارڻ ڪيا آهن:
پاڻ هي سج چنڊ تارا ٿيو، پاڻ ٿيو اَنتڪار آهہ،
پاڻ هي هوُ تون مان ٿيو، پاڻ روپ ۽ نام ٿي.

ڪاڇهه ڪين. اوچتو هڪ يورپي عملدار اُن آستان تي آيو. سنتن جو درشن ڪيائين ۽ پڇيائين تہ هيءَ رمڻيڪ آستان ڪي ڪنهن آگر لڳائي آهي؟ سوامي جن جواب ڏنو تہ اوهان صاحب لوڪن ئي اها باهہ لڳائي آهي. اهو ٻڌي آفيسر عاجب ۾ پئجي ويو. هن انگريز عملدار اها ساري زمين سوامي جن کي سديوَ لاءِ سرڪار کان وٺي ڏني.

سوامي جن ڀڳوت ڀڄن سان گڏ غريب گربن جي شيوا بہ ڪندا هئا. هو روز اَن کيتر هلائيندا هئا. جتي ڪيترا ضرورتمند اچي بکہ مٽائيندا هئا. سوامي جن ڪنڀ جي ميلي تي پڻ وڏا ان کيتر هلائيندا هئا. سفيد پوشن جي سار لهندا هئا.

سوامي ٽيئونرام مهاراج سنڌ جي جدا جدا شهرن ۽ ڳوٺن ۾ وڃي هزارن پيلسين جي پياس پوري ڪئي. کين نام جو منتر ڏيئي سندن راهہ روشن ڪئي. سوامي جن سماجڪ ڪرسمن خلاف پڻ پرچار ڪندا هئا. مهاتما گانڌي جي آدرشن ۽ سدانتن تي هلڻ لاءِ صلاح ڏيندا هئا. سوامي جن هزارن پريمين کي 'ستنام ساکي' منتر ڏيئي گيان جو مارگہ ٻڌايو. سندس منهن ۾ مٺيا ۽ آتمڪ تيج هوندو هو ۽ سندن واڻي ۾ سرسوتي جو واسو هو. جڏهن هوُ پروچن ڪندا هئا تہ سون دلين ۾ پريم جو پرڪاش ٿيندو هو. سوامي جن سمرڻ ۽ سيوا، ستيہ سنيهہ سادگيءَ جو سنديش سڻايو. سوامي جن سون سوالين جا سوال پورا ڪيا.

سوامي جن سنسار جو سفر سماپت ڪري ١٩١٢ع ۾ جوتي جوت سمايا. سندن گاديءَ تي سوامي سروانند مهاراج براجمان ٿيا. جن سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي پرمپرا کي اڳتي وڌايو. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کان پوءِ پوجنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جن پريم پرڪاش منڊل جا پرڌان ٿيا. جن ديش وديش ۾ منڊل جو نالو روشن ڪيو. سوامي جن کان پوءِ سوامي هرداس رام گاديءَ تي براجمان ٿيا. هن وقت سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج گادي نشين آهن. هُو وڏڙن جي ورثي کي وڌائي رهيا آهن. سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو مکيہ آستان جئپور ۾

ڪمي ٽيئون گر ڪان گر پائي،
پرم بدن جو چڏج پلائي،
تون انيئہ روپ اَپار آهين.

سوهم :

اُهو مان آهيان. سوهم جو منتر اَسين سهج سوڀاويڪ اُچاريندا رهون ٿا. جڏهن سواس ڪڍون ٿا تہ 'سو' ۽ سواس ڇڏيون ٿا ۽ هم چئون ٿا. سوامي جن ساڌڪن کي 'سوهم' منتر جي ساڌنا ڪرڻ لاءِ پريرت ڪن ٿا :-

جلپ سوهم جو جپي نت راڳ دويش نواريون
سگڻ برهم جو ورڻن ڪندي سوامي ٽيئونرام مهاراج چون ٿا:
نرگڻ مان ٿي سرگڻ، پريو نانا روپ بڻائي ٿو،
پيڙ نسي ڀڳتن تي پلي، تن کي ترت بچائي ٿو.

ڀڳوان شري ڪرشن ڀڳوت گيتا ۾ چيو آهي تہ جڏهن جڏهن پرٿويءَ تي پاپ اَتياچار وڌي ٿو، ترم جي هاڃي ٿئي ٿي تڏهن مان اوتار وٺي اچان ٿو. سوامي جن سڀيو ويچار ظاهر ڪندي چون ٿا:

پاپ سان پاپين جڏهن سنسار کي لاچار ڪيو،
يگيہ جپ تپ دان پوڄا ۽ ترم کان ڌار ڪيو،
تڏهن نرگڻ روپ مان هر سگڻ ۽ ساڪار ٿيو.
منش چولي ۾ اچي تنهن پريم جو پرچار ڪيو،
سنت برهمڻ جي رکيا لاءِ هٿن ۾ هٿيار ڪيو،
ڪمي ٽيئون دشٽ ملي، ترم جو جئڪار ڪيو.

سوامي ٽيئونرام مهاراج جي پريم پرڪاش گرنٿ ۾ شري ڪرشن ڀڳتيءَ جا پد بہ ملن ٿا. سوامي جن شري شيام سندر جي مرليءَ جي مهما ڳائيندي چون ٿا:

من موهن تنهنجي آهي، من ٺار مرلي مرلي،
گهنشيام تنهنجي آهي غم ٽار مرلي مرلي،
هن مرليءَ جهڙو سندر، آواز ٻيو ڪو ناهي،

برهم اَبنلسي آهي، پورڻ آهي، سڀ ۾ وديمان آهي.

نِت اَبناسي آتم آهي پورڻ برهم پرماتما،

اَنيو ڪرتا آتم آهي، ست چت آنند سار.

مڪ برهم جي ثنا ڳائيندي سوامي جن فرمائين ٿا:

چنڊ سورج جنهن بڻائي جڳت کي روشن ڪيو،

پون جل ترتي اڳن سان، سک ڏئي تو عام کي.

آتما پرماتما جو اَنش آهي. ڀڳوان شري ڪرشن آتما جو ورنن ڪندي چيو ته اُن جو ڪو رنگ روپ ڪو نه آهي. اُهو اَسانجي اَندر موجود آهي پر اڳوچر آهي. اَمر اَنادي آهي. سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ ساڳيو ويچار پيش ڪندي فرمائين ٿا:

اکنڊ آتما کي لهين چو نه ڀُولهي،

لکل جو اَندر آهه اٿهوندي اولي،

جنهنجو نه رنگ آ نکو روپ آ،

اِندرين کان پري برهم سروپ آ،

اَمر سو اَنادي مهاپوپ آ،

لهج تون تنهين کي فکر ساڻ ڦولي.

سوامي جن جي ڪلوءِ ۾ ويدانت سوتر ’تت توم اَسي‘ جي جهلڪ ملي ٿي:

جنهن کي ڄاڻي، سو تون ناهين،

ڄاڻڻ وارو تون خود آهين،

ٻڪرين جي سنگ ڀُلي شير جيان،

ڪهي ٽيئون چو جنم وڃائين!

پنهنجو روپ نهار تون ڇاهين!

تون پاڻ ست چت آنند روپ آهين.

تون ست چت آنند سار آهين،

نڪي تَت سندو آڪار آهين،

دنيا جي سڀ ديشن جا ٿا پوڄن نر ناري،
ٻلري جو تيون ڳُل ڦُل چاڙهن چت ۾ چاڙهي چاهه.
٢. نرمل نام تنهين جو جيڪي چاهه رکي چوندا،
جئه جئه جهوليلعل اڏيرو، لات اِها لوَندا،
دولهه جي ڪرپا سان سيئي پار وڃي پوندا،
ڪهي ٽيئون سو ڪامل آهي، ٻي واهن جي واهه
جيوَ :

جيوَ اگيان اوديا سبب پاڻ کي پريوءَ کان پري سمجهي ويٺڪي رهيو آهي. سوامي جن اگياني جيون کي جاڳرت ڪندي چون ٿا:

هردم توسان هري رهي ٿو، ٻاهر نا تون ڀُول اَدا،
صاحب ساچاٽاچ دم پنهنجي، ڪيجنهن ۾ لال اَمول اَدا.
جڳت :

ستگرو مهاراجن جي ويچار موجب هي جڳت هڪ مسافرخانو آهي. هي جڳت جوٺو آهي، مٿيا آهي.

چاڻ مسافرخانو دنيا، هتڙي تنهنجو ڇاهي!
جڳت نظارو جو ٻه ٽسين ٿو چار ڏينهن سو آهي،

ڪهي ٽيئون جڳ جوٺو ڄاڻي، ڇڏ تون موهه مٿائي،
جوٺي جڳت کان ڪري ڪنارو، ستگر سنتن جو وٺ لاڙو،
سارو جڳ هي جوٺو ڄاڻي، تنهن سان نينهن نه لاءِ بندا.
مايا :

مايا ودو انن گيانو انن کي ٻه منجهائي ڇڏي ٿي. اِنڪري ساڌڪ کي سنسار ۾ ڏاڍي خبرداريءَ سان هلڻ گهرجي ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

اِنهيءَ مايا سوين گهمايا، وڏا اَمير منجهايا،
پڙهيا پنبت، ڪيئي وير، ڪنن چير ٽنگائي.
سنسار جا ڀوڳ پدارٿ مايا جا ئي روپ آهن. سي جيءَ کي ڪيئن نه ڀنيلائن ٿا.

جڳت جا ڀوڳ ڀڳوت کان، بندا توکي ڀلائن ٿا،

اَنمول تنهنجي آهي، رسدار مرلي مرلي.

سوامي جن سگڻ برهم شري رام جو ورڻن ڪندي چون ٿا:

رام وياپڪ سروَ ۾ سڀ رام جو ديدار آ.
رام سڀ رنگ ۾ رهيو، رام جو جنسار آ.
رام سورج اگني تارا، رامچندر چوڌار آ.
رام جي آجوت سڀ ۾ رام جو چمتڪار آ.

سوامي جن هڪ ٻئي پد ۾ ڪيترائي درشٽانت ڏيئي رام ڀڳتيءَ جو اظهار ڪيو آهي.

او رام جا پيارا، شري رام کي ريجهائج، جيون سڦل بڻائج،
رکي پريم پيلٽيءَ، هو شري رام کي ريجهايو،
ڇڏي راڄ سک پرت هو رگهوناٿ کي منايو.
تياڳي ڪٽنب وڀيشڻ، شري رام شرڻ آيو،
ڏيئي راڄ لنڪ جو تنهن پريوءَ اَيئه بڻايو.
تون به سِڪ وڌائي، من رام سان ملائج،
جٽايوءَ سيس پنهنجو هر سيوَ ۾ لڳايو.
ڪهي ڀيئون رام تنهن کي نِج ڌام ۾ پٺايو،
تون به چت لڳائي ڀڳوان کي منائج.

سونهاري سنڌ ۾ اَترمين اَتياچارين هندن جو زبردستي ڌرم پريورتن ٿي ڪيو. ڌرم جي رکشا لاءِ نرگڻ برهم ساڪار وروڻ ديوَ، شري اَمر اُڏيرو لعل جي روپ ۾ اوتار ڌارڻ ڪري آيو. هوُ جل مان پرگهٽ ٿيو. اُن اُڏيري لعل دولهه شاهه جي مهما ڳائيندي سوامي جن لکيو:

سچن جو دولهه درياهه شاهه، آهي راجا رانول راءِ
آهي راجا رانوَل راءِ.

ظاهر پير زمين تي سو مالڪ بي پبرواهه.
١. درياهه شاهه جا آهن چار ورڻ پوڄاري،
ديوي ديوا ڪن ٿا شيوا شرڌا سان سدواري.

آڌياتمڪ پٿ تي پرڳتي ڪرڻ لاءِ ستگروءَ جي سخت ضرورت آهي. گروءُ ئي ست گيان ڏيئي مارگ درشن ڪري ٿو. سوامي ٽيئونرام مهاراج ستگروءَ جي مهما ٻڌائيندي چون ٿا:

ستگر گياني آتم ڌياني گيان گڻن جي آهي کاڻي،
ويد شاستر ۽ اَنيڪَ جا وچن اُچاري ٿو.
ستگر شاهن شاهه اَٿيئي، ڪارج راس ڪري،
دکه دنيا جا دور هٽائي، خالي ڀنڊار ڀري.
ستگر جهڙو جڳه ساري ۾، داتا ڪو ناهي،
شرڌا سان جو شرڻ اچي ٿو، سڀ ڦل سو پائي.

سوامي جن ستگر ۽ پرماتما کي هڪ روپ ڪري مڃين ٿا. اُنهن جا وچن ۽ واڻي شرڌا سان پڙهي عمل ڪرڻ گهرجي.

ڪهي ٽيئون گر گوبند ڄاڻي،
شرڌا سان پڙهه تنهن جي ٻاڻي.

ڪوي ساڌڪ کي سکيا ڏيندي چون ٿا:

گُر منتر ۾ سُرت سمائج،
گُر منتر ۾ نرت ملائج.
سمتا جي وٺ سمجهه گرن کان،
ٻوڌ سندي وٺ ٻوجهه گرن کان.
گر چرن جي ڪر تون سيوا،
پائج پورن آتم ديوا.
گر درشن سان تاپ مٽن ٿا،
جنم جنم جا پاپ گهٽن ٿا،
جم جا ڦهري دوت هٽن ٿا.

ستگر ۾ پوري پوري شرڌا ۽ وشواس هئڻ گهرجي.
پوري گر ۾ شرڌا ڌاريو، ڪهي ٽيئون نج جنم سڌاريو،
ساڌڪ کي سمرپت ڀاونا سان ستگر جي شيوا ڪرڻ گهرجي.

ستگر جي جو ٽهل ڪري ٿو،

ڏسڻ ۾ ٿي مٺي ماکي، دکي ٿيندين چکي چاکي،
سماجھہ رکہ تون بٺي ساکي، جگر کي سي جلائين ٿا.

مُکتي :

منش ديهہ ۾ ئي ستڪرم ڪري جيوَ جوٽين جي چڪر مان مُڪت ٿي سگهي ٿو. گروءَ جي گيان دوارا ئي مڪتي ممڪن آهي. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

گيان بنا نا مڪت ٿيندين،
جوڻ چڪر ۾ هر هر ايندين،
پاپ پٽيہ جا حساب ڏيندين،
کهي ٽيئون هيءَ ٻالهہ هنداءِ.

گيان :

اوديا اگيان جي اوندهہ انڌڪار دور ڪرڻ لاءِ گيان جي سخت ضرورت آهي. ستگرو ئي گيان ڏيئي راهہ روشن ڪري ٿو.

گيان بنا نہ ٿي روشنائي،
موهہ سندي نا مٽي اونداهي.

سوامي جن فرمائين ٿا:

سنتن ويدن ساکہ سٽائي، وٽ وويڪ جي جيءَ ۾ جلاءِ،
جوت جڳاءِ جوت جڳاءِ هردي ۾ گيان جي جوت جڳاءِ.
جنم جنم اوديا انڌياري، دکي ڪيو توکي آ پياري،
هاڻي لڳي ستگر جي لاڙي، گيان وئي اگيان مٽاءِ.

آتم نريکشڻ :

سوامي جن آتم نريکشڻ ڪندي پنهنجي ڪلويہ ۾ چون ٿا:

وشين کان نہ ڪڏهن پريوُ پاڻ پليم،
ڏيئي پوڙ پين کي سدا ٿي جهليم،
اِنهيءَ ريت سارو وقت مون وڃايو.

ستگرو :

تنهنجو پورو قدر ساڃاڻي،
ليکي هر جي لاءِ.
ٽيئون مانش تن سُر چاهن،
شاستر جس تنهن جو ڳائن.
سو تون سڦل بڻاءِ.
مانش چولو اتي اَولو،
تنهن کي سڦل بڻاءِ بندا.
ڪهي ٽيئون گرشبد وٺي تون،
سو اسون سو اس ڪماءِ بندا.
مانش چولو اَمولڪ آهي،
يوڳه وشين ۾ ڇڏ نہ گنوائي.

پريم :

وهنوار جي واڌاري ۽ پرملرٿ جي پرڪتيءَ لاءِ پريم جي پرڌانتا آهي.
سوامي ٽيئونرام مهاراج پريم جي اهميت ٻڌائيندي فرمائين ٿا:

پريم سان پريو ملي ٿو پريم هي پرڌان آ،
پريم وارن تي هميشهہ ٿيو پرسن ڀڳوان آ.
پريم بن پرماتما جي هي ساڃو سنسار ٿي،
پريم ئي ساري جڳت جو اوٽ ۽ آڌار ٿي.
پريم جي ڏوريءَ ۾ جڪڙيل هي سڄو تہ جهان آ.

داسيہ ڀاونا :

سوامي جن جي ڪاويہ ۾ داسيہ ڀاونا آهي. سو سندن ٻاڻيءَ مان ظاهر آهي. هو پرماتما کي ونيہ ڪندي چون ٿا:

پرميشور تون پورن آهين، ديناناٿ ديال هري،
انگہ انگہ منهنجو عيبن ڀريو کهڙو ڪريان حال هري!
مون پاپيءَ کي پاون ڪريو، جم جو ڪاٽي جال هري،
جپ تپ سنيم ڪين ڪيو مون ورت نہ نيم وشال هري.

تنهن جو نت پنڌار پري ٿو،
مهر ميا سان تتل سين جو تن من ٺري ٿو.

نام سمرڻ :

سيني سنتن ستپرشن نام سمرڻ جي مهما ڳائي آهي. سوامي جن به نام جي مهما ڳائيندي فرمائين ٿا:

سمرڻ سڀ دک دور ڪري
چت جي چنتا چور ڪري،
سمرڻ سُک ڀرپور ڪري، سمرڻ شانت پنڌار آ.
سمرڻ بنڌن ڇوڙي ٿو، ڀيد ڀرم سڀ توڙي ٿو،
سمرڻ هر سان جوڙي ٿو، سمرڻ سانت آڌار آ.
سمرڻ تاپ نواري ٿو، ليکو جم جو واري ٿو،
جنم مرڻ کي ٽاري ٿو، سمرڻ سان ڇوٽڪار آ.

ستسنگ :

سوامي جن پنهنجي ڪلوبه ۾ ستسنگ جي مهما ڳائيندي ٻڌايو آهي:

ڪلجڳ ۾ ستسنگ برابر، ڪوئي ڪرم ناهي،
مڪتيءَ جو دروازو جڳ ۾ ستسنگ هي آهي،
ڪهي ٽيئون ستسنگ جي مهما اَپر اَپاري آ،
شيش مهيش گڻيش شاردا، اَڪٿ اَپاري آ.
ساڌ سنگت ڏي سک شرڌا سان جيڪو قدم وڌائي،
قدم قدم اَشوَميڌ يگيه، ويد پُران ٻڌائي،
ڌاري ڌاري وچن هردي ۾، پائج موڪشيه دواري.

مانش تن :

سيني سنت ڪوين منش ديهيءَ جي مهما ڳائي آهي. ستگر مهاراج به مانش ديهه جو مهتوَ ٻڌائيندي فرمائين ٿا:

مانش تن چندن سم ڄاڻج،
تنهن ۾ آنند سڳنڌي ماڻج،
غفلت ۾ نه گنواءِ
مانش تن هيرن جي کاڻي،

بکي ماس جو ئي نرڪ ۾ وڃي سو،
وڃي نرڪ ۾ جيءُ جلائڻ نہ گهرجي.

تصوف جو اثر :

سوامي ٽيئونرام مهاراجن جا ستگرو ڏاڏا آسورام هئا. ڏاڏا آسورام پنهنجي زماني جا پرسدّ صوفي هئا. اِنڪري مرشد جو اثر مريد تي هئڻ سوڀاويڪ آهي. سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ٻاڻيءَ ۾ سسئي - سهڻي ۽ مارئي سنٻنتي نڪر ڪيل آهي. شاهہ لطيف ۽ سچل سائين جو اثر بہ نظر اچي ٿو.

سڻج مومن ڪهي ٽيئون سبق تريقت سنلو پڙهہ تون،
حقيقت حق ٻولي هون، معرفت ماڻ مرداني،
ماجي مرشد پائي جهاتي، اَندر ۾ پڙهہ ذڪر ذاتي،
سدا ڪر پاڻ اَسباتي، اِهو ٿي وچن قرڪاني.
مناجهان ناسوَت جي نڪري، ملڪ ملقوت ماٽيو مون،
جلائي جوش جبروتي، ڪيو مون نفس کي فاني.

....

سسئي پنهل جي جستجوءَ ۾ سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي لفظن ۾ چوي ٿي:

رت ۾ رڱينديس روئي ڪپڙا پنهنجا سلرا،
جيسين پرِ سان نہ ملان، جيءَ ۾ جلان، باهہ برهہ بدن پيچان،
ٽيئون لڳا سيِ ٽوڙي، لوڪ للچائون لاهي،
ڪاهي ڪيچن تہ ڏسان، پنهل پسان، آنءُ اُنهيءَ ڪي ٿي ماچان.

مارئي عمر کي التجا ڪندي چوي ٿي:

عمر ڏسان مان وڃي وٽاٽا پنهنجي وطن وري،
ياد پون ڏوٿي ڏاڏاٽا، سانگين ريءَ نہ سري،
ڪهي ٽيئون اَباڻن ڏي، ڪٽي اَڪڙيون نهاريان ٿي،
مِٽن مارن بنا هتڙي، غمن ۾ گذاريان ٿي.

سوامي ٽيئونرام مهاراج مهان سنت هئا، روحاني رهبر هئا تڏهن بہ هوُ ڪهڙي نہ نمرتا سان پنهنجا اُدگار ظاهر ڪن ٿا:

ڪوڙو ڪپٽي آهيان ڪامي،
ڪين ڏسج تون خانوند خامي،
هيٺن سان ٿي هردم حامي،
پنهنجو برد سڄاڻج سوامي!
لهہ تون سُتت سنڀار.

غريبن لاءِ همدردي :

ستگرو مهاراجن جي دل ۾ دکين دريدرن اَناٿن لاءِ همدردي هئي. اِنڪري هوُ پاڻ اُنهن جي خدمت ڪندا هئا. هو پنهنجي ڪاويہ ۾ جڳيلس کي پڻ اهڙي تاڪيد ڪن ٿا:

دنيا وارا دنيا ۾ ديا ڌرم ۾ ڪجھ دان ڪريو،
دينن غريبن ۾ اَناٿن جو ڪجھ ڌيان ڪريو.

....

دين غريبن بي واهن جي سک سان شيوَ ڪمائج تون،
تن من ڌن سان سڀ جيون کي سکہ پهچائج تون.
سوامي ٽيئونرام مهاراج تنوانن کي مخاطب ٿيندي چون ٿا:
مسڪينن کي پيڙي جي تون مايا جوڙيندين،
آهہ غريبن جي سان، آخر دکہ تون لوڙيندين!

جيوَ ديا :

سوامي جن پنهنجي ڪاويہ دوارا ن جيوَ ديا جو سنديش ڏيندي چون ٿا:

منش کي ڪڏهن بہ ماس کائڻ نہ گهرجي،
اَشٽ ڪاج ۾ دل لڳائڻ نہ گهرجي.
ڪرڻ جيوَ منسا وڏو پاپ آهي،
گلي ڪنهنجي ڪاتي وهائڻ نہ گهرجي.

خلق جا خدمتگار
سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

پريم پرڪاش منبل آچاريہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سرو انند مهاراجن جا گادي نشين برهملين ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج وشوَ جي مهان وڀوتي هئا. هوُ مهان ڪرم يوگي سنت، روحاني رهبر، اوچ ڪوٽيءَ جا سنت ڪوي، دارشنڪ سماج سڌارڪ، گيانوان ودوان سچا سونهان هئا. سوامي شانتي پرڪاش مهاراج هئا پريم جا اوتار، ڀڳتيءَ جا ڀنڊار، گيان جا گلزار، ديا جا داتار، مسڪينن محتاجن جا مددگار، دکين جا دلدار، رهبر روشنمنار هئا محبتي منٺار، ڏنائون هڪ هڪ کي پيار سچا خلق جا خدمتگار.

سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو جنم ١٥ آگسٽ سنہ ١٩٠٧ع ناريل پورٽمارڪشا ڀنڊن جي پوتر ڏينهن سونهاري سنڌ جي سکر ضلع جي چڪ ڀُوٽ شري آسوديمل ڀوجا جي گهر ۾ ٿيو. سندن ماتا جو نالو جڳل ٻائي هو. سوامي جن جي جنم جو نالو کيراج هو. پتا جي ڌارمڪ ويچارن جو ٻالڪ کيراج تي پرڀاءُ پيو. هوُ چوٿين درجي ۾ پڙهندا هئا تہ کين وڏي ماتا نڪتي. انکري سندن اکين جي روشني غائب ٿي ويئي. سندن اکين جو علاج ڪيو ويو مگر روشني موٽي ڪين آئي. شري آسودومل سپتر کيراج کي شاهہ پور ٿلهي تي سائين هرچورام صاحب وٽ وٺي ويو تہ من سنتن جي ڪرپا سان ٻالڪ کي نئون نور ملي. ٻالڪ کيراج سائين هرچورام صاحب ۾ شاهپور ٿلهي جي شرڌا سان شيوا ڪندو رهيو. هڪ ڏينهن سائين هرچورام صاحب شري آسوديمل کي چيو تہ تنهنجي سُپتر کيراج کي اَندرين روشني ملندي. هي وڏو سنت ٿيندو ۽ هزارن لوڪن کي گيان جي روشني

ستگرو مھاراجن جي ٻاڻي سکيائن جو ساگر آھي. ھو اسانکي وھنوار ۽ پرمارٿ لاءِ سندر سکيائون ڏيندي فرمائين ٿا:

کر اِنساني کر تون پيارا، ڪين بڻج حيوان،
شان شرم ۽ مان مرم سان ھلج رکي تون ڌيان،
چوري زوري جوئا نہ کر تون، ماس نہ کاءُ اَجان،
ڪپٽ ايرشا ڪيي اَندر مان، پريم رکج پرڌان،
ستگر اڳيان سيس نوائج، حاجت چڏي اَيمان،
رسنا سان سچ ٻولج مٺڙو، کوڙ نہ ٻول سجان،
ڪٿا ڪيرتن سٽي ڪنن سان، درمت ھر اگيان،
اکين سان ڏس ستپرشن کي غيرت چڏي گمان،
ٿھل ھٿن سان ڪري ھميشہ، ڌن جو ڏي تون دان،
کھي ٽيئون ٿر ڌيان گرن جو، سمر شري ڀڳوان،
من ۾ شانتي ڌاري، کر پنھنجو تون ڪلياڻ.

منڪور مصراعن تي عمل ڪرڻ سان اَسين پنھنجي حياتي سڦلي ڪري سگھون ٿا. روحاني راھ ۾ بہ وڪ وڌائي دلبر جو ديدار ڪري سگھون ٿا.

سوامي ٽيئونرام مھاراجن جي ڪاويہ ۾ سھج ڪن اَلنڪارن جو بہ اِستعمال ٿيو آھي.

(جنمشتابدي موقعي تي آڪاشواڻي ممبئيءَ تان پرسارت.)

جن دل وَجان سان ڀوڳ ڀيڙتن جي خدمت ڪئي. سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ڀڳتي ساڌنا ڪندي پاڻ به سچا سنت ٿي پيا. هوُ ديش ڀڳت به هئا. هوُ ستسنگ پروچن ڪندي شروتائن ۾ ديش ڀڳتيءَ جو به سنچار ڪندا هئا. سنه ١٩٤٢ع ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج برهملين ٿيا. سندن گاديءَ تي سوامي سروانند مهاراجن کي براجمان ڪيو ويو. سوامي جن پرگيا چڪشوُ هوندي سوامي سروانند مهاراجن، سوامي گرمکداس مهاراجن ۽ منڊل جي شيوا به ڪندا هئا ته ستسنگ به ڪندا هئا. ديش جي ورهاڱي بعد سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ڀهرين ليڪبيل ڪئمپ ۾ ستسنگ جي جوت جڳائي پوءِ ڪلياڻ ڪئمپ ٥ ۾ اچي سوامي ٽيئونرام مندر برپا ڪيائون، جتي هوُ صبوح شام ستسنگ ڪندا هئا. سندن ڀڳتي ساڌنا سبب اُهو ننڍو مندر اڄ ڀويه مندر، آشرم سنڌين جو تيرٿ استل بڻجي پيو آهي. شروع ۾ اَسانجا شرڻارٿي سنڌي ڀائر الڳ الڳ ملٽري ڪئمپس ۾ اچي رهيا. سوامي شانتي پرڪاش مهاراج وقت به وقت اڪبر ڪئمپ، چيمبور ڪئمپ، پمپري ڪئمپ ۽ ٻين ڪئمپن ۾ وڃي اڪوڙيل سنڌي ڀائرن جي سار سنڀال لهندي کين نام جو امرت پيئاريندا هئا.

سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي دل ۾ دکين لاءِ درد هو. هيٺن لاءِ همدردي هئي، محتاجن مسڪين لاءِ محبت هئي. هوُ خلق ۾ خالق ڏسي خلق جي خدمت ڪندا هئا. هوُ پريم ۽ ديا جي ساڪيات صورت هئا. ٻين جو دک ڏٺي يا ٻڌي سندن دل ڀگهرجي پوندي هئي. سنت نرسي مهتا به چيو آهي :

"وشنو جن تو تيني ڪهئي، جو پيڙ پرائي جاڻي ري."

سچو سنت اُهو آهه جو ٻين جي دک درد جو احساس ڪري، اُن کي دور ڪرڻ جو يتن ڪري ٿو. سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کي به اهڙي ڀهر ٻين جي دک درد دور ڪرڻ جي اون لڳل هوندي هئي. هوُ اسان کي به چوندا هئا ته مدد ته مهل جي. هوُ نه صرف پاڻ سيوا جي کيتر ۾ يوگدان

ڏيندو. تون هنجي ٻاهرين اکين جي چنتا نہ ڪر. توکي ٻيو پُٽر ٿيندو. سائين هرچورام صاحب جا وچن اڳتي هلي سورهن آنا صحيح ثابت ٿيا.

شري آسودومل پياري ڪيراج کي پنهنجي ڳوٺ چڪ ۾ واپس وٺي آيو. ڪجهہ مهنن بعد مهان ويوتي پريم پرڪاش منڊل جا سنستاپڪ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج منڊلي سهت رٽن ڪندي چڪ ۾ آيا. اُتي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج چار پنج ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. ٻالڪ ڪيراج بہ ماتا پتا سان گڏجي ستسنگ ۾ ويو. هوُ سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي متر ٻاٽي ٻڌي ڏاڍو پرڀاوت ٿيو ۽ اُنهن کان نام جو دان ورتائين. شري ڪيراج جو ڀاڳ کليو جو مهان تپسوي سنت سوامي ٽيئونرام مهاراج کيس ستگرو روپ ۾ پراپت ٿيا. ٻارهن ورهين جي عمر ۾ شري ڪيراج ماتا پتا جو گهر ڇڏي ستگرن جي سنگ ۾ رهيو

سوامي ٽيونرام مهاراج کيس اَمراپور آستان ٽنبي آدم ٻڀ تي وٺي آيا. هوُ اُتي سنتن ۽ اَمراپور آستان جي شرڌا سان شيوا ڪندا رهيا. ستگرن کين سنسڪرت سکڻ لاءِ حيدرآباد ۾ شري گدومل سنسڪرت پاٺشالا ۾ شري گروگرنٿ صاحب جو اڀيين ڪرڻ لاءِ اَمرتسر موڪليو. هردوار ۾ شڪشا وٺندي هوُ ڪيترن سنتن جي سمپرڪ ۾ آيا.

سوامي ٽيئونرام مهاراجن جوان ڪيراج کي يوگيہ سمجهي کيس ڀيک ڏيئي سندس نالو سنت شانتي پرڪاش رکيو. هوُ ستگرو مهاراجن ۽ ٻين سنتن سان نام جو پرچار ڪندا رهيا. ڪجهہ سالن بعد ستگرن جي آگيا سان هوُ سنت اُڌوداس، سنت رامڪرشن سان گڏجي سنڌ جي جدا جدا شهرن ۾ ڳوٺن ۾ ستسنگ پروچن ڪندي لوڪن کي نام جو اَمرت پيئاريندا رهيا.

سنہ ١٩٣٣ع ۾ سنڌ جي چڪ، رُڪ لاڙڪاڻي ۾ ٻوڏ پيئي تہ سوامي ٽيئونرام مهاراجن سنت شانتي پرڪاش مهاراج، سنت اوڌوداس، سنت ٻجنلعل کي ٻوڏ پيڙتن جي سهائتا لاءِ ٻوڏ ايراضين ۾ موڪليو. اُتي سوامي

ڪجهه سالن بعد ياءُ دوارڪي سندر اٽيءَ سوامي جن کي وينتي ڪئي ته بهار ۾ آديو اسين کي گهر ٺهرائي ڏجن. سوامي جن هڪدم آديو اسين کي اجهي ڏيڻ لاءِ ياءُ دوارڪي سندر اٽيءَ جي معرفت اُتي به ڀوٽ. سوامي ٽيئونر ام ڀوٽ ۽ سوامي سروانند ڀوٽ ٺهرايا. دکين کي سکي ڪرڻ ۾ سوامي جن پرسن ٿيندا هئا انڪري ستگرو مهاراج شيوا جي هر ڪاريه لاءِ مونکي به همٿائيندا رهندا هئا.

بيوه پينرن، ٻيڙن، گهرجائو وديار ٿين جي سيوا ۽ سهايتا ڪرڻ لاءِ ستگرو مهاراجن جي آشيرواد سان داس آشرم ۾ جنتا جناردن پريشد سنستا شروع ڪئي. اڄ به هن سنستا طرفان هر مهني ست سوَ کان وڌيڪ گهرجائو بيوه پينرن کي آرٿڪ مدد ڪئي وڃي ٿي. سندن ٻارن جي پڙهائيءَ لاءِ پڻ سهيوگ ڏنو وڃي ٿو. ڪن کي سلائيءَ جون مشينون پڻ مفت ڏنيون وڃن ٿيون. سندن نياڻين جي شادين ۾ پڻ مدد ڪئي وڃي ٿي، گهربل دوائون پڻ ڏنيون وڃن ٿيون. جنتا جناردن پريشد طرفان سوامي شانتي پرڪاش ورڌا آشرم برپا ڪيو ويو جنهن ۾ ٻيڙن جي رهائش، کاڌي پيتي جو مفت بندوبست ڪيو ويو. جتي سندر مندر به ٺهرايو ويو جيئن ٻيڙا ٻيڙيون مندر ۾ ويهي پربوءَ جو سمرڻ به ڪن. ان ٻيڙا آشرم ۾ وقت به وقت ستگرو سوامي سروانند مهاراج، سوامي ليلاشاه مهاراج، سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، سوامي بسنترام مهاراج، سنت آشارام باپوُ، سنت هرداسرام صاحب، سنت چانڊورام صاحب ۽ ٻيا سنت اچي ٻيڙن کي درشن ڏيئي ۽ ستسنگ ڪري نهال ڪندا هئا. هن وقت ستگرو مهاراجن ۽ سوامي ديو پرڪاش مهاراج جي آسيس سان ياءُ هوتاچند واتو اٽيءَ جي پورڻ سهيوگ سان آشرم پرسان سوامي شانتي پرڪاش ورڌا آشرم جي نئين عمارت ۾ ٻيڙا ٻيڙيون فرحت واري زندگي گذاري رهيا آهن. مان نه ڀانيان ته سڄي هندستان ۾ ههڙو سندر مفت ٻيڙا آشرم هوندو جتي بيوه ٻيڙن جي پيار سان شيوا ڪئي وڃي ٿي. پريشد طرفان سوورداسن، اَپاهجن جي خدمت ڪئي وڃي ٿي. سوامي ليلاشاه مهاراجن کان پوءِ سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن سنڌي سماج ۾ ساموهڪ جٽين ۽ ساموهڪ شادين جي پرٿا کي

ڏيندا هئا پر شيو اڌارين کي بہ پورڻ سهيوگہ ڏيئي اُتساهت ڪندا هئا. سنہ ١٩٥٢ع ۾ پائو پرسرام مسند ڪلياڻ ۾ ڊاڪٽر موديءَ جي اکين جي آپريشن جي ڪئمپ لڳائي تہ سوامي جن آشرم مان کاڌو تيار ڪرائي علاج ڪرائيندڙن ۽ سندن ساٿين لاءِ موڪليائون. تن، من، ڌن جي شيوا ڪيائون. پائو پرسرام مسند ڪئمپ ۾ مساڻ برپا ڪيا اُن شمشان پوميءَ جي برپا ڪرڻ لاءِ سوامي جن ڪيس آرٿڪ سهيوگ ڏنو. اڄ اُهي مساڻ سرڳدام شمشان پوميءَ جي نالي سان مشهور آهن. سوامي جن آجيون اُن شمشان پوميءَ جا پرڌان ٿي رهيا.

سوامي جن ڳانين جي شيوا ۽ لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ آشرم پرسان شري راڌي شيام گئوشالا برپا ڪئي. جتي هن وقت اٽڪل ١٥٠٠ ڳانيون ڳابيون بيل آهن. سندن آسيس ۽ پريرنا سان گئوشالا جو نرماڻ ۽ وڪاس ٿيو. مُکي شولداس هرگنداس جو بہ يوگدان رهيو چين ۽ پاڪستان جي حملي وقت ڀارت سرڪار راشٽريہ سرکشا ڪوش ڦنڊ شروع ڪيو. سوامي جن نہ صرف آشرم طرفان ڀارت سرڪار کي پئسا موڪليا پر پريمين کي پريرت ڪري اُنهن کان پئسا گڏ ڪري سرڪار کي موڪليا ۽ لوڪن ۾ ايڪتا ۽ ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا پيدا ڪئي. سرحد تي لڙائي ڪندي ڪيترا ملٽريءَ جا جوان زخمي ٿيا. ڪن کي علاج لاءِ ملٽري اِسپتال ڪولابا ممبئيءَ ۾ داخل ڪيو ويو. سوامي جن سهانيو تيءَ جي خيال کان اِن ملٽري اِسپتال ۾ مليا ۽ زخمي ٿيل جوانن کي اُتساهت ڪندي همدردي ڏيکاريندي کين ٽول ڏنو جن جوانن ويرگتي پراپت ڪئي سوامي جن پيڻ چيئي سپاهيملاٽيءَ جي معرفت اُنهن جوانن جي گهر وارين کي سبڻ جون مشينون موڪليون.

سنہ ١٩٦٧ع ۾ بهار ۾ زبردست سوڪ ٿي ۽ ڏکر پندا ٿيو. چوپايو مال چاري کان وانجهيل ۽ آديواسي بک ۾ پاهہ ٿيڻ لڳا. سوامي جن پوڌ گيا سمنويہ آشرم ۾ سوڪ پيڙتن جي سهائتا سيوا لاءِ ان ڪيتر شروع ڪيو. پاءُ دوارڪي سندر اٽيءَ حڪيم دوارڪاداس ريلو اٽي پورڻ سهيوگ ڏنو. سوامي جن پاڻ پوڌ گيا ويا ۽ سهايتا جو هٿ ڊگهيڙيائون.

ڪريو. گهرن کي مرمت ڪرائڻ لاءِ ڪين روڪ سهايتا به ڪئي ويئي.

سوراشٽر ۾ ڏاڍي سوڪ هئي، سوڪ سبب اُتان جي ڌنتي وهنوار تي به ڪافي اثر ٿيو. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج سومناٿ ۾ ساموهڪ شادين سنيند ۾ مليا اُتي ياءُ نيوندرام لوڪواٽي پريزيڊنٽ اکل سوراشٽر پئنچايت ستگرو مهاراجن کي پاڻيءَ جي سخت تنگيءَ جو احوال ڏنو ستگرو مهاراجن داس کي آگيا ڪئي ته پيارا ديال تون وري هتي اچي پياري نيوندرام لوڪواٽي، پياري سيرومل واڌواڻي جي صلاح سان پاڻيءَ جا بورنگ لڳايو جئن ڪن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ پاڻي جي دقت دور ٿئي. جل جي شيوا اُتم شيوا آهي. پياسين جي پياس بجهائڻ ستڪرم آهي مان پنهنجي ساٿين ياءُ راڌا ڪرشن جئسنگهه، پروفيسر گوپ روپچنداڻي، پياري امرلعل ڦيرواڻي، پياري پوڪرداس ٽيڪچنداڻي، ڍولومل واڌوا سان گڏجي وري سوراشٽر جي ڪن شهرن ۾ ويس اُتي دادا نيوندرام لوڪواٽيءَ جي صلاح سان ڪتيانا، بانٽوَ، ماڻود، سورٺ ونٿلي، ڪبشود ۽ جيتپور ۾ پاتالي نلڪا بورنگ لڳارايا. ۽ سارو حال احوال اچي ستگرن کي سڻايو. ستگرو مهاراج ڏاڍو پرسن ٿيا. ٻين کي سُکي ڪرڻ ۾ ئي ستگرو مهاراجن کي آنند ايندو هو. سوراشٽر ۾ ان ڏن جي به شيوا ڪئي ويئي. سورٺ، ونٿلي ۾ لڳايل بورنگ جي شيوا پياري ڪنعيالعل صابول مورپاڻيءَ ڪئي. سورٺ ونٿلي مان فون آيو ته پاڻي ڏاڍو مٺو نڪتو آهي. مسلمان به پاڻي گهرن ٿا. مان ستگرو مهاراجن کي فون جو احوال ڏنو. ستگرو مهاراجن چيو ته هڪدم سورٺ ونٿلي فون ڪيو ته هندو، مسلمان ڪير به پاڻي پرڻ اچي اُن کي پيئڻ جو پاڻي ضرور ڏيو. پسن پکين کي به پاڻي پيئاريو. ستگرو مهاراجنَ پوءِ اُنهن شهرن ۾ چرڻ گهمائي همدردي جو اظهار ڪيو.

ساگر مڌيه پرديش مان ستگرو مهاراجن کي فون آيو ته ڪپڙي مارڪيٽ کي باهه لڳي سنڌين جو نقصان ٿيو آهي. ستگرو مهاراجن هڪدم داس کي آگيا ڪئي ته تون پنهنجي ڪن ساٿين سان گڏجي ساگر وڃي سر

همٿايو. سو امي جن ڪيترا ائي دفعا سور اشٽر، سنڌي پنچايت طرفان آيوجت سامو هڪ شادين ۾ ملي جوڙن کي آسيس ڪندا هئا ۽ سنسٿا کي آرٿڪ سهيوگ ڏيندا هئا. سو امي جن پين شهرن ۾ ٿيندڙ ان سماجڪ ڪارين ۾ مدد ڪندا هئا. پريشد طرفان اڄ به اِها پرٿا چالو آهي. هت به سو امي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ سامو هڪ وواهن جو آيوجن ڪيو ويچي ٿو.

نوساري ۾ لائيٽ جي شارٽ سرڪٽ سبب مارڪيٽ کي باهه لڳي ڪيترن دڪاندارن جا دڪان جلي ويا، ڪن جو مال پسم ٿي ويو. نوساري مان ستگرو مهاراجن کي فون آيو. ستگرو مهاراجن مونکي آگيا ڪئي ته ٽي شيوڏاري نوساريءَ سر زمين تي وڃي ستايلن کي سهايتا ڪري اچو. مان ستگرن جي آگيا انوسار پڳ پڳو انداس نار ائڊاس موٽو اٽي، پڳ امرلعل ڦيرو اٽي ۽ پيلاري ڀولومل واتوا کي ساڻ وٺي نوساري ۾ شري ٽلومل کتو اٽي جي سهيوگ سان مارڪيٽ ۾ ستايلن سان مليس ۽ ستگرو مهاراجن طرفان کين چيڪ سهائتا روپ ۾ پيٽ ڪندي سانتونا ڏني ته هي پئسا ڌنڌي ۾ لڳائيندا ته اوهان کي برڪت پوندي. انهن پئسن ۾ ستگرو سو امي شانتي پرڪاش مهاراجن جي آسيس اٿوَ.

سنه ١٩٦٨ع ۾ رام نگر سورت ۾ ٻوڏ آئي، اُن ٻوڏ سبب ڪيترن جا ڪچا مڪان اچي پٽ پيا گهرن ۾ پاڻي ڪاهي پيو. سنڌن ڪاٽي پيٽي جو سامان هنڌ بسترا ۽ پيون ضروري شيون ٻوڏ سبب ختم ٿي ويون. ستگرو مهاراجن داس کي آگيا ڪئي ته هڪدم هڪ ٽرڪ ڪاٽي پيٽي جي سامان، اناج وغيره جي ڀرائي وڃي ٻوڏ جي ستايلن کي سهايتا ڪري اچ کين روڪ سهايتا به ڪاڄ. مان ستگرن جي آگيا اکين تي رکي اُلهاسنگر مان ڪاٽي پيٽي جو سامان ۽ ڪتريون ضرورت و اريون شيون چادرون ڪنبل وهاٽا وغيره ٽرڪ ڀرائي سورت لاءِ روانا ٿيلسي. مون سان گڏ پيارو شري جيوٽداس آهوجا، پيارو شري پريداس واتوا، پيارو امرلعل ڦيرو اٽي، شري گوبندرام ياتيا، شري ڀولومل واتوا ساڻ هئا. رام نگر ۾ ٻوڏ پيڙت پائرن پينرن سان همدري جو اظهار ڪندي کين وينتي ڪئي ته ستگرو سو امي شانتي پرڪاش مهاراجن اوهان لاءِ ڪجهه سهايتا پرساد روپ ۾ ڏني آهي. اُها سويڪار

ڪئي آهي اوهان پهريان شخص آهيو جو اسان کي آرٿڪ سهايتا ڪري رهيا آهيو.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج فرمائيندا هئا تہ سرڪاري ديگ دير سان تپندي آهي اوهان پنهنجي هٿن سان وڃي شيوا ۽ سهايتا ڪريو. جئپور، ڪوئٽيا پسگردائي ۾ پڻ ٻوڏ پيڙتن جي شيوا ڪئي ويئي. يوپال ۾ گئس ڪانڊ ٿيو تڏهن بہ سوامي جن آگيا ڪئي تہ سرزمين تي وڃي حالتن جو جائزو وٺي ستايلن جي سهايتا ڪريو. مان ساٿين سان گڏ ستگرو مهاراجن جي آگيا سان گئس جي ستايلن وٽ وڃي ڪين مدد جو هٿ ڊگهيڙيو.

ڪوئٽا ۾ ڀوڪمپ ٿيو تہ ستگرو مهاراجن هڪدم شيوادارين جي ٽولي شيوا سهايتا لاءِ ڪوئٽا موڪلي. ڪراچي جي مکي جيئندرام جي سهيوگ سان ڀوڪمپ پيڙتن کي مدد ڪئي ويئي. ستگرو مهاراج مونکي چوندا هئا تہ پيارا مدد تہ مهل جي ستگرو مهاراج پاڻ سنت ديو پرڪاش، شري گوبندرام ڀاٽيا ڪوئٽا روانا ٿيا. سوامي جن ڀوڪمپ ستايلن سان همدرديءَ جو اظهار ڪندي آٿت ڏيندي گهربل مدد ڪئي.

آنترا پرديش جي ڪرشنا ضلع ۾ ٻوڏ راڳا ڪيا. سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن اُتي ٻوڏ جي ستايلن لاءِ ڪاڏي پيتي جي مفت ڪئمپ لڳائي. ماستر تليسداس مونو اٽي، پيارو گرنومل، شري راڌا ڪرشن جئسنگهہ ۽ سندرداس آڏو اٽي ڪيترا ڏينهن ستايلن کي کاڌو کارائيندا رهيا ۽ ڪين گهربل مدد پڻ ڪندا رهيا. ستگرو مهاراج پاڻ آنترا پرديش سر زمين تي هليا. سوامي جن سان گڏ سنت ديو پرڪاش، شري گوبندرام ايل ڀاٽيا ۽ مان گڏ هئاسين. سوامي جن اُتي ٻوڏ پيڙتن کي ڪيتريون گهربل شيون ڏنيون، روڪ سهايتا ڏني ۽ ڪين پيار ۽ همدردي ڏني.

گوترا گجرات ۾ جاتي وار فساد ۾ سنڌين جو ڪافي نقصان ٿيو. پوجيہ سوامي جن اِهو دکد سماچار ٻڌو، هڪدم ستايلن کي سهايتا موڪلي ۽ پوءِ پاڻ بہ گوترا هليا. اُتي پيارو نبر وڪيل شري ناري گرسهاڻي بہ آيو. ستگرو مهاراج مونکي پاڻ سان وٺي هليا. فسادن ۾ ستايل سنڌين کي سوامي

زمين تي جاچ ڪري انهن کي سهايتا ڪري اچ. مان هڪدم پنهنجي ساٿين پرفيسر گوپ روپچنداڻي، امرلعل ڦيرواڻي ۽ پياري ديولومل واتواڪي ساڻ وٺي ساگر پهتس. ڪپڙي مارڪيٽ ۾ باهه جي ستايل دڪاندارن کي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن طرفان آرٿڪ مدد ڏني وئي.

گجرات دور ابجي ۾ ڪن ڪٽر مذهبي شخصن سنڌين جي ڪئبنين کي نقصان پهچايو. دادا نيوندرام لوڪواڻي سوامي جن کي فون تي احوال ڏنو. ستگرو مهاراجن هڪدم مونکي آگيا ڪئي ته تون دور ابجي وڃي ستايل سنڌين جي سهايتا ڪري اچ. مان پياري مرليڌر ڪيماڻي، امرلعل ڦيرواڻي کي ساڻ وٺي دور ابجي ويس. اُتي سنڌي ڀائرن سان حالي احوالي ٿيس. مان همدردي جو اظهار ڪندي کين چيو ته ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن طرفان جن ڀائرن جو نقصان ٿيو آهي تن کي چيڪ سهايتا روپ ۾ ڏجن ٿا. پرماتما ۽ ستگرو مهاراجن اوهانجي ڌنڌي ۾ برڪت وجهندا.

آگري ۽ پسگردائي ۾ ٻوڏ آئي بندرابن ۾ دهليءَ ۾ جمنا ۾ جي آئي ٻوڏ اڳا ڪيا. ستگرو مهاراجن هڪدم ٻوڏ پيڙتن جي سهايتا لاءِ سرزمين تي شيوا ۽ سهايتا ڪرڻ جي آگيا ڪئي. مان پنهنجي ساٿين پياري راڌا ڪرشن جئسنگهه، مرليڌر ڪيماڻي، امرلعل ڦيرواڻي ۽ ديولومل سان گڏ پهرين آگري شهر ٻوءِ پسگردائي ۾ ٻوڏ پيڙتن کي سهايتا ڪري. اناج جون گاڏيون ڀرائي بندرابن لاءِ روانا ٿياسين. رستي تي جيڪي ٻوٽ هئا. اُتان جي ٻوڏ پيڙتن کي سهايتا ڪندا، بندرابن پهتاسين. اُتي سنڌي ڌرمشالا ۾ ٽڪاڻو ڪيوسين. جمنا جي ٻي ڀر ٻوٽن ۾ ڪافي نقصان ٿيو هو. ٻوڏ ستايل کي ڌرمشالا ۾ گهرائي ستگرو مهاراجن طرفان ان ڌن جي سهايتا ڪئي وئي. بندرابن کان اسان سڌو دهليءَ وياسين جتي پڻ جمنا جو پاڻي ايترو ته چڙهي آيو جو ڪناري ڀرسان رهندڙ سوَن گهرن جو نقصان ٿيو دهليءَ ۾ ٻوڏ جي ستايلن کي پڻ اَن ڌن ۽ ڪنبلن جي مدد ڪئي وئي. ٻوڏ پيڙتن ٻڌايو ته سرڪار کين صرف کاڌي جا پاڪيٽ موڪليا. ڪنهن به سنستا يا سرڪار اسانکي آرٿڪ سهايتا کين

اسڪول جي بنيادي پٿر جو اُتسو آيوجت ڪيو. سوامي جن اُن اُتسوَ لاءِ ڀرين ڀاڻ آرٿڪ سهيوگ ڏنو. يوليا ڪمارنگر ۾ ستگرو مهاراجن جي سهيوگ سان هاءِ اسڪول جي نئين عمارت تيار ڪرائي ويئي. سوامي جن اُن اسڪول تي پڻ پنهنجو نالو نه ڏئي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو نالو ڏنو.

سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ڪي وقت به وقت جدا جدا شهرن ۾ ترمشالائن، اِسڪولن، گئوشالائن وغيره پروپڪاري ڪارين لاءِ وڃٹو پوندو هو. ته ڀرين هوُ ڀاڻ آرٿڪ سهايتا ڪندا هئا جئن ڀيا پريمي پريرت ٿي آرٿڪ سهيوگ ڏين.

ستگرو مهاراجن جي آشيرواد پريرٹا سان سندر شيوڪ سڀا طرفان اُلهاسنگر ۵ ۾ سوامي سرو انند هاسپيٽل ٺهي تيار ٿي. هوُ ڀاڻ اُن سنستا جا پرڌان هئا. سوامي جن پنهنجو نالو رڳي اسپتال تي ستگرو سوامي سرو انند مهاراجن جو نالو رکيو. اڄ هزارين لوڪ سوامي سرو انند اسپتال مان لاڀ وٺي رهيا آهن. هنن لکين روپيا ان نئين عمارت جي اڏاوٽ لاءِ ڏنا. روٽري ڪلب طرفان سوامي ٽيئونرام ترمشالا ۾ اپاهجن لاءِ جئپور فوٽ ويئر ڪئمپ لڳائي ويئي ۽ سوامي جن هٿان اپاهجن ڪي نقلي ٽنگون پير ڏياريا ويا . اُن وقت سوامي جن اهڙن ڪارين لاءِ آرٿڪ سهيوگ ڏيڻ جي پٽر ائي ڪئي آيوجڪن ڪي ٽنيو اد ڏني.

سوامي جن ڪيترن ڀيو اهن ڀينرن ۽ گهرجائو ڀائرن ڪي سرڪاري ڪوٺيون خريد ڪرڻ لاءِ مدد ڪئي، سوامي جن جتي به پريم پرڪاش منڊر برپا ڪيا اُتي شرڌالو پريمين ڪي ستسنگ سان گڏ شيوا ڪرڻ لاءِ پريرت ڪيو. مثال گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ ستسنگ سان گڏ ڪيترا خلق خدمت جا ڪاريه ٿيندا رهن ٿا. سوامي جن ٻارن ۾ سٺا سنسڪار وجهڻ لاءِ سوامي سرو انند ٻال منڊر ۽ سنڌي اسڪول کوليو. جنهنجي ديک ڀال پيارو گوبندرام ليلاڻي ڪندو هو. ستگرو مهاراجن مونکي آگيا ڪئي ته آشرم ڀرسان به پلاٽ هٿ ڪر هڪ اسڪول لاءِ ٻيو ٻيا آشرم لاءِ. سندن هوندي ئي سندن اِهو سپنو ساڪار ٿيو. پياري ڀاءُ ڀپو ڪالاڻي،

جن آتت ڏيندي سهايتا جو هٿ ڊگهيڙيو.

موروي ۾ ٻوڏ آئي تڏهن به ستگرو مهاراجن داس کي آڳيا ڪئي تـ
تون هڪدم ساٿين سان گڏ ٻوڏ پيڙتن جي وجي سهايتا ڪري اچ.
مان ستگرن جي آڳيا انوسار ساٿين سان موروي ۽ ويس حالتن جو جائزو
وٺي ستگرو مهاراجن جي طرفان ٻوڏ ستايلن کي سهايتا ڪئي.

سوراشٽرا ۾ سوڪ جي وقت نه صرف مانوَ ماتر مگر ڳانين جي ڳاهـ
۽ چاري ڪار ائڻ جي لاءِ به ستگرو مهاراجن مدد ڪئي.

مهاراشٽر ۾ سوڪ وقت ڪن ڳوٺن جا رهو اسي پنهنجا ڍور ڇڏي
پونبي جي آس پاس اچي رهيا. ڪي ڪلوا اسٽيشن جي ٻاهران به اچي
رهيا. ستگرو مهاراج آڳيا ڪئي ته اُنهن سوڪ پيڙتن کي به اناج ۽ گهربل
شين جي مدد ڪريو. ٻه دفعا ستگرو مهاراج پاڻ پونبي ۽ جي آس پاس
سوڪ ستايلن کي سهايتا ڏيڻ هليا.

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن خلق جي خدمت ڪرڻ
لاءِ هڪيا حاضر هوندا هئا. هڪ دفعي پريمين جئپور شهر کان ٿورو ٻاهر
چوپائي مال ارٿات ڳانين بيلن، ٻڪرن مينهن اُٺن ۽ گهوڙن وغيره جي
علاج جي مفت ڪئمپ لڳائي ۽ ستگرو مهاراجن کي اُن ڪئمپ جو مهورت
ڪرڻ لاءِ چيو. سوامي جن اُن پسن جي علاج جي ڪئمپ جو مهورت
ڪندي آيوجڪن کي ٿنيو اد ڏيندي روڪ سهايتا به ڪئي ۽ چيو ته اوهان
بي زبان پسون پکين لاءِ سندن دک درد دور ڪرڻ لاءِ هي لاثاني شيوا ڪئي
آهي. اَهڙا شيوا جا ڪم ڪندا رهو. داس سدائين سهيوگ ڏيندو رهندو.

ڪرلا ممبئي ۾ پيارو نندلعل هرسال اکين جي مفت آپريشن
ڪئمپ لڳائيندو آهي. سوامي جن سدائين اُن ڪئمپ جو مهورت ڪندي
پياري نندلعل جو اُتساه وڌائيندي ڪيس آرٿڪ سهيوگ به ڏيندا هئا.
اُلهاسنگر ۾ ٻين هنڌ سوامي جن جي پريرڻا سان مفت ميڊيڪل ڪئمپس
جو آيوجن ٿيندو رهيو. هوُ نشڪام شيو اڌارين جو اُتساهه وڌائيندا هئا ۽
کين گهربل مدد به ڪندا هئا. راجڪوٽ ۾ ياهُ جو امرلعل ماٽا. شري گوتومل
آهوجا ستگرو مهاراجن جي پريرڻا ۽ آسيس سان سوامي ٽيئونرام هاءِ

ڪئي وڃي ٿي. گهرجائو وديارٿين کي اسڪولي ۽ ڪاليجي فين لاءِ مدد ڪئي وڃي ٿي. گهرجائو نياڻن جي شادين ۾ مدد ڪئي وڃي ٿي. ساموهڪ شادين جو آيوجن ڪيو وڃي ٿو. بيمارن کي دوائن وغيره جي مدد ڪئي وڃي ٿي ڪٿي ٻه ڪو قدرتي ڪوپ ٿئي ٿو ته شيوادارين جي ٽولي اُتي سر زمين تي وڃي ستايلن جي شيوا ڪري ٿي. ڪوي ڪشنچند بيوس جون مصرائون آهن :

ولهن ۾ ٻه ونڊ، جي اٿئي مال ڌن،
نه ڌن آهي ڪافي ته پيٽا ڏي من،
نه من آهي موافق ته ارپي ڏي تن،
نه تن جي توانو ته مٺڙو وچن،
مگر ڪي نه ڪي توکي ڏيڻو ضرور،
فدا پريلي لاءِ ٿيڻو ضرور.

سندن گادي نشين سوامي ڀڳت پرڪاش مهاراج ۽ روحاني وارث سوامي ديو پرڪاش مهاراج پڻ ڪيترائي پراُپڪار جا ڪاريه ڪري رهيا آهن.

پياري موهن ڀهراڻي جي سهيوگ سان اُلهاسنگر ميونسپل ڪائونسل ۾ پلاٽ الاٽ ڪري ڏنا. سوامي ديو پرڪاش مهاراجن جي آسيس ۽ پياري ڀاءُ هوتچند واڌواڻي جي سهيوگ سان اسڪول ۽ ٻيا آشرم جون عمارتون ٺهي تيار ٿيون. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ به فرمائين ٿا. :

ڪليگ ۾ پرڌان هئه سيوا پن ستسنگ

ڪهي ٽيئون ان تي ڪيئي هووي دک ڀوَ ڀنگ

سوامي شانتي پرڪاش مهاراج مهان ڪرم يوگي خلق جا خدمتگار هئا. آڌياتمڪ مارگ درشڪ هئا، سماج سڌارڪ هئا. سوامي جن ڏيتي ليتي، طلاق، اڻگن خرچن، مانس آهار ۽ شراب ڀين نشيدار شين خلاف خوب پرچار ڪيو. سندن پروچن جو پرڀاءُ هزارن لوڪن تي پيو. هوُ اوچ ڪوٽيءَ جا سنت ڪوي ۽ دارشنڪ به هئا. ٻاهرين اکين جي روشنيءَ نه هوندي هنن هزارن لوڪن جي راه روشن ڪئي. هنن لوڪ ڪلياڻ جا ڪيترائي ڪاريه ڪيا. ياترين جي سهوليت لاءِ ستگرو مهاراجن اُلهاسنگر ۵ ۾ سوامي ٽيئونرام ڌرمشالا برپا ڪئي. هوُ سدائين مونکي شيوا ڪارين ڪرڻ لاءِ اُتساهت ڪندا رهيا ۽ چوندا هئا پيارا تنهنجو هٿ ڪڏهن نه منجهندو. ڏيندو رهه ڏيڻ ۾ ئي آنند آهي هن وقت ستگرو مهاراجن جو پرم شش سوامي ديو پرڪاش مهاراج سندن نقش قدمن تي هلي سمرڻ ۽ شيوا جي جوت جڳائي رهيو آهي. اڄ به سندن ادرشٽ ڪرپا سان سوامي شانتي پرڪاش ورڌا آشرم جنهن ۾ اٽڪل ۹۰ ٻيڙا ۽ ٻيڙيون رهن ٿا تن جي گهر جي ياتين وانگر ديک ڀال شيوا ٿي رهي آهي. جنتا جناردن پريشد طرفان نه صرف ٻيا آشرم سچارو روپ سان هلي رهيو آهي پر هر مهني اٽڪل ۷۵۰ گهرجائو پيئرن کي روڪ ۽ راشن جي سهايتا ڪئي وڃي ٿي. اٽڪل ۷۰۰ ڪان مٿي هر مهني سورداسن کي سهايتا

لاءِ فخر جي ڳالهہ هئي. هن فزڪس ۾ ايڪس ري وشيہ تي کوج ڪري مقالو لکي سڦلتا حاصل ڪئي. دادا جشن چاهي ها تہ وگيان جي کيتر ۾ نيون نيون کوجنائون ڪري وشوَ جو وڏو وگياني بڻجي سگهي ها. چاهي ها تہ آ. سي. ايس امتحان پاس ڪري ڪليڪٽر - ڪمشنر بڻجي سگهي ها! پر پنهنجي گرديو ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ جي آسيس ۽ سونهپ سان هي صاحب جڙو ادي وگياني نہ ٿي سچو وگياني ٿيو. وگيان جي معنيٰ آهي وشيش گيان، آڌياتمڪ گيان ئي سچو گيان آهي. اِهو گيان ستگرن سنتن جي سنگ ۽ سيوا ڪرڻ سان پراپت ٿئي ٿو. پيارو دادا جشن سوڀاڳيہ شالي هو جو گهر ۾ ئي ڪيس گرو دادا واسواڻي مليو. هي صاحب ڪاليج ۾ پڙهندي ايپاس ڪندي گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي چرڻن ۾ ويهي سندن شيوا ڪندي سندن ڪرپا جا ڪرڻا جهٽيندو رهيو. اڄ هي پيارو اسانجو روحاني راڻو پنهنجي پروچن، سڪيائن ذريعي لکن لوڪن جي سونهپ ڪري رهيو آهي.

سنہ ١٩٣٩ع ۾ پيارو دادا جشن سڀ عهدا اقبال ڇڏي سمرپت ڀاوَ سان گرديو ساڌو ٽي. ايل واسواڻيءَ جي سنگ ۽ سيوا ۾ رهيو. هوُ گرديو سان گڏ جدا جدا شهرن ۾ رٽن ڪندو رهيو. ستگرو جي سنگ سيوا ۾ ڪيس روحاني رنگ لڳو. دادا ساڌو واسواڻي جنهن وقت پروچن ڪندا هئا تہ پيارو دادا جشن سندن گيان جا ڳفتا لکندو هو. گرديو جي سنگ ۾ رهي هن ڪيترو نہ پرايو ۽ هنڍايو.

ديش جي ورهاڱي سبب پيارو ڀائو جشن گرديو ساڌو واسواڻيءَ سان گڏجي ١٦ نومبر ممبئيءَ ۾ آيو. فيبروري سنہ ١٩٤٩ع ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ پونا ۾ اچي ستسنگ سيوا جي جوت جڳائي. ڀائو جشن بہ سندن سيوا ۾ سڪريہ رهيو. دادا ساڌو واسواڻيءَ ميران پوميءَ ۾ پهرين ميران اسڪول شروع ڪيو ۽ نت نيم صبوح شام جو ستسنگ دوار ان نام جو سنديش ڏنو. ڌيري ڌيري ميران پوميءَ ۾ ڪيترائي خلق خدمت جا ڪاريہ شروع ٿيا، جنهن ۾ ڀائو جشن ۽ دادا گنگار ام ساجنداس تمام سڪريہ رهيا. پياري ڀائو جشن انگريزيءَ ۾ ايسٽ ويسٽ مخزن جو سمپادن شروع ڪيو. جنهن ۾ ساڌو واسواڻيءَ جا ليک اُپديش ۽ ٻين سنتن جا ليک پرڪاشت ڪندو هو. ڪ

پريم ۽ ديا جو اوتار
دادا جشن واسواڻي

پوڄيہ دادا جشن و اسو اڻي سنڌين جي سونهاري سنت دادا ساڌو ٽي. ايل و اسو اڻيءَ جا روحاني وارث آهن. دادا جن سوامي وويڪانند، سوامي رام تيرٿ، ساڌو ٽي. ايل و اسو اڻيءَ جيان پنهنجي گيان گريت پروچن دوار ان وديشين کي بہ مگڌ ڪري ڇڏيو آهي. هن سونهاري سنت ڀارت جي رشين منين ۽ گرديوَ ساڌو و اسو اڻيءَ جو سنديش سنسار کي سڻايو آهي. سندن جنم ٢ آگسٽ سنہ ١٩١٨ع ۾ حيدر آباد سنڌ ۾ شري پهلاجراءِ و اسو اڻي جي گهر ۾ ٿيو. شري پهلاجراءِ ساڌو ٽي. ايل و اسو اڻيءَ جو ڇاڇو هو. شري پهلاجراءِ گيلنو ان، ودوان، تعليمدان ۽ دياوان هو. پياري دادا جي ماتا ڪرشنا شري گرونانڪ ديو مهاراجن جي ڀڳتياڻي هئي. گهر جي ڀڳتي ميہ واتاورڻ ۾ ٻالڪ جشن جو پالن پوشڻ ٿيو. کيس شڀ سنسڪارن جي سمپتي وڏڙن وٽان ورثي ۾ ملي. ٻالڪ جشن ننڍپڻ کان پڙهڻ ۾ پروين ۽ تيز فهم هو. اسڪول ۾ ڊبل پروموشن کڻندو هو. ١٢ سالن جي ننڍي عمر ۾ مئٽرڪ امتحان پاس ڪري سنڌ ۾ رڪارڊ ٽوڙيو. انڪري کيس ڪيترائي انعام مليا. هوُ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڊي جي سنڌ نئشنل ڪاليج ۾ داخل ٿيو. هوُ پرتيڀا سمپن وديارٿي هو، انڪري ڪاليج جا پرفيسر ۽ پرنسيپال کيس ڏاڍو ڀائيندا هئا. ١٧ سالن جي ننڍي عمر ۾ هن بي ايس سي پاس ڪئي ۽ ساڳي ڪاليج ۾ فيلو ٿي ڪم بہ ڪيو. ساڻ ساڻ ايم ايس سيءَ جو ابياس بہ جاري رکيو. ١٩ سالن جي عمر ۾ هن صاحب ايم ايس سيءَ جو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو ۽ پهريون نمبر آيو. اِها سنتي جاتيءَ

دلين تي جادو لڳايو آهي. مناجهس مقناطيسي ڇڪ آهي. هوُ پريم ديا نمرتا سادگي سيوا جي ساڪيات صورت آهن.

پيارو دادا جشن آهي شيوا جي مورت. ١٢ جولاءِ ١٩٦١ع ۾ جڏهن پونا ۾ ٻوڏ پئي تڏهن هن پياري دادا جي آگيا سان ڪيئن نه پاڻ ٻين ستسنگين سان گڏجي ٻوڏ جي ستايلن جي سهائتا ڪئي.

جنوريءَ جو مهنو هو. پونا جي مير ان ٻوميءَ ۾ دادا و اسو اٿي جي ورسي اُتسوءُ جي سنيهڊ ۾ جاڳرتي ستسنگ ٿي رهيو هو. ڪي پريمي اڌرات جو پوريون تيار ڪري رهيا هئا. دادا جشن ستسنگ ۾ ويٺو هو. اوچتو هڪ بجي رات جو اُٿان اُٿي ور انبي ۾ آيو، جتي ٻئي ڏينهن جي لنگر پرساديءَ لاءِ پوريون تيار ٿي رهيون هيون. پيارو پاڻ پوريون ترڻ ويٺو. ڪلاڪن ڪلنپوءِ وري پاڻ سان هڪ سوُ ڪن ڪمبل کڻي اٽڪل ٢ بجي رات جو نڪتو، پونا جي فوٽ پاٿن تي سمهيل سيءَ ۾ ٺڪندڙ، اناٿ ٻيو اهن کي ڪمبل وجهڻ لاءِ! ڪيتّي نه ديا هن جي دل ۾ دريدرن دکين لاءِ آهي. هو ڪروٽا جو روپ آهي.

گاجرات ڪاڇ ۾ ڀوڪمپ ٿيو ته دادا جشن هڪدم هيلڪاپٽر ۾ ڊاڪٽرن جي ٽيم وٺي گانڌيدام زخميلن جي علاج لاءِ مفت ميڊيڪل ڪئمپ شروع ڪئي. آديپور ۾ ساڌو و اسو اٿي نگر ٺهرائي سوَن پيڙتن کي نو ان اجها ڏنا. اُنهن جي وقتائتي مدد ڪئي.

لاتور ۾ ڀوڪمپ ٿيو ته اُٿي به دادا جن ڀوڪمپ پيڙتن کي نو ان گهر ٺهرائي ڏنا.

پيارو دادا جشن پيار جي پر تيمورتي آهي. هڪ دفعي مان امتحان جي ڪم سانگي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ويٺو هوس. اُن ڏينهن پيارو دادا جشن بمبئيءَ ۾ رهيل هو. اوچتو اُن وقت منهنجو خيال ڪاڇي ويو پياري دادا جشن ڏانهن. ڪين دل سان ياد ڪيم ۽ سندس درشن لاءِ پياس به پيدا ٿي، مگر يونيورسٽيءَ جي ڪم سبب مان وڃي ڪين سگهيس. جڏهن رات جو سنتونگر ۾ گهر آيس ته منهنجي ترمپتني لاجونتيءَ چيو ته دادا جشن توهان لاءِ ٻائي نانڪ هٿ پرسادي موڪلي آهي. ٻائي نانڪ اسان جي گهر جي ويجهو رهندو هو. مون هڪدم اُن کي گهر ايو ڪائنس، پڇيو ته پيارو دادا جشن

آميريڪا جي انٽرنئشنل ائڪيڊمي سنڌس لکيل انگريزي ڪتاب دي اسٽوري آف سمپل مئن تي ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ جي آنرري ڊگري عطا ڪئي پر جنهن کي نام جي ڊگري ملي سو سنساري ڊگرين کي ڇا ڪندو!

ساڌو واسواڻيءَ جي پريرڻا ۽ آسيس سان ميران يوميءَ ۾ ميران گرلس ڪاليج برپا ٿيو. دادا واسواڻيءَ پنهنجي پرم پياري پائو جشن کي آگيا ڪئي ته هو ڪجهه وقت ان ڪاليج جو پرنسيپال ٿي ٻالڪين جي رهبري ڪري. گرديو جي آگيا اکين تي رکي. پياري پائو جشن ميران ڪاليج جو پرنسيپال ٿي، ٻالڪين ۾ پر ارٿنا، پوترتا، سيوا، سنيهه، سهڻپ تي سادگي سنيم ستيه جا ٻج ڇٽيا ۽ کين ڀارت جي رشين منين جو سنديش سڻايو. پياري پائو جشن ڪاليج ۾ گيان جي گنگا پرواهت ڪري ٻالڪين کي نه صرف پستڪن جو گيان ڏنو، پر جيون لاءِ راهه روشن ڪئي. ميران اسڪول جون ٻالڪيون پرنسيپال جشن واسواڻيءَ جو وياکيان ٻڌڻ لاءِ منتظر هونديون هيون.

پيارو پائو جشن دادا ساڌو واسواڻيءَ جي خدمت ڪرڻ لاءِ هر وقت مڪيو حاضر هوندو هو. رات جو گرديو کي پيرن ڏئي آرام ڪرائي پوءِ پاڻ آرام ڪندو هو. هو رات جو ننڊ ڦٽائي گرديوَ جي پرگهور لهندو هو. دادا جشن پنهنجي جيون ۾ گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي سکيائن ۽ سڌانتن جي ساکي ڏني آهي. سنڌس من ۾ دادا واسواڻيءَ لاءِ اٽوٽ ڀڳتي ڀاونا ۽ شرڌا آهي. دادا ٻه ڪيس ڏاڍيو پائيندا هئا. هڪ دفعي دادا واسواڻي چيو ته پيارو جشن آهي منهنجي ٻوڙهن ۽ پرارٿنائن جو ٻالڪ. منهنجي دل اندر هن پياري واسطي ڪيڏو نه پيار آهي. هن پياري ۾ ڪيترين ئي شڪتيون ۽ گڻ آهن. اوهين جيڪر انهن شڪتين جو فائدو وٺڻ جو يتن ڪريو. هن پياري جي دل اندر قرب آهي ننڍڙن وڏڙن غريب دکين لئه عجيب پيار آهي.

وشو جي مهان ويو تي دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ ١٦ جنوري، ١٩٦٦ سنساري سفر پورو ڪري برهملين ٿيا. سنڌن روحاني وارث پياري دادا جشن واسواڻيءَ پنهنجي گرديو جي پونجي کي وڌايو آهي. يعني ستسنگ ۽ سيوا جا ڪاريه وڌايا آهن. هن ميران يوميءَ کي ڪرم يومي ۽ پريم يوميءَ بڻائي ڇڏيو آهي. هن سنت سڄاڻ پنهنجي ڀڳتي ساڌنا رهڻي ڪهڻيءَ سان هزارن

دادا جشن ور ور ڪري سنگت کي اپيل ڪندو آهي ته پکين پسن کي ملڻ لقمو نه ٻڌايو. انهن تي ديا درشٽي ڪريو. جيو ديا جي جوت جڳايو. دادا جشن مسڪينن، محتاجن، دکين ۽ دريدرن ۾ داتار جو درشن ڪري ٿو.

پيارو دادا جشن رتي ستيءَ جو مالڪ آهي، پر اُن ڳالهه جي ڏيکاري اصل ڪين ڏيندو آهي. ستپرش سديوُ ڳجهه ڳوهه ۾ ڳنڊيندا آهن. هڪ دفعي ملن پوني ملن و اپس سنتونگر ۾ گهر آيس. اُن وقت منهنجي هڪ عزيز پيٽ آيل مئي، جنهن کي ڪيترن مهنن کان هٿن ۾ ڪو مرض هو. هن ڪيتر ائي ڊاڪٽر پيٽيا هئا، مگر ڦڪين فرق ڪين ڪيو. مون کيس پياري دادا جشن وٽان مليل ڦل ڏيندي چيو، تون هي دادا جشن جو پرساد کڻ ته تنهنجو دکه دور ٿيندو. اُن پيٽ وشو اس رکي اُهو ڦل کاڌو. ٻن ڏينهن کانپوءِ مرض مان شفاياب ٿي وئي.

دادا جشن جي دل ديا جو ڀنڊار آهي. هو ٻين جو دکه پنهنجو ڪري سمجهندو آهي. هڪ دفعي دادا ورلي بمبئي کان ڪار ۾ لنگهي رهيو ته سندس نظر پکين جي پڃرن تي پيئي. ڪو شخص اُهي بند پيل پکي پڃرن سوڏا وڪڻي رهيو هو. دادا هڪدم ڪار روڪائي هيٺ لٿو ۽ اُن شخص کان سڀ پکي خريد ڪري بروقت ئي اُنهن پڃرن جا در کولي سيني پکين کي اڏائي آزاد ڪيو.

پياري دادا جشن اُٿي چيو ته پريوءَ پکين کي پر ڏنا آهن اڏامڻ لاءِ، مگر اسين پنهنجي سوارٿ لاءِ کين قيد ڪريون ٿا. ڪي ورڇ اُنهن گگدام پکين کي ملڻ کائين ٿا. اُهي پکي به پريوءَ جو روپ اٿو. اُنهن پکين کي به پيار ڏيو.

پياري دادا جشن جو درشن ڪري ۽ وچن ٻڌي دل باغ بهار ٿئي ٿي. هوُ نه صرف ڀارت جي مگر وشو جي مهان وڀوتي آهن. ڏهه سال اڳ داس کي فرئڪچر ٿي پيو. پياري دادا جن کي اها خبر پئي ته داس لاءِ مير ان ستسنگ ۾ پرار ٿنا ڪيائون ورچ اسپتال ۾ مون سان ۽ منهنجي پتني لاج سان فون تي ڳالهائيندي آٿت ڏنائون. ٽن چئن مهنن بعد ۴ نومبر منجهند جو اوچتو داس جي سار لهڻ لاءِ گهر هيٺان خاص اُلهاسنگر -۵ ۾ آيا ۽ اچي ڪيڏي نه عنايت ڪري آسيس ڪيائون. داس جي دل پرجي آئي ته پيارا دادا ڪيڏي نه ديک ڀال ڪن ٿا ۽ پنهنجو پيار پيئارن ٿا.

توکي ڪٿي ۽ ڪٿهن ڳڏيو ۽ منهنجي لاءِ توکي پرساد ڪيئن ڏنائين؟

شري نانڪ ورائيو، دادا جشن اڄ منجهند جو ڪلر ۾، دربار ۾ ڳڏيا. مون کين چيو تہ مان ديال آشا جي گهر پرسان سنتو نگر ۵ ۾ رهندو آهيان تڏهن دادا جشن تو لاءِ پاڇيو ۽ تو لاءِ پرساد بہ ڏنو.

ساڳيو ڏينهن ساڳيو وقت، مون پياري دادا جشن کي ياد ڪيو. سنت ستپرش دلين جا ڄاڻو آهن، ڪيڏو نہ پيار ۽ همدردي ڏين ٿا.

دادا جشن تي ديش کي فخر آهي. هي صاحب پهريون پارتيہ آهي جنهنکي آمريڪا ۾ يو ٿانٽ شانتي پرسڪار سان سنمانت ڪيو ويو. پياري دادا جشن جو درشن ڪري ۽ وچن ٻڌي دل باغ بهار ٿئي ٿي. هو نہ صرف پارت جي مگر وشو جي مهان ويو تي آهن. ٽہ سال اڳہ داس کي فرئڪاچر ٿي پيو. پياري دادا جن کي اها خبر پئي تہ داس لاءِ ميران ستسنگ ۾ پرارٿنا ڪيائون وري اسپتال ۾ مون سان ۽ منهنجي پتني لاج سان فون تي ڳالهائيندي آٿت ڏنائون. ٽن ڇئن مهنن بعد ۴ نومبر منجهند جو اوچتو داس جي سار لهڻ لاءِ گهر هيٺان خاص الهاسنگر - ۵ ۾ آيا ۽ اچي ڪيڏي نہ عنايت ڪري آسيس ڪيائون. داس جي دل پرجي آئي تہ پيارا دادا ڪيڏي نہ ديک پال ڪن ٿا ۽ پنهنجو پيار پيئارن ٿا.

دادا جشن واسواڻيءَ ۽ پياري بابا گنگارام ساجنداس ساڌو واسواڻيءَ جي شيوا ڪارين جو وڪاس ڪيو آهي. سندن پرشارٿ سان ساڌو واسواڻيءَ مشن طرفان دان داتائن جي سهيوگ سان پونا ۾ ساڌو واسواڻيءَ انئڪ هٽرائي هاسپيٽل ۽ هٽرائي ڪئنسر ريسرچ سينٽر، بابا گنگارام هارٽ سينٽر، پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻي آءِ سينٽر برپا ٿيا آهن. جن مان هزارين دکي شفاياب ٿي رهيا آهن. پياري دادا جشن جي دل ۾ دکي لوڪن لاءِ درد آهي، همدردي آهي. هو پاڻ وچي مريضن جي سنڀال لهندا آهن. هو پين جو دک پنهنجو دک سمجهي اُن کي دور ڪرڻ جو يتن ڪندا آهن. ڪڇ ۾ ڀوڪمپ ٿيو تہ دادا جن پاڻ هيليڪاپٽر ذريعي آديپور ڳانڌيدام ۾ تتڪال علاج لاءِ آپريشن ٿيئٽر شروع ڪيو ۽ سهائتا جو هٿ ڏگهيڙيو. ڪاجهہ وقت بعد سٺا مڪان ٺهرائي سوَن کي سهٺا گهر ڏنا.

يونيورسٽي گيٽ وٽ چڙهيندي. دادا جن پاڻ دروازي تائين ڇڏڻ آيا ۽ سامهون واري بس اسٽاپ ڏانهن وڃڻ لاءِ چيائون. مان بس اسٽاپ طرف ويس ۽ بس جي انتظار ۾ ويٺو هوس تہ ڏسان منهنجو منٺو محبوب منٺار دادا پنهي هٿن ۾ ڪجهہ کڻي تڪڙا تڪڙا قدم کڻي بس اسٽاپ طرف اچي رهيا هئا. مان هڪدم اُن طرف ويس. پياري دادا پاڻ مان چيو پيارا ديال مان توليہ گرم گرم ڪاڏو کڻي آيو آهيان. مون سوچيو تہ منهنجو پيارو صبوح جو تيار ٿيل ٿڌي روٽي کائي ۽ مان. گرم پوڇن ڪانو ان! انڪري مان توليہ هيءَ پليٽ کڻي آيو آهيان. دادا مونکي بس اسٽاپ طرف وٺي آيا ۽ چيائون تہ دہلو ڪول تون پنهنجو ٿڌو ڪاڏو ڪيئي ڏي ۽ هن پليٽ وارو گرم ڪاڏو تون کڻي وڃ ۽ پوءِ پلي يونيورسٽيءَ ۾ ڪائج. توکي يونيورسٽيءَ مان ٿي وري واپس اُلهاسنگر وڃٹو آهي نہ تہ توکي هلي بنگلي تي ڪارايان! دادا جا اهي مٺر پيار وارا وچن ٻڌي دل پرجي آئي. پياري دادا پاڻ پليٽ وارو گرم ڪاڏو دہلي ۾ وجهي ڏنو. جڏن دادا بنگلي طرف وڏيا تہ مان بہ ساڻس وڃڻ لڳس تہ مونکي روڪيندي چيائون تہ پيارا تنهنجي بس اچڻ واري آهي. تون پلي بس اسٽاپ تي وڃي ويهہ. منهنجو پرين اُس ۾ پنڌ ڪري داس لاءِ گرم ڪاڏو کڻي آيو. ڪيڏي نہ سندن عنايت جو هڪ نالائق نوڪر تي نيهن جي نوازس ڪيائون. سال گذري ويا آهن پر اڄ بہ اُهو نظارو اکين اڳيان تري رهيو آهي.

پياري دادا جشن کي شاعر اٽي دل آهي. هن صاحب سنڌي سنت ڪاويہ جا گهڙا پريا آهن. دادا جن انجلي، جي تخلص سان سوين پڳتي گيت رچيا آهن.

سندن پڳتي گيتن جا سنگرهہ ''انجليءَ جا آلاپ'' ''انجليءَ جا گيت''، ''قتيل دل جا قول''، ''ڪر قبول قدمن ۾'' گذريل صديءَ ۾ مان ڇپائي شايع ڪيا. سندن ''ٻوڙهن جي مالها'' ۽ ٻيا ڪي سنگرهہ بہ پرڪاشت ٿيا. تازو نومبر سنہ ۲۰۱۴ع ۾ پياري دادا جشن واسو اٽيءَ جو '' انجلي سنگرهہ '' گرنٿ سائيز هڪ هزار پيڄن جو شايع ٿيو آهي. اِهو گرنٿ ساڌو واسو اٽي مشن پونا طرفان پرڪاشت ڪيو ويو

مان جڏهن به پونا ويندو آهيان تہ پهرين دادا واسوانيءَ جي سماڌيءَ تي نت مستڪ ٽيڪي. دادا جي ڪٽيا ۾ بہ نمسڪار ڪري پياري دادا جشن جو درشن ڪندو آهيان ۽ پوءِ ئي پاسي ويندو آهيان. هڪ دفعي داس ڪي پونا يونيورسٽيءَ ۾ امتحان جا جو ابي پيپرس ڏيٽا هئا. مان پهرين پونا اسٽيشن تي لهي ميران يومڪيءَ ۾ ويس. سماڌي آستان ۽ مٿي دادا جي ڪٽيا ۾ پرڻام ڪيم ۽ پوءِ دادي ستيءَ کان پڇيم تہ منهنجو پيارو دادا جشن ڪٿي آهي؟ دادي ستيءَ چيو تہ دادا جشن اڄ آرتي بنگلي اونڌ ۾ ويو آهي. مان ڊاڪٽر لهي جئن هيٺ لٿس تہ داديءَ ستيءَ مٿان مونکي سڏيندي چيو تہ پٽلي پلائي دادا جشن وٽ نہ وڃج. اسان کي سخت منع ٿيل آهي. منهنجي دل دادا جشن ڏانهن ڪاهي ويئي. مون سوچيو تہ پونا يونيورسٽيءَ ۾ تہ ڪنهن مهل بہ وڃي سگهان ٿو. پهرين پنهنجي پرين کي پسان پوءِ ٿو يونيورسٽيءَ ۾ وڃان. مان بس ۾ چڙهي سنڌي سوسائٽيءَ ۾ پهتس ۽ پڇا ڪئي تہ آرتي بنگلو ڪٿي آهي؟ ڪنهن ڏس ڏنو جيڪڏهن شارٽ ڪٽ وڃڻ چاهيو تہ وچ تي پاڻيءَ جي ڪسي اڌو نہ تہ هيو رستو بہ آهي. مان چيو سهڻي ميهار لاءِ اڌ رات جو درياهہ پار ڪري ملڻ ويندي هئي. هيءَ تہ ڪسي آهي. مان ڪسيءَ وارو رستو وڃي پيرن هوڙ پاڻي ٽپي ويمُ آرتي بنگلي تي پهتس ۽ در کڙڪايم تہ هڪ وڏو ڪتو ڀؤنڪيندو سامهون آيو. مان ڇرڪي ويس. وري در جو بيل وڃايم تہ نوڪر نڪري آيو. مان اُن کي چيو تہ مونکي دادا جو درشن ڪرڻو آهي!

دلبر جو در کليو. وڃي ور انبي ۾ ويٺس. منهنجا مٺڙا محبوب دادا جشن ٻاهر آيا. سندن درشن ڪندي اکڙيون ٺري پيون. دل باغ بهار ٿي پيئي. اُن وقت پياري دادا داس کان حال احوال پڇيو ۽ ڪاٿي ڪائڻ جي آڇ ڪئي. مون کين وينتي ڪئي تہ صبوح جو ڪاليج ۾ پاڙهي ٽرين ۾ چڙهي پونا يومڪيءَ ۾ نت مستڪ ٿي اوهان وٽ آيو آهيان. مناجهند جي روٽي لاج ٺاهي ڦني آهي. مان تہ اوهانجي پيار جو پياسي آهيان. دادا جن مونکي ميوو پرساد روپ ۾ ڏنو ۽ چيو تہ پيارا هڪ بس هُن طرف وئي آهي اُها واپس ايندي ۽ توکي پونا

ڳرديو جي احسانن جو ذڪر ڪندي دادا جن چون ٿا :-

تنهنجي مهر ڪيڻي ڪيڻو تنهنجو احسان

ڏسين ڪين ڏنگايون مٺا آهين مهربان

تو جهڙو نا پيو ڪو آهي ساري جهان

ڪريان تو تان قربان هيءَ جند ۽ جان

جئہ جئہ ڳرديو، جئہ جئہ تيرو نام

پيئي انجلي پڪاري دادا شيام! دادا شيام.

پوجيہ دادا جشن پنهنجي ستگروءَ ڪي سدائين ساڻ محسوس ڪن ٿا. ڳروءَ ۾ سندن ايڏي تہ شرڌا آهہ جو هوُ دادل شاهہ جي آڳيا کان سواءِ ہِہ قدم ٻاهر ڪين نڪرندا آهن. ڪين جدا جدا شهرن مان پياسي دليون پڪاريندون آهن. تڏهن بہ هوُ ستگروءَ جي مورتيءَ اڳيان چٺيون رکي آڳيا وٺندا آهن. جيڪڏهن چٺيءَ ۾ ها نڪرندي تہ اُن شهر ڏانهن ويندا آهن. ڳرديو ۾ سندن ڪيڏو نہ صدق آهہ

هت هُت هر هنڌ سچڻ آهين ساڻ،

هٿ کان وٺي پيو هلائين تون پاڻ،

دادل پيارو آهي ديال،

ڪئن تہ لهي پيو روز سنڀال.

پياري دادا جشن جي سنتي ڪاويہ تي سندن ڳرديو ساتو ٿي. ايل و اسو اٽيءَ جو پرپڪُ ظاهر ظهور آهي. دادا جشن پاڻ اونهو اپياسي آهي انڪري سندس نثر بہ اثرائتو آهي. سندن تازو شايع ٿيل ڪاويہ ڳرنٿ 'اَنجلي سنگرهہ' هن صديءَ ۾ سنتي پڳتي ڪاويہ ۾ هڪ وڏو اضافو آهي.

آهي. پوجيه دادا جشن واسوانيءَ جو اهو ”انجلي سنگرهه“ هن صديءَ ۾ سنتي ڀڳتي ڪاويه ۾ مڪ وڏو اضافو آهي. پيارو دادا جشن واسواڻي هن يگ جو مهان سنت دارشنڪ وڌوان گيانوان روحاني رهبر آهي. سندن تحرير ۽ تقرير ۾ تاثير آهي، جادوئي اثر آهي. هن وقت سندن عمر ٩٨ سال آهي. جڏهن هو ڳالهائين ٿا ته سندن منهن مان موتي ٽپڪن ٿا. سندن نوراني نظر نهال ڪري ڇڏي ٿي. پوجيه دادا جشن واسواڻيءَ جو ”انجلي سنگرهه“ سنتي ڀڳتي ڪاويه جو املهه خزانو آهي اونهو عميق آهي ڪو گياني غواص ان عميق ۾ ٽٻي هڻي لعل لوڇي اچي. شاهه لطيف جو بيت آهي :

اي گت غواصن، جن سمنڊ سوجهائون
پيهي منجهه پاتار ماڻڪ ميڙيائون
آڻي ڏنائون هيرالعل هٿن سين

پوجيه دادا جشن واسواڻي پنهنجي گرديو ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي نوري گرنٿ جو اونهو اڀياس ڪيو آهي ۽ اڄ به هوُ نت نيم نوري گرنٿ پڙهندا آهن. پرمپرا ڪان پرياوت دادا جشن واسواڻيءَ جي مک مان گيتن جي گنگا ڌارا پرواهت ٿيندي رهي ٿي. سندن گيت دل جي اونهائيءَ مان نڪتل آهن. پياسي دل جي پڪار آهن جن ۾ سوز ۽ درد آهي. هوُ اوچ ڪوٽيءَ جا سنت ڪوي آهن.

گرو مهما

سنت ڪوين جي پرمپرا انوسار دادا جشن واسواڻيءَ جي گيتن ۾ گرديو ساڌو واسواڻيءَ لاءِ اننيه شرڌا ۽ ڀڳتي ڀاونا پريل آهي. هوُ پنهنجو پير پيغمبر سروَسوَ پنهنجي گرديو ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ کي مڃين ٿا.

گرديو ديالو دادل منهنجا سائين!
منهنجو پير پيغمبر سڀ تون ئي آهين.

پوجيه دادا جشن پنهنجي گرديو دادل شاهه جي تمام ويجهو هوندي به کين پرارٿنا ڪن ٿا :-

پنهنجي در تي دادل! ڪري خادم بيهار
من ڪنهن ڏينهن سياڻي ملي مهر نهار.

اسڪالرشپ جي روپ ۾ گهرجائو ۽ لائق وديارٿين کي ڏيئي سندن همٿ افزائي ڪري سندن آئينده روشن ڪندو هو. دادا هوتچند آڏواڻي واڌومل فائونڊيشن، ميسرس ڪشنچند چيلارام ٽرسٽ ۽ ٻين ڪيترن ٽرسٽن جي ٽرسٽي يا چيئرمن طور پڻ گهرجائو وديارٿين، مريضن ۽ گهرجائن جي ڪافي سيوا ڪندو هو. هُو صاحب واڌومل فائونڊيشن جو پڻ وائيس چيئرمن هو. جنهن جي سهاري مهيم بمبئيءَ ۾ راتي ۽لائي واڌومل سئنيٽوريم هلندڙ هو ان سئنيٽوريم مان سوين ٽي.بيءَ جا بيمار شفاياب ٿيا. هن وقت اها اسپتال برهمڪماري سنستا هلائي رهي آهي.

دادا هوتچند آڏواڻي ساڌو واسواڻي مشن پونا سينٽ ميران ڪاليج ايڊيوڪيشن بورڊ جو پڻ چيئرمن هو. هُو صاحب جئہ هند ڪاليج بورڊ جو پڻ پريزيڊنٽ هو. پنهنجي ڪارگر رٿائن ۽ صلاحن سان ڪاليجن جي رهنمائي ڪندو هو. هُو صاحب ڏاڍي بردباريءَ ۽ قابليت سان اِهي عهدا سنڀاليندي وديارٿين چاهي پروفيسرن کي پنهنجي دل جو پيار ڏئي سندن مسئلا ڏيرج سان سلجهائيندو هو.

هي صاحب سنڌو ريسٽلمينٽ ڪارپوريشن گانڌيڌام جو پڻ ڪيترا سال چيئرمن هو. هي صاحب پنهنجي ڪارگر صلاحن سان سونهپ ڪندو رهيو. هي صاحب 'هندستان' اخبار جي بورڊ جو پڻ چيئرمن هو. ايڏا عهدا هُو صاحب ڪيڏي نہ خبرداري ديرينائي ۽ قابليت سان سنڀاليندو هو. سندس وڪالت جو ڪيترو پڻ صرف پارت تائين محدود ڪين هو، مگر وديش جي جدا جدا شهرن ۾ ڪن خاص فرمن جي وڪالت پڻ ڪندو هو. اُنهن جا اُلجهيل مسئلا سلجهائيندو هو.

دادا هوتچند گوپالداس آڏواڻيءَ جو جنم ٢٢ اپريل سنہ ١٩٠٧ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ شري گوپالداس جهمٽمل آڏواڻيءَ جي گهر ٿيو. سندس پتا شري گوپالداس آڏواڻي پنهنجي زماني جو هڪ مشهور ۽ قابل وڪيل هو. هي صاحب پڻ حيدرآباد ڪارپوريشن جو ڪارپوريٽر هو. هن صاحب حيدرآباد شهر جي ڪافي سيوا ڪئي. دادا هوتچند کي وڪالت ۽ سيوا جي ڏات بہ پوج پتا جن وٽان عطا ٿي. سندس فرزند اشوڪ آڏواڻي بہ وڪالت جو اِمتحان پاس ڪيو. هُو ڪيترا سال حيدرآباد سنڌ ڪاليجئيٽ بورڊ جو

تعليمدان ۽ قابل قانوني ماهر
بئريسٽر دادا هوتچند آڏواڻي

حيدرآباد هيرن جي کاڻ هئي. اُهي هيرا جن پڳتي، گيان چاهي ڪرم جي کيترن ۾ جلوو جمال ڏيکاري سنڌي قوم جو ڪنڌ مٿي ڪيو آهي. انهن آبدار هيرن مان بئريسٽر شري هوتچند گوپالداس آڏواڻي هڪ اوليه هيرو هو. جوهري ئي سندس قدر ڪندا. سورهان آنا سون هو پر پوءِ سنتن جي سنگ ۾ پارس ٿي پيو. سندس سوڀاڳيه هو جو کيترن سالن کان سنڌ جي مهان وڀوتي ساڌو ٽي ايل واسواڻيءَ سان سندس سنيهه سنبنڌ رهيو. هوُ ميران ايجوڪيشن بورڊ جا چيئرمن ٿي رهيا. پياري دادا جشن وسواڻيءَ جي سنگ ۽ سمپرڪ ۾ دادا هوتچند آڏواڻيءَ کي روحاني رنگ لڳو.

دادا هوتچند آڏواڻي هڪ قابل قاعديدان، اعليٰ تعليمدان، انيوي پرشاسڪ، دلير، ديرينو داناهه خدا ترس شخص هو. هوُ صاحب ٨٥ ورهين جي برڌ اوستا ۾ پڻ اتاهه شيوا جا ڪاريه ڪندو رهيو، شايد ٣٥ سالن جو جوان به ايترا ڪم ڪري ڪين سگهي. وڪالت جي مشغولين جي باوجود پڻ هوُ صاحب ڪيترو نه وقت جاتيءَ ۽ ديش جي ڀلي جي ڪارين ۾ خرچ ڪندو هو. هوُ صاحب حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ جو پريزيڊنٽ هو. سندس پريرڻا، پرشلرتا ۽ پرنسيپال ڪي ايم ڪننئاٽيءَ جي پريشرم سبب ئي ان بورڊ جي طرفان ممبئيءَ جي وشال نگري ۽ الهاسنگر ۾ ٢٠ ڪاليج برپا ٿي سگهيا آهن. اهي ڪاليج سنڌي جاتيءَ جا دائمي يادگار ٿي رهندا. دادا هوتچند آڏواڻيءَ جون تعليمي کيتر ۾ ڪيل خدمتون سدائين ڪيس زنده رکنديون. وديا دان اُتم دان آهي. دادا هوتچند هزارن وڙان پڻ هزارين روپيا فين ۽

ڪندا هئا. منهنجي ساهتيڪ ۽ سماجڪ شيوا ئن سبب مون کي پلئيندا هئا.
مون جڏهن سنہ ١٩٧۴ ۾ پي. ايڇ.ڊي ڊگري حاصل ڪئي تڏهن ٿيسز ڇپائڻ لاءِ مون کي بورڊ طرفان پنج هزار روپيا ڏيڻ ٿي چاهيون پر مون کين چيو تہ اوهانجي مهرباني. مان اهي پئسا ٿوري وقت لاءِ وٺان ٿو وري بورڊ کي واپس ڪندس. مون ٿيسز ڇپائي ڪجھہ ڪاپيون وڪڻي بورڊ کي پنج هزار واپس ڪيا. مون وائيس پرنسيپال جي پد لاءِ ڪا بہ درخواست ڪين ڪئي هئي. اوچتو ئي هن صاحب پرنسيپال ڪندناڻيءَ جي صلاح سان اهو پد داس کي ڏنو.

دادا هوتاچند آڏواڻي مون کي شيوا ڪارين ۽ ساهتيہ سرجن لاءِ پڻ سدائين همٿائيندو رهيو. مان جڏهن ڪي سي ڪاليج ۾ سنڌي ليڪچرار ٿيس تڏهن صرف مان بي. اي. پاس هوس. دادا هوتاچند آڏواڻي ۽ پرنسيپال ڪي. ايم ڪندناڻي صاحب مون کي وڌيڪ تعليم جي حاصلات لاءِ بہ پريرت ڪندا رهيا. هئي شخصيتون منهنجي ساهتيڪ، سماجڪ ۽ تعليمي خدمتن کان متاثر هئا. مان جڏهن الهاسنگر ۾ سوامي شانتي پرڪاش پيدا آشرم جي نئين عمارت جي بنيادي پٿر جو اُتسو آيوجت ڪيو تڏهن پنهي عالمن اُن اُتسو ۾ شرڪت ڪرڻ جي عنايت ڪئي ۽ وياکيان ڪندي منهنجو اُتساهہ وڌايو. پيڻ سلوتري آڏواڻيءَ ۽ پيڻ جوتو ڪندناڻي پڻ شرڪت ڪئي.

ممبئي يونيورسٽي سنڌي وڀاڳ جي لاءِ ستن سڄڻن درخواست ڪئي. مان بہ درخواست ڪئي پر ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي آگيا انوسار مان انٽرويو ڏيڻ ڪين ويس. ستگرو مهاراجن چيو پيارا پريو توکي هتي ئي وڌائيندو، نوڪري لاءِ ممبئي نہ وڃاڄ. هفتي کن کان پوءِ ممبئي ۾ دادا هوتاچند آڏواڻي مليا ۽ هڪدم مونکي مٺي دپ ڪيندي پڇيائون تون انٽرويو ڏيڻ ڇو نہ آئين؟ مان چونڊ ڪاميٽيءَ جو چيئرمن هوس، تو سونهري وجھہ وڃايو. مان باادب کين چيو تہ انٽرويو کان هڪ ڏينهن اڳ رات جو مان پنهنجي ستگرن سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کان انٽرويو ڏيڻ لاءِ پڇيو ستگرو مهاراجن ممبئيءَ ۾ نوڪري ڪرڻ لاءِ منع ڪئي.

پريزيڊنٽ ٿي ڪاليجن جو ڪاروبار هلائيندو رهيو.

دادا هوتاچند پوچ پتا جن وانگر حيدرآباد ۾ ڪارپوريشن جو ڪارپوريٽر ٿي، ڪيترائي شهر سڌاري ۽ شيوا جا ڪاريه ڪندو رهيو. دادا جن جي من ۾ ڌارمڪ پلونا ڪوٽ ڪوٽ پريل هئي. هو صاحب وشو هندو پريشد جي ڪاريه ۾ پڻ پنهنجو وڏندو هو. سندس ڌرم پتني ساوتري آڏواڻي پڻ هڪ پڙهيل ڳڙهيل سماج شيوڪا هئي ۽ ڀڳتياڻي هئي. دادا هوتاچند جي سڦلتا ۾ پيڻ ساوتري آڏواڻيءَ جو پڻ يوڳدان سماجڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته استري شڪتيءَ جو پرتيڪ آهي.

پياري دادا هوتاچند کي ائمبيسيڊر ٿيڻ جي آڇ ٿي پر هن صاحب خلق جي خدمت صدقي ان آڇ جو تياڳ ڪيو. هي صاحب ڏاڍو قدردان هو. دادا هوتاچند آڏواڻي سنڌ ڪان ئي پوڄيه دادا ٽي ايل واسواڻيءَ جي سنگ ۽ سمپرڪ ۾ آيو. دادا واسواڻي ورهاڱي بعد جڏهن پونا ۾ اچي رهيا ته شري هوتاچند آڏواڻي جي اڻٿڪ ڪوششن سان ميران اسڪول وارو شاهي پلاٽ ۽ بلڊنگ برڊر هوڊ کي سستي اگهه ۾ مليا. دادا هوتاچند وقت به وقت پونا ۾ دادا واسواڻيءَ وٽ ايندا هئا، سندن درشن ڪري آننت ٿيندا هئا.

دادا ساڌو واسواڻيءَ جي برهملين ٿيڻ ڪانپوءِ به هو سنتا سان جڙيل رهيا ۽ دادا جشن جي تمام نزديڪ آيا. دادا جشن کين ڏاڍي عزت ڏيندو هو. سنڌين جو بزرگ نشڪام شيوڪ ۽ اعليٰ تعليمدان اوچ ڪوٽيءَ جو قابل قاعديدان دادا هوتاچند گوپالداس آڏواڻي اوچتو ئي اوچتو سنساري سفر سماپت ڪري ۸۵ سالن جي عمر ۾ هتر ٦ ميءِ ١٩٩١ تي پريوءَ جي پلر ڏانهن رمندو رهيو.

دادا هوتاچند زندگيءَ جا پويان ست ڏينهن کيئن نه پرڪرتيءَ جي گود لوناوالا ۾ پوڄنيه دادا جشن واسواڻيءَ جي سنگه ۾ ڌيان ۽ سانت ۾ گذاريا، دادا جشن سان کيئن نه روح رهاڻيون ڪيائين. بمبئيءَ واپس وريو ان ڏينهن ئي اڌرات جو پکيئڙو پرواز ڪري ويو!

بئويستو هوتاچند آڏواڻي مون سان پيار پلايا. هي صاحب ڪاليجئيٽ بورڊ جو پريزيڊنٽ هو ۽ مان سندن ڪاليج ۾ ليڪچرار مقرر ٿيس. هو صاحب مون کي سنيهه به ڏيندا هئا ته سنمان به ڏيندا رهيا. هو منهنجو ڏاڍو قدر

پرنسيپال ڪي ايم ڪندناڻي صاحب

سنسار رنگ منچ آهي. هرڪو پنهنجو پنهنجو پارٽ ادا ڪندو رهي ٿو. ڪي ڪي شخص پنهنجي جيون جو پارٽ اهڙي ته اثرائتي نموني ادا ڪن ٿا جو سندن يادگيريون دائما رهن ٿيون. پرنسيپال ڪي. ايم ڪندناڻي صاحب به اهڙين شخصيتن مان هئا جن هن ڪرم ڀومي تي پنهنجي اُتم ڪرم جي امٽ ڇاپ ڇڏي.

پنهنجي وطن کان اکيڙيل سنڌي جاتيءَ ممبئيءَ جي وشال نگر ۾ واپار ۽ هنر جي کيتر ۾ به پاڻ موکيو آهي ته علم جي کيتر ۾ به سنڌين جون علمي خدمتون نه صرف سنڌين تائين محدود آهن پر هزارين غير سنڌي وديارٿين به فيض حاصل ڪيو آهي ۽ ڪري رهيا آهن. حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ، جئه هند ڪاليجئيٽ بورڊ، سوامي وويڪانند ايجوڪيشن سوسائٽي اِن ڏس ۾ لاثاني علمي ڪاريه ڪيو آهي. انهن تعليمي سنستائن لکن وديارٿين جي راهه روشن ڪئي آهي.

نکر ڪيل تعليمي ادارن ۾ حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ سنڌين جي هڪ وڏي ۾ وڏي تعليمي سنستا آهي، جنهن ممبئي ۽ اُلهاسنگر ۾ آرٽس، ڪامرس، سائنس فارمسي اليڪٽرانڪ انجنيئرنگ، لا ڪاليج ڪُل ٢٠ ڪن ڪاليج برپا ڪري وديا جي کيتر ۾ وڏو يوگدان ڏنو آهي. بئريسٽر دادا هوتچند آڏواڻي ۽ پرنسيپال ڪي. ايم ڪندناڻي صاحب ان بورڊ جا روح روان هئا. هن وديا جي باغ جا بينظير باغبان هئا. بئريسٽر هوتچند آڏواڻي بورڊ جا پريزيڊنٽ هئا ته پرنسيپال ڪي. ايم ڪندناڻي صاحب سيڪريٽري هئا.

پرنسيپال ڪندناڻي صاحب اڻٿڪ ساهسي ڪاريه ڪرتا. اعليٰ

ستگرن جي آگيا اکين تي رکي مان انٽرويو ڏيڻ کين آيس. مطلب تہ دادا هو تاچند آڏواڻي چاهيندو هو تہ مان کو عهدو ماڻيان. هو وصيع دل انسان هو. منهنجي ترقي ڏسي خوش ٿيندو هو. اهڙا قدردان مڻا ماڻهو ملڻ مشڪل آهن. دادا هو تاچند آڏواڻي مون سان وڏا ورڻ ڪيا. مان سندن احسان ڀلائي نٿو سگهان. ڪجهہ سالن بعد مون کي جئہ هند ڪاليج ممبئيءَ جي پرنسيپال جي آڇ ڪيائون. وري مون کي نئشنل ڪاليج باندرا جي پرنسيپال جي آڇ ڪيائون. ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي آگيا انوسار سنتونگر ۾ شيوا ڪارين ۾ مشغول هئڻ سبب داس اها آڇ قبول ڪين ڪئي دادا هو تاچند آڏواڻيءَ جيون ليلا سماپت ڪرڻ کان هڪ ڏينهن اڳ شام جو مون کي چانڊي ٻائي منسکاڻي ڪاليج جو پرنسيپال مقرر ڪيائون. سندن فراخ دلي ۽ قدر شناسي جيون ڀر ڪين ڀلائيندس. سندن سپتر شري اشوڪ آڏواڻي بہ مون سان ڀال ڀلايا.

(آڪاشو اڻي ممبئيءَ تان پرسارت)

پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري سنه ۱۹۴۹ع ۾ چئن مهنن جي اندر باندرا ممبئيءَ ۾ رشي ديارام گدومل نئشنل ڪاليج برپا ڪيو. ممبئي شهر ۾ هي سنڌين جو پهريون ڪاليج پنهنجي بلڊنگ ۾ هو. ان ڪاليج برپا ڪرڻ لاءِ پرنسيپال ڪنڊناڻي صاحب جي ترم پتني شريمتي جوتو ڪنڊناڻيءَ پنهنجا ڪي زيور وڪڻي پنهنجي ڪلتڪي آرٿڪ سهيوگ ڏنو. انُ دور ۾ اهو ڪاليج، نالي وارو ڪاليج هو. اِن ڪاليج مان نه صرف سنڌي پر غير سنڌي هزارين وديارٿين فيض حاصل ڪيو. ان ڪاليج ۾ سنڌي وديارٿين کي پرنسيپال ڪنڊناڻي صاحب هر پرڪار جو سهيوگ ڏيئي اعليٰ تعليم ڏيئي اُتساهت ڪيو.

پرنسيپال ڪنڊناڻي صاحب پنهنجي بزرگ متر بئريسٽر هوتچند گوپالداس آڏواڻيءَ جي ساٿ ۽ سهڪار سان وديا جي کيتر ۾ اڳتي وک وڌائي. هن صاحب سنه ۱۹۵۴ع ۾ چرچگيٽ ممبئي ۾ ڪشنچند چيلارام ڪاليج برپا ڪيو. ڪين اينٽي ته لگن لڳل هئي جو هوُ سر زمين تي بيهي تتي ٿتيءَ جو خيال نه ڪري موجوده ڪشنچند چيلارام ڪاليج جي عمارت ڇهن مهنن ۾ تيار ڪرايائون. هو انجنيئر به پاڻ هئا ته آرڪيٽيڪٽ به پاڻ هئا. ڪشنچند چيلارام ڪاليج هاڻ ڪي.سي.ڪاليج نالي پرسڌ آهي ۽ ممبئي جي مکيه ڪاليجن مان هڪ آهي. هوُ انُ ڪاليج جا پڇاڙيءَ تائين پرنسيپال ٿي رهيا. ممبئي يونيورسٽيءَ پرنسيپال ڪنڊناڻيءَ جي لاءِ خاص ٺهراءُ پلس ڪيو ته هوُ صاحب ڪاليج جا برپا ڪندڙ صاحب آهن، جيسين سندن صحت سٺي سالم آهي تيسين هوُ پرنسيپال جو پد ماڻي سگهن ٿا. سندن حالت ۾ عمر جو ڪو بنڌن ڪين آهي. هو جڏهن ڪلاس ۾ پاڙهيندا هئا ته تنميه ٿي پاڙهيندا هئا پيرڊ پورو ٿي ويندو هو تڏهن به هوُ پيا پاڙهيندا هئا. ڪاليج ۾ چڪر لڳائيندي هو ڪڏهن ڪڏهن ڪلاس ۾ گهڙي پوئين ڊيسڪ تي ويهي پاڙهيندڙ پروفيسر جي پڙهائي نظر مان ڪيندا هئا. سنه ۱۹۶۴ع ۾ مان ڪي سي ڪاليج ۾ سنڌي پاڙهي رهيو هوس ته ڪلاس ۾ اچي پوئين ڊيسڪ تي ويهي منهنجي پڙهائي جو انداز نظر مان ڪيائون. هوُ صاحب ڪڏهن ڪڏهن پروفيسر ڪامن

تعليمدان، قابل ۽ اورچ شاخص هئا. سندن جنم ٢٤ آگسٽ ١٩٠٣ع ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ شري موتيرام ڪنڊناڻيءَ جي گهر ۾ ٿيو. سندن جنم جو نالو خوشيرام هو. سندن پتا شري موتيرام ڪورٽ ۾ مئجسٽريٽ هئا. پرنسيپال ڪنڊناڻي صاحب پنهنجي اسڪولي جيون ۾ ئي جلوو جمال ڏيکاريو. هو پڙهڻ ۾ به پرويڻ هو تہ راندين ۾ بہ اول نمبر ايندو هو. هي اعليٰ دماغ ڪاليج جو پهريون سال بي جي سنڌي ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهيا ۽ پوءِ وڌيڪ ابياس ممبئيءَ جي ايلفنسٽن ڪاليج ۾ ڪيائون. وديارٿي جيون ۾ پڙهڻ، ترڻ ۽ راندين ۾ نالو ڪڍيائون. هي صاحب پهريان سنڌي هئا جن ممبئي يونيورسٽي مان ايم اي سي فزڪس امتحان پلس ڪيو.

شري ڪندناڻي صاحب سنہ ١٩٣٠ع ۾ رشي ديارام گدومل ڪاليج حيدرآباد سنڌ ۾ ليڪچرار مقرر ٿيا. هن صاحب پنهنجي اورچائي ۽ قابليت سبب سڀني ئي ڪاليج ۾ سنہ ١٩٤٧ع ۾ پرنسيپال جو پد پراپت ڪيو. هوُ نہ صرف وديارٿين جي ابياس ڏانهن ڌيان ڏيندا هئا پر وديارٿين جي سلريرڪ ۽ مانسڪ وڪاس لاءِ بہ ڪافي اُپاءَ عمل ۾ آڻيندا هئا. ان ڏس ۾ هن صاحب ڪراچيءَ ۾ رام باغ گاڏي کاتي ۽ حيدرآباد سنڌ ۾ ديوان رتن سنگهہ کلابسنگهہ جي ميدان تي ڪسرت شالا کولي وديارٿين کي ڪسرت ڪرڻ لاءِ همٿائيندا هئا. سنہ ١٩٣٢ع ۾ هن صاحب جو وواهہ ڪماري جوتو سيتلداس پنوانيءَ سان ٿيو. هوُ ڪاليج ۾ پڙهيندي گرهست جي گاڏي هلائيندي ڪرم يوگي هئا. هوُ صاحب ڪاليج ۾ پڙهندڙ گهرجائو وديارٿين کي فيس ۾ خاص رعايت ڪندا هئا. ڪن کي آرٿڪ مدد بہ ڪندا هئا. اُنهن جي پڙهائيءَ ڏانهن بہ خاص ڌيان ڏيندا هئا. پرنسيپال جي پد تي هوندي سدائين پيا مشڪندا هئا. قداور شڪل شبيءَ جا سهڻا شاندار شخصيت جا مالڪ هئا.

ديش جي ورهاڱي سبب پرنسيپال ڪندناڻي صاحب وطن سنڌ جا وڻ ڇڏي ممبئي ۾ آيا. سندن اڇا هئي تہ ممبئيءَ ۾ بہ وديا جي جوت جڳائجي، جئن اساناجا سنڌي جوان اعليٰ تعليم حاصل ڪري سگهن. ان سپني کي ساڪار ڪرڻ لاءِ هن صاحب مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيندي

تي اچي نظر مان ڪيندا هئا. ٺيڪيدار جي سونهپ ڪندا هئا. ڪين عمارت اڏڻ جي مال جي اگهن جي به پوري پوري ڄاڻ هوندي هئي. اڄ اِهو ڪاليج ڦليو ڦوليو آهي. اڄ ان ڪاليج ۾ اٽڪل ڏهه هزار وديارٿي پڙهن ٿا. جدا جدا ڪورسز کوليا ويا آهن.

سنه ١٩٥٨ع ۾ پرنسيپال ڪندناڻي صاحب دنيا جي دؤري تي ويا. انگلنڊ، جپان، آميريڪا، يورپ، هانگ ڪانگ ۽ منيلا جون يونيورسٽيون نظر مان ڪيائون. هوُ صاحب ممبئي يونيورسٽي جي ڪن خاص ڪاميٽين جا ميمبر رهيا اختياريءَ وارن کي سهٽيون صلاحون ڏيندا رهيا.

حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ جي پريزيڊنٽ بئريسٽر هوتچند گوپالداس آڏوا ٽيءَ جي صلاح سان پرنسيپال ڪندناڻي صاحب ڪولابا ممبئي ۾ بي. ايڊ ڪاليج ۽ انگريزي ماڌيم اسڪول برپا ڪيا. هن صاحب اُلهاسنگر ۾ فارمسي ڪاليج برپا ڪيو جو اڄ ڪي. ايم ڪندناڻي ڪاليج آف فارمسي نالي مشهور آهي. ورلي ممبئيءَ ۾ به فارمسي ڪاليج برپا ڪيو. هن صاحب جي ئي پرشارٿ سان ممبئيءَ ۾ شري ٿٿومل شهاڻي ڪاليج آف انجنيئرنگ، ڪاليج آف اليڪٽرانڪ، ڪمپيوٽر ڊپلوما ڪاليج، شري گوپالداس جهمٽمل آڏوا ٽي لا ڪاليج، ڪاليج آف مئنيجمينٽ وغيره تعليم جا مرڪز برپا ٿيا. اڄ انهن ڪاليجن مان روز نه صرف سنڌي پر هزارين غير سنڌي اعليٰ علم حاصل ڪري رهيا آهن. وديادان اُتم دان آهي. رات ڏينهن پاڻ پتوڙي پرنسيپال ڪندناڻي صاحب نه صرف نڪر ڪيل ڪاليج اسڪول برپا ڪيا پر اُنهن جي پوري پوري ديک ڀال به ڪندا رهيا. پرنسيپال ترمداس ڪشتريا، سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول گرانٽ روڊ ممبئي، جئه هند پرائمري اسڪول، جئه هند ائڪيڊمي هاءِ اسڪول، شري گنگارام رامناڻي سنڌ نئشنل هاءِ اسڪول، حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ کي ارپت ڪيا. پرنسيپال ڪندناڻي صاحب انهن سڀني اسڪولن جي چڱيءَ ريت ديک ڀال ڪندا رهيا.

هوُ صاحب غريب گهرجائو وديارٿين جو خاص خيال ڪندا هئا. ڪين وتوائن جي ڀلن جي اون هوندي هئي، مونکي به تاڪيد ڪندا هئا ته پيارا اُنهن

روم ۾ اچي پروفيسرن سان دل کولي ڳالهائيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن پروفيسرن سان اچي چيس راند به ڪندا هئا. هو ٻاهران سخت پر اندر ڪشمش وانگر نرم دل هوندا هئا.

ٿورن سالن بعد پرنسيپال ڪندناڻي صاحب باندرا ۾ نئشنل ڪاليج لڳ ڪامرس ڪاليج برپا ڪيو. اِن ڪاليج لاءِ لکين روپيا دان ڪري اِن ڪاليج تي پنهنجي پوجيه ماتا مٺي ٻائي موتيرام ڪندناڻي نالو رکايائون. اڄ اهو ڪاليج ايم. ايم. ڪي ڪاليج نالي سان پرسڌ آهي. ان ڪاليج بعد وري ڪي. سي ڪاليج لڳ ملسلارام ريجهومل ڪامرس ڪاليج برپا ڪيائون. اهو ڪاليج ايڇ. آر ڪاليج نالي سان مشهور آهي ۽ ناميارو ڪاليج آهي. سڀني ڪاليج بلڊنگ ۾ پرنسيپال ڪندناڻي صاحب پريزيڊنٽ دادا هوتچند آڏواڻيءَ جي صلاح ۽ سهڪار سان ڪشنچند چيلارام (ڪي. سي. لا) ڪاليج شروع ڪيو. ان ڪاليج مان سوَن وديارٿين وڪالت جو امتحان پاس ڪيو. اڄ به سوين وديارٿي فيض حاصل ڪري رهيا آهن.

اُلهاسنگر سنڌين جو خاص مرڪز هو. اُتان جي وديارٿين کي اعليٰ تعليم ڏيڻ لاءِ پرنسيپال ڪندناڻي صاحب سنه ۱۹۵۸ع ۾ سرڪار کان پلاٽ وٺڻ لاءِ لک پڙهه ڪئي. سندن اِها ڪوشش ڪامياب وئي. کين اُلهاسنگر ۳ ۾ ڪاليج برپا ڪرڻ لاءِ شاهي پلاٽ مليو. هن صاحب پنهنجي عزيز شري گنگارام همتمل منسڪاڻيءَ کان هڪ لک روپيا دان وٺي سندن ماتا (پنهنجي سس) شريمتي چانڊي ٻائي همتمل منسڪاڻي ڪاليج سنه ۱۹۶۵ع ۾ برپا ڪيو. ان ڪاليج جي عمارت جي اڏاوت جو ڪم سنه ۱۹۶۴ ۾ شروع ٿيو. تن ڏينهن هي صاحب ڪي. سي. ڪاليج ۾ ڊيوٽي ڏيئي بنا پوڇڻ ڪائڻ جي مانجهند جو ۲ بجي ننڍڙ اُس ۾ اُلهاسنگر ۾ پهچي ويندا هئا ۽ نئين عمارت جو ڪم پاڻ نظر مان ڪيندا هئا. مان ان وقت ڪي سي ڪاليج ۽ ايڇ آر ڪاليج ۾ سنڌي پاڙهيندو هوس. پرنسيپال ڪندناڻي صاحب جو ڪم ۽ اوستا خيال ۾ رکي عجب لڳندو هو ته ڪيترين مشغولين هوندي به هو پاڻ ڪيتري نه دلچسپيءَ سان چانڊي ٻائي ڪاليج جي عمارت جي اڏاوت جو ڪم سرزمين

ڪولڻ لاءِ ڪاليجئيٽ بورڊ جي پونئجي وڌائيندا رهيا. دان پڇ ۾ به سندن هٿ هو. غريب گهرجائو ۽ وچولي پوش وديارٿين لاءِ سندن من ۾ ڏاڍي همدردي هئي. انهن جو ذڪر ڪندي ڪڏهن ڪڏهن سندن اکين مان لڙڪ لڙندا هئا. پوجيه دادا ساڌو ٽي. ايل واسواڻي، پوجيه دادا جشن واسواڻيءَ ۽ يڳي پڳو انداس مسند لاءِ سندن من ۾ ڏاڍي شرڌا هوندي هئي. هو صاحب هر سال پنهنجو جنمدن ڪڏهن هوٽل ۾ نه ملهائي پنهنجي گهر ۾ ئي شري گروگرنٿ صاحب جو پاٺ رکائي نام ڪيرتن ڪرائيندا هئا. انِ موقعي تي پنهنجي ويجهن عزيزن ۽ ڪن پروفيسرن کي دعوت ڏيندا هئا ۽ آيل يائر پينر رات جو پوڄن ورتائيندا هئا. داس ته هر سال ان اُتسو ۾ شرڪت ڪري ستسنگ به ڪندو هو ته سندن ڪيل ڪاريه جي ثنا به ڪندو هوس. هوُ صاحب ڏيکاءَ کان ڏور سادي نموني جنمدن ملهائيندا هئا.

پرنسيپال ڪندناڻي صاحب مون سان به وڏا وڙ ڪيا. جي وسارڻ جا ڪين آهن. هو مونکي سدائين همٿائيندا رهيا ۽ منهنجي رهنمائي به ڪندا رهيا. هوُ منهنجا ڏاڍا قدردان به هئا. هڪ دفعي چاندي ٻائي منسڪاڻي ڪاليج جي وارشڪ اُتسو موقعي تي ليڪچر ڪندي اوچتو منهنجي قدرشناسي ڪندي پترائي ڪيائون ”پروفيسر ديال ’آشا‘ کي ڪاليجئيٽ بورڊ طرفان چانديءَ جي ٿالهي پيٽ ڪئي ويندي.“ اِها پترائي ٻڌي ڪاليج جي پرنسيپال ۽ ڪن پروفيسرن جي من ۾ حسد جي باهه پڙڪو کاڌو. مان ٻئي ڏينهن پرنسيپال ڪندناڻي صاحب کي فون ڪيو ته اوهان منهنجي قدرشناسي ڪرڻ لاءِ چانديءَ جي ٿالهي تحفي طور مونکي ڏيڻ جي پترائي ڪئي ان لاءِ احسانمند آهيان. پر ان پترائيءَ ڪن جي دل ۾ رنجش پيدا ڪئي آهي. انڪري مونکي اوهان جو قرب ئي ڪافي آهي.

پرنسيپال ڪندناڻي صاحب مونکي پنهنجو وشواس پاتر سمجهي ڪي مخفي ڳالهيون به ٻڌائيندا هئا. مان ڏهين پندرهين ڏينهن ساڻن ملڻ ويندو هوس. گهڻو ڪري منجهند جو رسوئيءَ وقت هوُ کاڌو به کائيندا هئا حالي احوالي به ٿيندا هئا. هو صاحب مونکي شيوا ڪارين لاءِ سدائين همٿائيندا رهيا. مون هنن کان ڪڏهن به ڪنهن پد جي گهر ڪين ڪئي. بئريسٽر هوتچند گوپالداس

جو وڏيڪ خيال ڪندو ڪر. انُهن وديارٿين لاءِ ڪين اپني تہ همدردي هوندي هئي جو سندن اکڙين مان ڪنهن ڪنهن ڳوڙها ڳڙندا هئا. مون کين وياجهڙائيءَ سان ڏٺو هو، هو ڪيڏا نہ موم دل هئا. هو چوندا هئا تہ ڪو بہ وديارٿي آرٿڪ حالت سبب وديا کان محروم نہ رهي.

پرنسيپال ڪندناڻي صاحب پروفيسرن ۽ وديارٿين جي سهوليت لاءِ لونلو الا ۾ ڪاليجئيٽ بورڊ طرفان 'هاليبي هوم' برپا ڪيو. اُتي هوُ پاڻ بہ ڪنهن ڪنهن ہہ ٽي ڏينهن رهندا هئا. وقت بہ وقت اُتي سيمينارس بہ ٿيندا رهيا. اڄ بہ ڪيترائي پروفيسر ۽ وديارٿي اُن جو لاڀ وٺن ٿا. هي صاحب وديارٿين جي نہ صرف تعليمي پر سارير ڪ ۽ مانسڪ وڪاس ڏانهن بہ توجہ ڏيندا هئا.

پرنسيپال ڪندناڻي صاحب جي تعليمي شيو ائن جي قدرشناسي ڪرڻ لاءِ ممبئيءَ جي راڄ ڀون ۾ مهاراشٽر جي گورنر کين سونو ميبل پيٽ ڪري سنمانت ڪيو. پرنسيپال ڪندناڻي صاحب جي عزت ۾ جئہ هند ڪاليج چرچگيٽ ممبئي ۾ سنمان اُتسو آيوجت ڪيو ويو. مهاراشٽر جي تعليمي وزير پروفيسر رام جوشيءَ هٿان پرنسيپال ڪندناڻي صاحب کي سون جي پليٽ ڏياري سنمانت ڪيو ويو. ان موقعي تي بئريسٽر هوتاچند آڏوائي، ممبئي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر ۽ ٻين عالم شاخص پرنسيپال ڪندناڻي صاحب جي ڪيل خدمتن جو ذڪر ڪندي سلراهہ جون سُرڪيون پريون.

پٽيءَ جي پرڪٽيءَ ۾ پٽنيءَ جو بہ يوگدان رهي ٿو. پرنسيپال ڪندناڻي صاحب جي پٽني جوتو ڪندناڻي کين جيون پر سلٿ ۽ سهيوگ ڏيندي رهي. هوءَ ڀيڻ شري گرونانڪ ديو مهاراجن جي ڀڳتياڻي هئي. هوُ نت نيم گروائيءَ جو پاٺ ڪندي هئي ۽ پنهنجي گر دربار پائي ڀڳو انداس مسند جي آستان تي وينڌي هئي. پرنسيپال ڪندناڻي صاحب ڀڳوان پولانلت شنڪر جو اُپاسڪ هئا. سندن اڃا هئي تہ چانڊي پائي همتمل منسڪاڻي ڪاليج جي مکيہ دروازي کان پوءِ هڪ پلسي ڀڳوان شنڪر جو مندر هاجي. مون سان بہ ئي دفعا اهڙي اڃا جو اظهار ڪيائون. بئي خداترس هئا.

پرنسيپال ڪندناڻي صاحب پنهنجي نالي کي سارٿڪ ڪيو. سندن نالو شري خوشيرام هو تہ هو صاحب خوش مزاج بہ هئا تہ هو پنهنجي اسٽاف کي بہ سدائين خوش رکندا هئا. کين ٻين کي خوش رکڻ ۾ آنند جو انبو ٿيندو هو. هو ڪاليج جو خرچ بہ پڪائيءَ سلن ڪندا هئا. هوُ نوان نوان ڪورسز ۽ ڪاليج

آئو اٽي بورڊ جو پريزيڊنٽ چاهي سيڪريٽري پرنسيپال ڪنڌناٽي صاحب مونکي پڙهيندا هئا ۽ قدر ڪندا هئا. ٻنهي صبرن پاڻ ۾ صلاح ڪري مونکي ڦهرين چاندي ٻائي منسڪاٽي ڪاليج جو وائيس پرنسيپال ۽ ڪجهه سالن بعد پرنسيپال مقرر ڪيو. مون ڪڏهن انهن عهدن ماڻ لاءِ درخواست ڪين ڪئي. اِها سندن ڀلمانسائي هئي جا سندن وسارڻ جي ڪين آهي. مان سندن جيون مان گهڻو ڪجهه پرايو.

پرنسيپال ڪنڌناٽي صاحب ٻئريسٽر هوتاچند گوپالداس آئو اٽي صاحب جي پرلوڪ پڌارجڻ ڪانپوءِ حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ جا پريزيڊنٽ ٿي علم جي جوت جڳائيندا رهيا. هو ورڌ اوستا ۾ هوندي جوانن کان وڌيڪ چست هئا. اوچتو سندن صحت ساٿ نه ڏنو. علاج لاءِ کين جسلوڪ ۾ داخل ڪيو ويو. ٦ نومبر ملن پڏرام لعلچنداٽيءَ سان گڏجي جسلوڪ اسپتال ۾ ساڻن ملڻ ويس. اُن وقت هو انٽينسوَيونٽ ۾ داخل هئا. مان همٿ هٽي اندر هليو ويس. اُتي به پرنسيپال ڪنڌناٽي صاحب مون سان روح رهاڻ ڪندي شريمد ڀڳود گيتا جي ڪرم يوگ جو ذڪر ڪيو. ڪاليج جو حال احوال ورتو. انسينٽوِ يونٽ ۾ هوندي به کين ڪاليج جي اون هئي. ٧ نومبر سنه ١٩٩٢ع ۾ پرنسيپال ڪنڌناٽي صاحب ٨٨ سالن جي عمر ۾ سنسلري سفر پورو ڪري پرماتما جي پار ڏانهن رمندا رهيا. سندن جيون اسان لاءِ پريرڻا جو سرچشمو آهي. هوُ صاحب سنڌين جا سرتاج هئا. تعليم جي کيتر ۾ سندن ڪيل خدمتون لاثاني آهن. سندن برپا ڪيل ڪاليج سندن امر يادگار ٿي رهندا.

(آڪاشو اٽي ممبئي تان پرسلرت)

0-61
97F

CEIVED FROM REVERED **DADA J.P. VASWANI** ON THE OCCASIO
ISHWARIBAI BUXANI LIFE - TIME ACHIEVEMENT AWARD"
ON HELD ON SATURDAY, THE 10th JANUARY, 2009 AT MUMBAI

پياري ديال آشا جو توهين سنمان ڪري رهيا آهيو. توهانکي ڌنيو اد.

In honouring Prof. Dr. Dayal Asha, you are honouring one who deserves all honour.

پياري پنهنجي سموري جيون لوڪ سيوا ۾ خرچ ڪئي آهي. نہ فقط اِنسانن جي سيوا ڪئي اَٿائين، پر پسن پکين کي ڪين وساريو اَٿائين. سوَن هزارن جي تعداد ۾ پائرن ۽ پينرن ۽ خاص ڪري وديارٿين کان پرتيگيا پتر ورتا اَٿائين تہ هو ساچي زندگي هنسا جي ڪاڌي کان پري رهندا.

پياري ڊاڪٽر ديال آشا ڪيترائي پستڪ لکيا آهن. مونکي عجب لڳندو آهي تہ هرروز ڪيترا ڪلاڪ دکين دردرن جي شيوا ۾ خرچ ڪندي هي پيارو ڪٿان وقت آڻي تو جو اَهڙا سندر پستڪ، اونهن ويچارن سان پريل، تيار ڪري ٿو. ڪيترن سنتن ڀڳتن جا جيون چرتر لکيا اَٿائين. ڪيترا پرسڪار ڪيس مليا آهن. پر پاڻ ڪهڙو نہ نماڻو آهي. ودوان آهي پر ڪيس وديا جو اَيمان ڪين آهي. نئرت ۽ نياز جي تصوير آهي. ڪيس سنتن ستپرکن، پرڀوءَ جي پيارن لاءِ عجيب شرڌا آهي. اَيپاسي اِنسان آهي. سادگي ساڌنا جي جيون رهندو آهي.

پيارو پرڀو پنهنجي مهر ۾ مونکي دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾ وٺي هليو آهي ۽ جدا جدا قسمن جي ماڻهن سان ملاقات ڪرڻ جو وجهہ مليو آهي. مان سچ سان بنان ڪنهن ڊاءُ سان چئي سگهان ٿو تہ ڊاڪٽر ديال آشا هڪ لاثاني انسان آهي. سندس هردي اَندر پرڀوءَ جي نام لاءِ بکہ آهي. پرڀوءَ لاءِ عظيم پيار آهي ۽ دکين دردرن، غريبن مسڪينن ۽ ورڌ استا وارن واسطي همدردي آهي.

پياري ڊاڪٽر ديال آشا جي پيار ۽ شيوا ڀري زندگيءَ جو هڪ ئي پيغام آهي : جي ڪي تيڻ چاهيو تہ ڀين کي سکي ڪريو. سندس رڳہ رڳہ ۾، رت جي هڪ هڪ ڦڙي ۾ غريبن واسطي پيار سمايل آهي. سندس چرنن ۾ مان سر نمايان ٿو ۽ ڀڳل سنتي سنگت واسطي آسيس پنان ٿو.

دل پيارو پرڀو ڪيس سالم صحت ۽ وڌي آورجا بخشي جئن پنهنجا ڪلياڻڪاري ڪاريہ ڪندو رهي ۽ لوڪن کي نام ۽ ديا جي راهہ تي هلڻ لاءِ اُتساهت ڪندو رهي!

ڌنيواد! ڌنيواد! ڌنيواد!